سنت مارگ

مهاڳ

سنت مارگ ۾ رادا سوامي ستسنگ بياس جي موجوده سنت ستگورو مهاراج چرنسنگهه جن سنت مت يا گورو مت جي مول سڌانتن کي نهايت سرل ۽ سندر ڍنگ سان سمجهايو آهي. در اصل، هي پستڪ مهاراج جن سندن سنگره ڪيل "سنت باڻي" جي ڀومڪا ڪري لکيو هو پر روحانيت جي جگياسن جي لاڀ واسطي انهيءَ کي الڳ پستڪ جي روپ ۾ ڇپايو ويو.

سنت مارگ جا هندي، اردو، گرمکي ۽ انگريزي ڇاپا اڳيئي ظاهر ٿي چڪا آهن ۽ هتي هي ڇاپو سنڌي جنتا ۽ خاص ڪري ستسنگين ۽ پرمارٿي پريمين لاءِ پيش ڪجي ٿو. شري ڪرشن باباڻي هن ڪتاب جو سنڌي انواد ڪيو ۽ شري منگهارام ديال ڇپائڻ جو پربنڌ ڪيو. اسين انهن سڀني جا سندن شيوا لاءِ ٿورائتا آهيون.

ڪي. ايل. کنا

سيڪريٽري

وشيه سوچي

وشيه	صفحو
ڪرمن جو قانون	٣
سنسار جي حالت	١٢
پرماتما هڪ آهي	١٧
پرماتما اسانجي اندر ۾ آهي	٢٢
ڌرمي جي رڪاوٽ	٣٠
سچو نام	٤٤
سمرن ۽ ڌيان	٥٤
آتمڪ مارگ	٦٣
سنتن جي سنگت	٧٥
سنت جو اصلي سروپ	٨٥
سچو گرو	٩١
سچي پوڄا ۽ ڀڳتي	١٠٣
سنساري اڇائون	١١٥
منش جيون جو مقصد	١٢٠
نمرتا	١٢٩
پرماتما جي ڪرپا	١٣٣
سنتن جو سنديش	١٣٧

سنت مارگ

"شڪر کنڊ نباتِ گڙ ماکيون ماجها ڌڌ،
سڀي وستوُ مٺيان رب نہ پڄن تڌ."

(بابا فريد)

(کنڊ، مصري، نبات، ماکي ۽ ميٺهن جو کير، اهي سڀ مٺا آهن پر اي پرماتما! جيڪر تون ۾ ميتاج آهي، جيڪر تنهنجي ڀڳتيءَ ۾ آنند آهي انهيءَ سان ڪنهن به دنيوي رس جو مقابلو ڪونهي.)

ڪهڙي به قوم، ڪهڙي به مذهب، ڪهڙي به ملڪ يا وقت ۾ جيڪي به مهاتما آيا آهن انهن سڀني جو ساڳيو اپديش آهي. هو دنيا ۾ قوم يا مذهب ناهڻ لئا اچن ۽ نہ ئي اسان کي هڪ ٻئي سان لڙڻ ۽ جهڳڙڻ سيکارين ٿا. بلڪ هوُ اسان جي اندر مالڪ جي ڀڳتيءَ جو چاه ۽ پيار پيدا ڪرڻ واسطي ۽ دنيا جي بندنن کان آزاد ڪري، مالڪ سان ملائڻ واسطي اچن ٿا. ليڪن اسين دنيا جا جيوُ اهڙن مالڪ جي ڀڳتن ۽ پيارن جي وڃڻ بعد باهر مُکي ٿيو پوُن ۽ ڪرم ڪانڊ ۾ ڦاسيو وڃون ۽ انهن مهاتمائن جي اصلي انيو ۽ اپديش کي وساري ڇڏيون. تنهن کانسواءِ هنن جي سچي تعليم ۽ روحانيت کي قومن ۽ ملڪن جي تنگ نديُن دائرن ۾ بند ڪري، هڪ ٻئي سان لڙڻ ۽ جهڳڙڻ شروع

ڪيو ڇڏين. اهو سڀ پنهنجي مان وڏائيءَ واسطي يا پنهنجي
پيٽ خاطر ڪرين ٿا. جنهن وقت اسين انهن مهاتمائن جي
سکيا، جا ڪل عالم واسطي ساڳي ليکي آهي، تنهن کي
ننڍن ننڍن دائرن ۾ بند ڪري قومن ۽ مذهبن جي شڪل
ڏيڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا ته انهن مالڪ جي ڀڳتن سان
انهيءَ کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي بي انصافي ٿي سگهي ٿي!

مهاتما سڀ کان پهرين اها ڳالهه سمجهائين ٿا ته هيءَ رچنا
جا نظر اچي رهي آهي ۽ جيڪو دنيا کي هلندو چلندو
ڏسون ٿا سو سڀ ڪا ڪان پاڻيهي پيدا ڪرڻ لير آهي. انهيءَ
رچنا جو ڪرڻ ڪو رچيندڙ ضرور آهي. اهو ڪير آهي؟
اهو هڪ ئي پرماتما آهي جنهن جا اسان پيار ۽ شردا ۾ اچي
گهٽمٽي ٿالا رکيا آهن. جيڪي ڪجهه اکين سان ڏسي رهيا
آهيون سو انهيءَ پرماتما ئي پيدا ڪيو آهي. اسانجي آتما
انهيءَ پرماتما جي انس آهي. اسين سڀ انهيءَ ست نام روپي
سمنڊ جا قطرا آهيون ۽ هڪ ئي سورج جا ڪرڻا آهيون.
ڪبير صاحب فرمائين ٿا:—

"ڪهه ڪبير ابهه رام ڪي انس."

تلسي صاحب جن فرمائين ٿا:—

"چولي لوک بسه اک سوامي،
جير انس أس انتر يامي."

گوسائين تلسيداس جن رامائڻ ۾ فرمائين ٿا:—

"ايشور انش جير ابناشي،
سه چيتن گهن آنند راشي."

آتما انهي هڪ رام يا پرماتما جي انس آهي. گرو نانڪ
صاحب جن پڻ اهڙي اپديش ڏني ٿا:—

"آتم ۾ رام، رام ۾ آتم،
چينس گرو بيچارا."

يعني آتما جي اندر پرماتما آهي ۽ پرماتما جي اندر آتما آهي. مثال طور انب جو وڻ ڪيڏو نه وڏو ٿيندو آهي ۽ ان جو ٻج ڪيڏو ننڍڙو ٿيندو آهي. جيڪڏهن ڪير اسان کي سمجهائي ته هن ننڍڙي ٻج جي اندر هيڏو وڏو انب جو وڻ آهي ته اها ڳالهه آسانيءَ سان اسانجي سمجهه ۾ نه ايندي. ليڪن جنهن وقت اسين انهيءَ ٻج کي زمين ۾ ڇٽيون ٿا ۽ ان جي سنڀال ڪريون ٿا تڏهن آهستي ننڍڙي ٻوٽي مان وڏي ڪيڏو نه وڏو انب جو وڻ ٿي پوندو! پوءِ ٿي اسان کي پتو پوندو ته انهيءَ ننڍڙي ٻج ۾ ايڏو وڏو انب جو وڻ آهي ۽ انهيءَ وڻ جي اندر انب جو ننڍڙو ٻج سمايل آهي. اهڙي طرح گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته جڏهن گورمکن ۽ مهاتمائن جي اپديش انوسار هلي پنهنجي اندر کوج ڪنداسين ته اسان کي پتو پوندو ته آتما جي اندر پرماتما آهي ۽ جنهن پرماتما جي اسين ٻولا ۾ آهيون اهو اسانجي آتما جي اندر آهي. تنهن ڪري اسانجي آتما انهيءَ پرماتما جي انس آهي.

ڪرمن جو قانون

اسين انهيءَ پرماتما کان وڇڙي هن مايا جي جار ۾ ڦاسي پيا آهيون. هت اچي اسانجي آتما من سان ناتو رکيو آهي. اسانجو من اندرين جي ڀوڳن، وشيه وڪارن، شراب ڪباب ۽ دنيوي ڌندن جو عاشق آهي. من جيڪي ڪرم ڪري ٿو تن جو ڦل سائس گڏ آتما کي به ڀوڳڻو پوي ٿو، ڇاڪاڻ ته آتما ۽ من جي ٻاڻ ۾ ڳنڍ ٻڌل آهي. رشين منين هن دنيا کي 'ڪرم ڀومي' ڪري ڪوٺيو آهي. محمد صاحب هن دنيا کي آخرت جي کيتي ڪوٺيو آهي. سندن قول آهي "الدنيا مزرعة الآخرة"

گوسائين تلسيداس جن راماڻ ۾ فرمائين ٿا:—

"ڪرم پڌان وشو رچ راکا،
جو جس ڪين ٿس ڦل چاکا."

گرو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا:

"دوس نه ديجئي ڪسي دوس ڪرمان آپڻان،
جو مين ڪيا سو مين پايا دوس نه ديجئي اور جنان."

گرو ارجن صاحب جن هن دنيا کي "ڪرما سنڌڙا کيت" ڪوٺين ٿا. هن دنيا ۾ اسين جيڪي ڪرم اسين ڪريون ٿا، چڱا يا برا، انهن سڀني جو نتيجو هميشه هت اسان کي ڀوڳڻو پوندو. ساڳيءَ طرح حضرت عيسيٰ جن سمجهائين ٿا:—

"منش جيڪي پوکي ٿو سوئي لڻي ٿو."

کيت جي اندر اسين جيڪڏهن مرچ پوکينداسين ته مرچن جو فصل لڻڻو پوندو. جيڪڏهن ڪو انب جو ٻوٽو لڳائيندو ته انب جي ڦل کائڻ جو حقدار ٿيندو. ڪرم نيڪ هجن مراد ته، هرهڪ جو ڦل ڀوڳڻ لاءِ سرير جي اندر ۾ اچڻو پوندو. جيڪڏهن نيڪ ڪرم ڪنداسين ته سيٺ شاهوڪار ٿي ايندا سين. سي ڪلاس قيدي ٿيڻ بدران اي ڪلاس قيدي ٿينداسين. جهوپڙيءَ ۾ رهڻ جي بدران محل ۾ رهائش ٿيندي. لوهه جي زنجيرن بدران سون جي زنجيرن ۾ جڪڙيل رهنداسين. زياده ۾ زياده سوڳ يا ونڪست ۾ وينداسين پر آهي ته ٻڌڻ جو قيدين آهي. ان ڪالهه وري به چوراسيءَ جي جيل خاني ۾ اچڻو پوندو. پر جي برا ڪرم ڪيا ته پوءِ نرڪ ۽ چوراسي هميشه تيار هوندا. سوامي جي مهاراج سمجهائين ٿا:—

"ڪرم جو جو ڪريگا سو رهي ڦر ڀوگنا پڙنا."

سهجو ٻائي چوڻي :—

”پشو پکيئي، نر، سر، اُسر، جلچر، ڪيٽ، پتنگ،
سڀ هي اپني ڪرم ڪي، سهجو نانا رنگ.“

ڇا راجا، ڇا پرجا، ڇا امير ڇا غريب، ڇا استري ڇا پرش، اسين سڀ دنيا جا جيو ڪرمن جي ڄار ۾ ڦاٿا پيا آهيون. انهن ڪرمن جي ڪارڻ جنهن ۽ جوڻ ۾ وڃي جنم وٺڻو پوندو اوالي دک ٿي دک ۽ مصيبتون ٿي مصيبتون سهڻيون پون ٿيون. پرماتما کان وڇڙي ڪهڙيءَ ۽ جوڻ ۾ اسين ڪڏهن به سک ۽ شانتي حاصل نٿا ڪري سگهون. ڪنهن ۽ جوڻ کي ڪٿي چڱيءَ طرح جاچي ڏسو ته ان ۾ سک پراپت ٿي سگهيٿو؟ هر روز انسان جي خوراڪ لاءِ هزارين قسمن جي جانورن جو ڪرس ڪيو وڃيٿو. ڪهڙي نه بي رحميءَ سان انهن جي ڳلن تي ڇريون هلايون وڃن ٿيون. ڇا اهڙن جانورن جهڙوڪ ٻڪري، رڍ، ڳانءِ، مرغي وغيره جي جوڻ ۾ اسين سک حاصل ڪري سگهون ٿا؟ اسانجي خيال ۾ ڪڏهن آيو آهي ته جيڪڏهن اسانکي پنهنجن ڪرمن جي ڪري انهن جوڻين ۾ وڃڻو پوي ۽ اسانجو ڳردن انهن جي ڇرين ۽ کاڙين جي هيٺان هجي ته پوءِ اسان جي جيڪر ڪهڙي حالت ٿئي! ڊاڪٽر جڏهن انجيڪشن هڻڻ لاءِ رڳو سنهڙي سئي گرم ڪندو آهي تڏهن ڪيترن ماڻهن جو شرير ڊپ وچان ڏڪڻ شروع ڪندو آهي جيتوڻيڪ اها ڳالهه اسانجي فائدي لاءِ هوندي آهي. هاڻي اُٺ جي جوڻ جي حالت تي ويچار ڪريو. ڪهڙي نه طرح مٿانئس بوجو لڏيل هوندو آهي ۽ ڪيئن نه ان کي زوريءَ اڳيان ڇڪيندا آهن. ٽانگي ۾ ٻڌل گهوڙي جي حالت اسين عام طرح ڏسندا آهيون. ڪيترا نه ماڻهو ان ٽانگي تي سوار هوندا آهن ۽ ڪيئن ڏڙا ڏڙ مٿانئس چابڪن جو وسڪارو پيو پوندو آهي.

ذرا ٻل جي جوڙ ڀاس وڃايائين. ذميدار سچو ڏسڻ ان کي
هر ٻه جولي لوءِ جڏهن تڪجي ڪري ٻڌايو ته لوهه جو سرلو
هٽي ڪيس وري هر ڪلاڪ لاءِ مجبور ڪيو ويندو. اهڙيءَ
طرح ڪهڙيءَ نه جوڙ کي چڱيءَ طرح جاچي ڏسبو ته ڏک ئي
ڏک ۽ مصيبتون ئي مصيبتون نظر اينديون. هيلين جولين
کي ڇڏي انساني جامي جي ڳاري ۾ چڱيءَ طرح سوچ ويچار
ڪري ڏسو. ڪيترا نه ڏک ۽ مصيبتون هر روز سهڻيون
پون ٿيون. جيتوڻيڪ انهيءَ انساني جسم کي
"Top of the Creation" ۾ ڪريو ٿو وڃي. رشي مني ان
کي نر ناراڻي ديه چون ٿا. مسلمان ان کي اشرف
المخلوقات سڏين ٿا. ديوي ديوتائون انهيءَ انساني جولي
لاءِ واجهائين ٿا. تنهن هوندي به هن جولي ۾ ڪنهن کي ٻه
سک ۽ شانتي پراپت ڪرڻ آهي. ڪو بيماريءَ جي ڪري
ڏکي آهي ته ڪو بيروزگاريءَ ڪري تنگ آهي. ڪو اولاد
نه هئڻ ڪري ڏاڍو ڏکي آهي ته ڪو وري ڪهڙي
اولاد مان تنگ آهي. ڪو قرض ڏيڻ جي فڪر ۽ چنتا ۾
سڙي راهه لنگهه ڪري، نه ڪو قرض وصول ڪرڻ لاءِ
سچو ڏينهن ڪورٽن ۾ ڌڪا پيو کائي. ڪنگالن جي حالت
اسين هر روز گرميءَ ۽ سرديءَ ۾ ڏسون ٿا ته ڪيئن نه پيٽ
جي لاءِ ڪشمڪش پيو رهيا آهن. اهڙيءَ طرح اسپتالن ۾ بيمارن
جون ڏکويل دانهون ٻڌي محسوس ٿو ڪجي ته ويچارا
ڪيتري نه ايذا ڀوڳي رهيا آهن. ساڳيءَ طرح جيڪڏهن جيل
خانن ۾ قيدين جي حالت ڏسبي ۽ انهن جون موقعن ملين ته سڏڻ
دردناڪ ڳالهيون ٻڌي دل لڏي ٿي وڃي. مطلب ته دنيا
۾ جيڏانهن نظر ڪجي ٿي اوڏانهن ڏک ئي ڏک ۽ مصيبتون
ئي مصيبتون نظر اچي رهيون آهن ڪنهن وقت ريڊيو هلائي
ڏسو يا اخبار پڙهي ڏسو ته ڇو ٻڌايو ته هن دنيا ۾ ڪنهن

نہ ڪنهن قوم يا مذهب يا ملڪ جو لڙائي جهڳڙو هلندو ني
رهيتو. انهن لڙاين ۾ ڪيترن غريبن جو خون ٿئي ٿو ۽ ڪهڙي ۽
طرح نہ زالون وڌوانون ٿين ٿيون ۽ ٻار يتيم ٿيڻ ٿا. جنهن دنيا ۾ اها
حالت آهي جو روٽيءَ ۽ ڪپڙي جي واسطي انسان کي لڙڻو ۽
ڀٽڪڻو ٿو پوي ۽ هروقت موت جو ڊپ لڳو رهيتو اهڙي
نگريءَ جي اندر اسين سک ۽ شانتي ڪيئن ٿا حاصل ڪري
سگهون؟ اها حالت ڏسي گورو نانڪ صاحب جن پڪارين ٿا:

”نانڪ دکيا سب سنسار“

سهجو ٻائي چوي ٿي:

”ڌن ونتي دکيئي سيئي، نرڌن دک کا روپ“

تلسي داس جن رامائڻ ۾ فرمائين ٿا:

”سکل جيو جگ ديہن دُکاري“

جيڪڏهن انساني ديهيءَ ۾ اچي اسين هن دنيا ۾ سک ۽ شانتي حاصل نٿا ڪري سگهون تہ پوءِ ڪهڙي جُون ۾ سک ۽ شانتي حاصل ڪري سگهنداسين؟ مهاتما اُپديش ڪن ٿا تہ هن دنيا ۾ ڪڏهن بہ، هميشہ جي واسطي ڪنهن کي بہ سک ۽ شانتي حاصل نہ ٿي سگهندي ڇاڪاڻ تہ هيءَ دنيا سک ۽ دک جو گهر آهي، پڃ ۽ پاپ جي نگري آهي. اسين پنهنجي پڃن ۽ پاپن جي ڪري هن دنيا ۾ اچي سک ۽ دک ڀوڳي رهيا آهيون. چڱيءَ طرح دنيا ۾ جاچي ڏسو تہ ڪوبہ اهڙو شخص لڀهانڪي نہ ملندو جنهن کي هن ديهيءَ ۾ فقط سک ئي سک ملندا هجن ۽ جنهن ڪڏهن بہ دک نہ ڏٺا هجن ا ڪنهن کي دک ئي دک سهڻا پيا هجن ۽ ڪڏهن بہ سک و ساهہ نہ کنيو هجيس. انيؤمان ڏسجي ٿو تہ جيڪڏهن ڏهہ نهن سک جا گذرن ٿا تہ ڪجهہ ڏينهن دکن کي بہ منهن ڻو ٿو پوي. وري جي ڏهہ ڏينهن ڏکن جا ڏسجن ٿا تہ ان ڪجهہ ڏينهن سک جا بہ اچن ٿا. جيڪي بہ دک

اسانکي ڀوڳڻا پون ٿا اهي اسان جي پورب جنمن ۾
پاپن جي ڪارڻ آهن. ساڳيءَ طرح جيڪي سک ماڻي
آهيون اهي گذريل جنمن جي ڪيل نيڪ ڪرمن جو
آهن. سو پڃن ۽ پاپن جي ميلاپ ڪارڻ اسانکي د
دائي ملي ٿي. ان دائيءَ ۾ رهندي اسين انهن پاپن ۽
جو حساب ڏيندي رهيا آهيون. جيڪڏهن اسان فقط پڃ ڪ
هجن ها ته سرڳن ۾ وڃنا هجون ها. جي فقط پاپ ڪيل ه
ها ته نرڪن ۾ سزائون ڀوڳيندا هجون ها. جنهن زياده پڃ ڪ
آهن سو دنيا ۾ زياده سکي نظر اچي ٿو ۽ جنهن گهٽ پ
ڪيا آهن سو گهٽ سکي نظر اچي ٿو. ڪنهن جي پاپن جو اوج
زياده ٿي وڃي ٿو ۽ پڃن جو گهٽ ته هو وڌيڪ ڏکي رهي
۽ گهٽ سکي. اهوئي ڪارڻ آهي جو هن دنيا جي اندر اميري
۽ غريبي آهي، بيماري ۽ تندرستي آهي ۽ اوچ ۽ نيچ جو
ايترو فرق آهي ڇاڪاڻ ته هرهڪ جا پنهنجا پنهنجا ڪرم
آهن جنهن جو نتيجو هو هم اچي ڀوڳي رهيو آهي. هيءَ دنيا
اڄ تائين نه ڪڏهن سرڳ جي نگري بڻي آهي ۽ نه بڻجي
سگهي ٿي. اتهاس پڙهڻ سان پتو پوي ٿو ته دنيا ۾ لڙائي
جهڳڙو، اميري غريبي ۽ سک ڏک هميشه هلندا آيا آهن.
باوجود وڏن وڏن مهاتمائن جي هٿ ايندي ۽ وڏن سماجڪ
سڌارڪن جي پيدا ٿيندي به هن دنيا جي حالت اڄ ڪان
بهتر ڪونه ٿي آهي ۽ نه ڪڏهن ٿيندي ڇاڪاڻ ته سنتن
مهاتمائن جو مقصد هن دنيا کي سرڳ يا سک جي نگري
بنائڻ جو ڪونهي. هو ته اسانکي اهڙو طريقو ۽ ساڌن سيکارين
ٿا جو ان رستي سان هلي اسين هميشه لاءِ هن ديهه جي
بندن کان ئي آزاد ٿي وڃون ۽ وري هن دنيا ۾ اچون ئي نه.
دنيا جي ڪنهن کي هنڌاڻا ۾ اڄ تائين ڪنهن به ڪاميابي
حاصل نه ڪئي آهي. پر جيڪڏهن اسين پنهنجي

مظبوط جتي ٻاٽي ڇڏيون نه ڪنبا پنهنجو اثر ٿي نه ڪندا. دنيا جا مسئلا نه اڄ تائين ڪنهن حل ڪيا آهن نه ڪير هميشه واسطي حل ڪري سگهي ٿو پر مهاتمائن جي اپديش انوسار هلي اسين پنهنجو خيال ايترو اوچو ڪري سگهون ٿا جو دنيوي دک ۽ سک جون حالتون اسان لئي اثر ٿي نه ڪن. يسوع مسيح بائيبل ۾ فرمائين ٿا:

"For I have come to set a man at variance against his father and the daughter against her mother, and the daughter-in-law against her mother-in-law."
(Matthew 10: 34: 35)

يعني مان آيو آهيان نه پٽ کي پنهنجي پيءُ کان، ڌيءُ کي پنهنجي ماءُ کان ۽ نُنهن کي پنهنجي سس کان جدا ڪريان.

ارٿات: مان هن دنيا کي سک ۽ شانتيءَ جي نگري بنائڻ ڪونه آيو آهيان بلڪ جيون کي هتان آزاد ڪرائڻ آيو آهيان. ماءُ پيءُ، ڀيڻ ڌيئرن وغيره جا پاڻ ۾ موه جا بندن ڪاٽڻ آيو آهيان. هڪ ٻئي سان لڳن، موه ۽ پيار جي زنجيرن کي ڪاٽي، انهن کي آزاد ڪرڻ آيو آهيان. بيشڪ دنيا ۾ پر اپڪاري نيتائن ۽ ڀڳتي سڌارڪن جي ڪمي ڪونه ٿي رهي آهي ۽ دنيا ۾ ڪيترائي نيڪ، رحم دل ۽ پر اپڪاري انسان پيدا ٿيندا رهيا آهن پر سنت مهاتمائون جيڪو پر اپڪار اچي هن دنيا ۾ ڪندا اهڙو پر اپڪار ٻيو ڪنهنجو نٿو ٿي سگهي. مثال طور ڪنهن جيل خاني اندر ڪيترائي قيدي آهن. هڪ پر اپڪاري شخص ڏٺو نه گرميءَ جي موسم آهي ۽ قيدين کي پيئڻ لاءِ ٿڌو پاڻي نٿو ملي. هو رحم کائي ڪين برف وارو ٿڌو شربت پيارڻ جو بندوبست ڪري ٿو. گويا هن قيدين لئي هڪ چڱو پر اپڪار ڪيو. ٻيو هڪ پر اپڪاري محسوس ڪري ٿو نه قيدين کي ڪاٽڻ لاءِ ڪاڏو

سٺو نٿو ملي سو ترس کائي انهن کي تمام سٺا طعام کارائڻ جو انتظام ڪرائين، جنهن ڪري قيدي اڃا به وڌيڪ خوش ٿين ٿا. انهيءَ شخص اهو سٺو پراپڪار ڪيو. ٻيون پراپڪاري سياري جي موسم ۾ ڏسي ٿو ته قيدين کي سرديءَ کان بچڻ لاءِ گرم ڪپڙو ڪونهي سو ڪافي پيسا خرچي انهن کي گرم ڪپڙا ٺهرائي ٿو ڏئي. هن پراپڪاريءَ شايد ٻين کان وڌيڪ پراپڪار ڪيو. ٽيئي پراپڪاري قيدين لئي ترس کائي پراپڪار ڪري رهيا آهن جنهن ڪري قيدين جي حالت اڳي کان بهتر ٿي رهي آهي. جيڪڏهن ته سي ڪلاس قيدين مان اي ڪلاس قيدي ٿي پيا ۽ هنن کي جيل خاني ۾ زياده آرام ۽ آسائش به ملي ويو. ليڪن انهن پراپڪارن جي باوجود هو سڀ جيل خاني ۾ قيدي ٿي رهيا. چوٿون پراپڪاري جنهن وقت جيل خاني جي چابي هٿ لڳي، قيدين تي ديا آڻي جيل خاني جا دروازا ئي کولي ڇڏيا ۽ کين هميشه لاءِ آزاد ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن سڀ کان سريشٽ پراپڪار آهي ته انهيءَ چابيءَ واري پراپڪاريءَ جو. سنت مهاتمائون هن دنيا ۾ چوراسيءَ جي جيل خاني جي چابي کڻي اچن ٿا. اسان جي اندر مالڪ جي ملڻ جو شوق ۽ پيار پيدا ڪري، اسان کي رستو ۽ طريقو ڏيکاري، نج ڌام پهچائي هميشه واسطي هن جيل خاني مان آزاد ڪري ٿا ڇڏين. انهيءَ ڪري سنتن ۽ مهاتمائن جو اپڪار ڪنهن به سماجڪ سڌارڪ يا راجنيتي نيتا جي پراپڪار کان اوچو ۽ سچو آهي. مهاتمائون هميشه اپديش ڪندا ته جيستائين اسان جي آتما واپس وڃي پرماتما سان ميلاپ نه ڪندي تيستائين اسين سرشٽي جي بندن ۽ سنسار جي ڏکن کان ڇوٽڪارو نه پائي سگهنداسين. ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا:

”چل هنسا ست لوڪ ڪو چليئي، ڇوڙو يهه سنسارا هو.“

سوامي جن فرمائين ٿا:

"ڏام اپني چلو ڀائي پرائي ديس ڪيون رهنا."

آتما ۽ پرماتما

گرو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا:

"پر سچي تي سدا سهاگڻ."

اسانجي آتما استري آهي ۽ پرماتما سندس پتي آهي ۽ هيءَ آتما روپي استري، پرماتما روپي پتيءَ جي چرنن ۾ پهچي سچي سهاڳڻ ٿي سگهيتي ۽ خوشي پراپت ڪري سگهيتي. وڌيڪ گرو صاحب فرمائين ٿا:

"جنهي گهر جانا آپنا سي سکيئي پائي."

جيڪي پنهنجي اصل گهر (سچکنڊ) واپس پهچي وڃن ٿا اهي هميشه جي واسطي سک ۽ شانتي حاصل ڪندا. ڪٿ اپنشد ۾ به نچڪيتا کي يمراج اهوئي جواب ڏنو آهي. مؤلانا روم صاحب به فرمائين ٿا:

"اين جهان زندان و ما زندانيان،
حفره ڪن زندان و خود را وارهان."

يعني هي جهان قيد خانو آهي جنهن ۾ اسين قيد آهيون. قيدخاني جي ڇت ۾ سوراخ ڪري هتان ڀڄي نڪرو.

ڪيترن ئي مهاتمائن آتما ۽ پرماتما جي رشتي کي استريءَ ۽ پتيءَ جي ناتي سان ڀيٽيو آهي. ڇاڪاڻ ته استري هميشه پتيءَ جي چرنن ۾ سک ۽ شانتي حاصل ڪري سگهيتي. جيڪڏهن ڪا استري پنهنجي پتيءَ جي چرنن کان جدا ٿي جي ڀوءِ چاهي هن کي ڪيتري به دنيا جي عزت ۽ مان جي، ڪيترو به مال ملڪيت ڏجي ته به هن جي من کي ڪ ۽ شانتي نه ملندي. هوءَ پنهنجي پتيءَ جي پيار ۾ ئي ڪ ۽ شانتي حاصل ڪري سگهندي. تنهنڪري گرو ارجن

صاحب جن فرمايو آهي:
”ترنا ته مليچي سلچي ڪمھ پاڻي ڀرام،
سرب سنگار لٻيول رس سن ڏٺي سب ڪام.“
رام ڪرشن مشن وارا آتما ۽ پرماتما جي وشتي ڪي ماڻ ۽ ٻت جو وشتو ڪوئيندا آهن. جيستائين ٻار ٻيٻجو ٻاڻ ماڻ جي حوالي ڪرڻو ليستائين ڪيس ڪوھ فڪر ڪرڻي. عيسيٰ مسيح انهيءَ وشتي کي ٻيءَ ۽ ٻت جو نالو ڏير آهي، ڇاڪاڻ ته جيستائين ٻت ٻنهنجي ٻيءَ جي سنڀال روپي ڇانا ۾ آهي ليستائين هن کي ڪوھ غربيا چنتا نه لڳي رهي. مطلب ته آتما پرماتما کي پراپت ڪري ئي سک ۽ شانتي حاصل ڪري سگهي ٿي.

سنسار جي حالت

سيجبر ٻالي، جا مشهور مهاتما ٿي چڪي آهي، چوي ٿي:-
• ”ڏنوتي دکئي سڀي، ٻرڏن دک ڪا روپ،
ساڌ سکي سيجبر ڪهي، ٻاٻا پيڌ الوپ.“
اهڙيءَ طرح ڪبير صاحب جن فرمايو آهي ته راجا ۽ پرجا سڀ دکي ئي دکي نظر اچن ٿا.
”لي ڌر سکيا ڪرتي نه ديکا جو ديکا سو دکيا هو،
جوگي دکيا جنگم دکيا تپسي ڪر دک دوُنا هو.
آسا ترشنا سب ڪو وياپي ڪوئي محل نه سوُنا هو،
گياني ٻاڙهي سب جگ دکيا ڪيا گرهي بيراگي هو.
سکديو اچارج دک ڪي ڏر سي گرڀ سي مايا ليا ڳي هو،
ساچ ڪهون ترڪولي نه ماتي جيوت ڪيا نه جاتي هو.
برهما وشنو مهاديو دکيا جن ٻه راه چلائي هو،
اوڌو دکيا پريت دکيا رنڪ دکي ٻيرتي هو،
٦ ڪوهن ڪبير سڪل جگ دکيا سنت سکي من جيتي هو.“

تلسيداس صاحب جن ۾ پنهنجي باڻيءَ ۾ دنيا جي دکن جي
باري ۾ هن ريت فرمائين ٿا:

”ڪوئي تو تن من دکي ڪوئي نت اُداس،
ايڪ ايڪ دک سبن ڪر سکي سدت ڪا داس.“

گورو نانڪ صاحب جن سمجهائين ٿا:

”نانڪ دکيا سب سنسار،
سو سکيا جو نام آڌار.“

مطلب ته سڀ دنيا جا جيوَ پنهنجي پنهنجي نموني دکن ۽ مصيبتن ۾ مبتلا آهن. سچو سک ۽ شانتي انهيءَ ڪي آهي جنهن مالڪ جي ڀڳتيءَ ۽ پريم جو آسرو ورتو آهي. اسين جيوَ انهيءَ مالڪ کي وساري ويٺا آهيون. نه هن جي کوج ٿا ڪريون ۽ نه ئي هن جي ڀڳتيءَ طرف اسانجو خيال آهي. دنيا جي شڪلين ۽ پدارٿن ۾ سک ۽ شانتي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. هرهڪ جو اهو انڀوَ آهي ته جيترو اسين انهيءَ پرماتما کي وساري سک ۽ شانتيءَ کي ڳولهي رهيا آهيون اوترو ئي زياده دک پرچي رهيا آهيون. ڇاڪاڻ ته دنيا جون شڪليون ۽ پدارٿ جن جي حاصل ڪرڻ ۾ اسين سک ۽ شانتي ڳولهي رهيا آهيون اُهي عارضي ۽ ناسونت آهن تنهن ڪري انهن جو سک به عارضي ۽ ناسونت آهي. جيستائين اسان کي اها وستو نه ٿي ملي جا ڪڏهين به ناس ۽ فنا نه ٿئي ۽ اسين انهيءَ کي پنهنجو نه بڻايون تيستائين اسين سچو ۽ دائمي سک ڪيئن ٿا حاصل ڪري سگهون؟ ڇاڪاڻ ته جنهن چيز جي حاصل ڪرڻ ۾ خوشي ٿي ٿئي تنهن جي وڇڙ يا جدائيءَ ۾ اوترو ئي دک به ٿئي ٿو. پنهنجي زندگيءَ کي جاچي ڏسون ته شاديءَ جي وقت من کي ڪيڏي نه خوشي ٿيندي آ جيڪڏهن انهيءَ جيون ساٿيءَ سان جهڳڙو يا منيڊ ٿئي ٿو ته اسين ڪيترو نه دکي ٿا ٿيون. جنهن

اولاد جي پيدا ٿيڻ وقت اسين هيتريون خوشيون ڪيون ٿا ۽ مٺايون ۽ پارٽيون ڪيون ٿا سو اولاد جيڪڏهن نافرمانبردار يا نالائق ثابت ٿئي ٿو يا بيمار ٿي پوي ٿو يا مري وڃيٿو ته من کي ڪيترو نه ڏک ٿيندو. دنيا جو ڌن دولت جنهن ۾ اسين سک ڳولڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون، سو پڻ ڏسو ته انهيءَ ڌن کي ڪمائڻ جي لاءِ ڪيترا نه ڏک ۽ ڪشٽ سهڻا ٿا پون. پنهنجي قيمتي اصولن کي قربان ڪرڻو ٿو پوي، پنهنجي تندرستيءَ جي ستيا ناس ڪرڻي ٿي پوي ۽ ڪيتريون مانسڪ بيماريون خريد ڪرڻيون ٿيون پون. انهيءَ ڌن کي ڪمائڻ لاءِ پون ته انيڪ مصيبتون سهڻيون ٿيون پون، پر تنهن هوندي به انهيءَ کي رکڻ ۾ ڪهڙي شانتي آهي! جي بئنڪن ۾ ٿا رکون ته انهن جي ڪٽڻ جو ڊپ آهي. ڪڏهن انڪم ٽئڪس وارن جو ڊپ ۽ فڪر لڳو رهيٿو ۽ جي يارن دوستن کي ٿا ڏيون ته چنتا ٿي ستائي ته متان واپس نه ڪن. وري جڏهن اها دولت هلي ٿي وڃي ته خوب مصيبتن ۽ چنتائن ۾ ڦاسائي ٿي وڃي. ڪڏهن ڊاڪٽرن جي فين ڏيڻ ۾ نڪري ٿي وڃي ته ڪڏهن مقدمن جي خرچن ۾ ختم ٿي وڃيٿي. هيترن ڏکن ۽ تڪليفن سان ڪمائي ويٺي پوءِ به سک نه ڏنائين. ان جي وڃڻ ڪري جيڪي سو ڀيرا ڏک پوڻا ٿا پون انهن جي ڳالهه ئي ڪهڙي ڪجي! گرو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا:

"پاڻان ٻاجهون هووي ناهين، موئان ساٿ نه جائي."

وري خيال ٿو اچي ته شايد دنيا جي عيش عشرت ۾ سک ڏيندو ۽ اسين شراب ڪباب جي دلدل ۾ لڳي ٿا وڃون، پر اهي به اسان جي من کي تباهه ڪري بيمارين ۾ ڦاسائي ڇڏين ٿيون ڇڏين. ڪڏهن اسين حڪومت جي نئي ۾ سک ٿا ڳوليون ۽ سياسي ليڊر ٿيڻ جو شوق ٿو لڳي. جنهن وقت لوڪ

اسانکي مـان وڏائي ڏيـن ٿا، اسان جا جاوس ۽ سرگسو ڪيڍن ٿا، اخبارن ۾ اسانجي ساراه ڪن ٿا ته اسانجو من ڦولا نه ٿو سمائي. پر انهن ليڊرن جي حالت به روز پڙهون ٿا ته راتو رات حڪومت جو تختو بدلجي وڃي ٿو ۽ مخالف پارٽي جو زور وڌي وڃي ٿو. پوء انهن ساڳين ئي ليڊرن کي ڪڏهين گوليء جو شڪار ڪري ٿا ڇڏين ته ڪڏهين ڦاسيء جي تختي تـي ٿا چاڙهين، ڪڏهين جيل ۾ ٿـا وجهن ته ڪڏهين انهن جـي اخبارن ۾ مٽي پليت ٿـا ڪن. جنهن حڪومت جـي نشي ۽ دنيا جي مان وڏائيء ۾ سک ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي ٿيسين، اهائي اسانجي واسطي دک جو ڪارڻ ٿي پيئي. گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا:

"سک مانگت دک آ گل هوئي."

مطلب ته هن دنيا ۾ اسان ڪڏهين به سک ۽ شانتي حاصل نه ڪري سگهنداسين. هـي جيڪو ٿـورو ڪجهه سک نظر اچي ٿو سو به وقت پئي دک ۾ بدلجي وڃي ٿو. سو مهاتما پنهنجي آزمودي مـان سمجهائين ٿا ته جيسين اسانجي آتما پرماتما سان ميلاپ نه ڪندي تيسين سک ۽ شانتي حاصل ڪري ٿي نه سگهندي. ڌن دولت ۽ دنيا جي شڪلين مان نه اسان اولرو ٿـي عرصو سک شانتي پـائـي سگهنداسين جيستائين اسانجو خيال مالڪ جي ڀڳتيء طرف هوندو. مثال طور ڪو ٻار پنهنجي پيء جي آڱر پڪڙي نمائش ۾ تماشو ڏسڻ وڃي ٿو. هنکي نمائش ۾ هر چيز ڏاڍي خوبصورت ۽ سني ٿـي لڳي. ڪٿي ٻجليون ٻـري رهيون آهن ته ڪٿي قسمين قسمين کيل ٿي رهيا آهن ۽ ڪٿي راندڪن ۽ مٺاڻ سان سجايل دوڪان آهن. ٻار سمجهي ٿو ته هنکي اها خوشي نمائش جي ساز و سامان مان ملي رهي آهي. پر جيڪڏهن غلطيء وچان هن کان پيء جو هٿ ڇڏائجي ٿو وڃي ته هو

هڪدم رلڻ ۽ ڇلڻ شروع ڪري ٿو جيتوڻيڪ تماشي جو
اهو سڄو سامان آيل ئي آهي. پوءِ ٿي هو محسوس ڪري
ٿو ته تماشي مان خوشي رڳو ٿورو وقت ٿي ملي سگهي
جيترو وقت هن جي همت ۽ پهچ پيءُ جي آڱر پڪڙيل
هئي. اهڙيءَ طرح دنيا ۾ به اسان سک ۽ شانتي ٿورو عرصو
حاصل ڪري سگهنداسين جيترو وقت اسانجي لڙ ۽ اسانجو
خيال مالڪ جي طرف رهندو. انڪري مهاتما اسان سڀني
جي اندر مالڪ جي ملڻ لاءِ پريم پيار پيدا ڪن ٿا. گرو
نانڪ صاحب فرمائين ٿا ته

"هر ڪي پوڄا دُرلڀ هي سنتو، ڪهڻا ڪڇو نه جائي."

اهڙي مالڪ جي ڀڳتيءَ جي مهما ڪٿهين بيان ڪري نٿي
ته ٿي سگهجي. اسين سڀ دنيا جا جيو ڪنهن نه ڪنهن جي
موهه ۽ پيار ۾ ڦاٿل ٿي رهون ٿا. ڪي نه ڪنهن جي پوڄا
ضرور ڪريون ٿا. ڪو پٽ کي پيار ڪري ٿو ته ڪو قوم،
مذهب ۽ ملڪ جي ڀڳتيءَ ۾ لڳو رهي ٿو ۽ ڪو ڌن دولت
جي پوڄا ڪري ٿو. پر اهي شڪليون ۽ پدارٿ اسانجي پيار
جي قابل نه آهن ڇاڪاڻ ته انهن جو پيار ۽ ڀڳتي اسان مان
هر هڪ کي بار بار دنيا جي بندڻ ۾ ڪيڏي آڻي ٿو. مالڪ
جي ڀڳتي ۽ پيار ئي اسانکي واپس وٺي وڃي مالڪ سان
ملائي ٿو. انڪري مهاتما سمجهائين ٿا ته مالڪ جي ڀڳتيءَ
جي مهما بيان ٿي نه ٿي ڪري سگهجي. اُنجي ڀڳتيءَ ۽ پيار
جي ذريعي اسان واپس مالڪ ۾ سمائجي وڃون ٿا.
ڀيکا صاحب فرمائين ٿا ته

"ڀيکا ڀوکا ڪو نهين، سڀ ڪي گٺڙي لال،
گرهه کول نهين جانتي، تس وڌ ڀئي ڪنگال."

پرماتما هڪ آهي

سڀني مهاتمائن جو اهو ئي تجربو آهي ته جنهن مالڪ کي اسين ملڻ چاهيون ٿا اهو هڪ پرماتما آهي. ائين ناهي ته هندن جو هڪڙو ته مسلمانن جا ٻيو ۽ عيسائين جو ڪو ٻيو پرماتما آهي. گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:

”ايڪ پتا ايڪس ڪي هم بالڪ،
سڀنان جيئان ڪا ايڪو داتا.“

شيخ سعدي چوي ٿو:

”بني آدم اعضائي يڪ ديگر اند،
چو در آفرينش ز يڪ جوهر اند.“

يعني سڀ انسان هڪ ئي جوهر مان پيدا ٿيا آهن ۽ هڪ ٻئي جا پاڻر آهن. جيڪي به جيوَ اسين دنيا ۾ ڏسي رهيا آهيون، انهن سڀني کي پيدا ڪرڻ وارو هڪ ئي پرماتما آهي. مسلمان فقير ان پرماتما کي رب العالمين سڏين ٿا يعني ته ساري عالم جو هڪ ئي رب آهي ۽ شروع کان اهو پرماتما هلندو اچي ٿو. ائين ناهي ته پهريائين ڪو ٻيو پرماتما هو ۽ هاڻي ڪو ٻيو. گورو نانڪ صاحب چئي فرمائين ٿا:

”جگ جيون ساچا ايڪو داتا.“

يعني ته ساري جڳ کي جيون ڏيڻ وارو هڪ ئي داتا آهي ۽ اهو لافاني آهي. هو مرڻ ۽ جمڻ جي چڪر ۾ نه ٿو ڦاسي. جپ صاحب جي شروع ۾ ئي گورو نانڪ صاحب بلڪل چٽيءَ طرح فرمائين ٿا:

”ايڪو ستنام ڪرتا پرک“

”آد سچ، جگاد سچ، هئي ڀي سچ، نانڪ هوسي ڀي سچ.“

يعني تجربو ڪندي ڪندي مونکي پنهنجي اندر ۾ هڪ اهڙي شڪتي حاصل ٿي آهي جا آد جگاد کان هلندي آئي آهي ۽ جيڪا ڪڏهين به ناس يا فنا نه ٿي ٿئي. اهو

ڏک پرماتما آهي جنھن جا دروازا الڳ ٿا ڀانئين پيار ۽
اچي ڪري رکيا آهن. اُن مالڪ کانسواءِ جيڪي ۽ اسين
اکين سان ڏسون ٿا، اهو سڀ ناس ۽ فنا ٿي ويندو. ڪا
چيز دائم استر يعني هميشه رهڻ واري ناهي. گرو نانڪ
صاحب فرمائين ٿا:

”ھر ڪو سڀ ڪڇ ميلا سنتو“

....

”لِو ناراڻ، لِو گورو، لِو ساچا واچار.“

اهڙي طرح ٻئي هنڌ لکن ٿا:

”ڪوڙ راجا، ڪوڙ پرجا، ڪوڙ سڀ سنسار،
ڪوڙ منڊپ، ڪوڙ ماڙي، ڪوڙ ٻيٺن هار.
ڪوڙ سونا، ڪوڙ روپا، ڪوڙ پهرڻ هار،
ڪوڙ ڪايا، ڪوڙ ڪپڙ، ڪوڙ روُپ اپار.
ڪوڙ ميان، ڪوڙ بيوي کپ هووي خوار،
ڪوڙ ڪوڙي نيهون لڳا، وسريا ڪرتار،
ڪس نال ڪيجي دوستي، سڀ جڳ چلڻ هار.“

فرمائين ٿا ته هي جو اسانجو شرير آهي اهو به ڪوڙ (فنا)
آهي ۽ اهڙيءَ ريت جنھن دنيا کي اسين پنهنجو ٿالهه جي
ڪوشش ڪريون ٿا، جنھن سان اسين نيهن لڳائي ويٺا
آهيون سا به ڪوڙ آهي. اُن پرماتما کانسواءِ دنيا جي ڪا
چيز اسانجي دوستيءَ ۽ پيار جي قابل نه آهي جا ڪاڻ نه
پريوءِ کانسواءِ هر چيز ناس ٿي ويندي. رڳو هڪ مالڪ ئي
آهي جو هميشه رهي ٿو.

ذات ۽ ڌرم

اُن مالڪ جي ڪا قوم، مذهب يا ملڪ ڪونهي.
نڪي اُن مالڪ جي ڪا ذات پات يا رنگ روُپ آهي.
گرو ارجن صاحب سمجهائين ٿا:

”ورن جات چِهن نهين ڪوئي،
سڀ حڪمي سرشٽ اپائندا.“

جنهن پرماتما پنهنجي حڪم سان هن سرشٽيءَ جي رچنا ڪئي آهي، جيڪڏهين اُن جو ڪو رنگ روپ يا ذات پات ناهي ته اسانجي آتما جي ذات پات ڪيئن ٿي سگهي ٿي؟ ڇاڪاڻ ته اسانجي آتما به اُن پرماتما جي انس آهي ۽ اُن مان ئي نڪتي آهي ۽ ان ۾ ئي وڃي سمائجڻ چاهي ٿي. ڪنهن به مهاتما جي پاڻيءَ جي چڱيءَ طرح کوج ڪندا سين ته ڏسڻ ۾ ايندو ته هرهڪ مهاتما اسان جي خيال کي ذات پات، قوم مذهب ۽ ملڪ جي ڀيد ڀاو کان مٿي ڪٽي، اسان ۾ مالڪ جي ڀڳتيءَ جو شوق ۽ پريم پيار پيدا ڪريٿو. جڏهين سمنڊ جي ڪاڻ ذات پات ڪونهي ته اُن جي قطري جي ڪهڙي ذات پات ٿي سگهيتي؟ جيڪڏهن سورج جي ڪاڻ، قوم يا ملڪ ڪونهي ته اُنجي هڪ معمولي ڪرڻي جي ڪهڙي قوم يا مذهب ٿي سگهيتو؟ هي سڀ ذات پات جا جهڳڙا انسان جا خرد پيدا ڪيل آهن. پرماتما ته صرف انسان پيدا ڪيو آهي. اسان پاڻ کي ذات پات، قوم، مذهب ۽ ملڪ جي فرقن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي ۽ هڪ ٻئي جي ڀيد ڀاو ۾ ڦاسي پيا آهيون. گرو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا:

"جتي ليکا منگيئي، لتي ديهه جات نه جائي." (

... جنهن هنڌ اسان جي ڪرمن جو حساب ڪتاب ليندو اُتي
... اسانجي ذات پات جي پڇا ڳاڇا ڪونه ليندي ۽ نڪي
...ان جو شرير اُتي پهچي سگهيتو. هيءَ شرير پيا ته پاڻ به
...ڙيو وڃيتو يا مٽيءَ ۾ پوريو وڃيتو. اُن ذات پات، قوم ۽
...هب جو تعلق ته هن شرير سان هتي ئي رهجي وڃي ٿو
...ر به ڪنهن جي ذات پات جلي وڃي ٿي ۽ ڪنهن جي
...ءَ به دٻجي وڃي ٿي. اهڙيءَ طرح ڪبير صاحب به
...ي پاڻيءَ ۾ اُپديش ڪن ٿا:

"...ت پات پوڇي نه ڪوئي، هرڪو ڀڄي سو هر ڪا هوئي."

يعني اوهان جي ذات پاڪ ڪوڙ ڀڃي ويندي. جو نه پرماتما جي ڀڳتي ڪري ٿو سو پرماتما جو روپ ٿيڻ جي ڪري ٿو. جڏهن هند اسان جي ڪرمن جو حساب ڪتاب ٿيندو ته اتي ڪو اهو سوال نه ڪيو ويندو ته تون هندو هئين يا عيسائي دشمن. هندستان مان آيو آهين يا آمريڪا يا آفريڪا مان آيو آهين. اُن هنڌ تي اسان جي ڀڳتي ڀاو، پريم ۽ عشق جو ئي قدر ٿيندو. اهڙيءَ طرح ساڌن اِلي شاهه، جو ذات جو سيد هو ۽ مسلمان ۽ هڪ بيحد ڏڙڪ مهاتما ٿي گذريو آهي، پنهنجي ڪلام ۾ لکي ٿو:

”عملن اُتي هون نبيڙي، ڪڙاڻ رهنگيان جانان.“

جيڪي پنهنجي اعمالن ۽ ڪرمن تي ڏيان ڏين ٿا، اهي ئي پرماتما کي منظور پون ٿا. پر جي پنهنجي ذات پاڪ جي غرور ۾ قائل آهن اُهي جو مالڪ جي درگاهه ۾ ڪوبه قدر ڪونهي. تلسي صاحب به پنهنجي باڻيءَ ۾ اهو ئي سمجهائين ٿا:

”ليچ ليچ سب ڪو ڪئي سنت جون ڪو لين،
جاتي ڪي ايمان سي دواي لِهت ڪلين.“

جو ڄاڻ کي ليچ ڪو سمجهي ۽ جنهنجي اندر ۾ نمرتا ۽ عاجزي آهي، جو سنتن جي چرڻن سان پيار رکيتو ۽ انهن جي آڳيا بموجب هليو، سو هن ڀؤ ساگر مان پار پيو ٿو. پر جن کي پنهنجي ذات پاڪ جو ايمان آهي سي هن ڀؤ ساگر ۾ غوطا کائين ٿا. ڌرمن جون قومون ۽ مذهبن جا مذهب هن ذات پاڪ جي ايمان ۾ ٻڏندا وڃن ٿا. اڳتي فرمائين ٿا:

”اڙي اڙاڻي پاءِ ڪر، رور رور اهنڪار،
ستگورو ڪي برجي بنا، چارون ورن چمار.“

يعني وڏا ماڻهو پدوي ڀالي اهنڪار ۾ ٻڏجي وڃن ٿا. صرف اهي مهان آهن جي ستگوروءَ سان پريم ڪن ٿا. انهن

كانسواءِ چارئي ورن نيچ آهن. پلٽو صاحب ۽ اسانکي ائين
ٿي سمجهائين ٿا:

"پلٽو اونچي جات کا مت کوئي کري اهنڪار،
صاحب کي دربار ۾ کيول ڀڳتي پيار."

يعني مالڪ جي دربار ۾ صرف ڀڳتي ۽ پيار جو ئي قدر آهي. ڀڳتي ۽ پيار ئي اسانکي واپس وني وڃي مالڪ سان ملائيندو. ڪوبه من ۾ اهو ويچار نه رکي ته مان برهمڻ جي گهر پيدا ٿيو آهيان تنهنڪري مان ئي رڳو پرماتما کي پائي سگهندس يا مان هندو يا عيسائي ڄائو آهيان تنهنڪري مان مالڪ سان ملي سگهندس يا ڪوئي اهو خيال ڪري ته مون نيچ ذات ۾ جنم ورتو آهي تنهنڪري مان مالڪ جي ڀڳتي ڪري ئي نه سگهندس. گورو نانڪ صاحب جن ته ذات پات جو ايتري قدر کنڊن ڪيو آهي جو فرمائين ٿا:

"ان نامي سي نيچ جات هئه، وشٽا کي ڪيڙي هووين."

جو مالڪ جي نام جي ڪمائي نه ٿو ڪري اُن کان وڌيڪ نيچ ذات وارو ڪير ٿي سگهيٿو چاڪاڻ ته موت کانپوءِ هن کي وشٽا يا گندگيءَ جو ڪيڙو ٿيڻو پوندو. وري فرمائين ٿا:

"جس نام رِدي سوئي وڏ راجا،
جس نام ردي تس پوري ڪاجا.
جس نام ردي سو سب لي اونچا،
نام بنا ڀرم جوني مُوچا.
جس نام ردي سو جيون مڪتا،
جس نام ردي تس سب هي جگتا."

ٻئي هنڌ ۽ فرمائين ٿا:

"سبد وَسي سوئي جن اوچا، سچي آپ سما و نيڻان."

....

"نانڪ هور پاتشاهيان ڪوڙيئان، نام رتي پاتشاه."

جو انسان پنهنجو حاصل ڪري مالڪ جي شبد يا نام کي
پهچي من ۾ ذاتي ٿو، انهيءَ وحدي شبد جي ڪمائي
ڪري ٿو، اهڙي شخص سڀ کان اتم آهي ڇاڪاڻ ته
جنهن کي مومن ۽ مدد سچي پرماتما ۾ سمائجو آهي. ان ڪري
جيڪا مالڪ جي ذات آهي، قوم آهي، مذهب آهي يا
ملڪ آهي، اهائي اسانجي آتما جي ذات پات آهي، قوم
مذهب ۽ ملڪ آهي. انهيءَ هر هڪ مهاتما اسانجي خيال کي
لنڊن لنڊن لنگهڻ جي ڏاڍن مان ڪڍڻ جي ڪوشش
ڪندو آهي ۽ اسانجي اندر پرماتما جي سچي نام جي
ڪمائي ۽ پهچڻ لاءِ شوق پيدا ڪندو آهي. /

پرماتما اسانجي اندر آهي

هر هڪ مهاتما پنهنجو اهو تجربو ٻڌائي ٿو ته جهڙي پرماتما
کي اسين ڳولهڻ چاهيون ٿا ۽ جنهن مالڪ سان ملڻ اسانجي
آتما هميشه لاءِ جنم مرڻ جي دکن کان ڇڏي سگهي، اهو
پرماتما ڪٿي ٻاهر ڪونهي. اهو مالڪ هر هڪ جي سرير
اندر براجمان آهي. جنهنکي به مليو پنهنجي اندر ئي مليو ۽
جنهن کي به ملندو پنهنجي اندر ئي ملندو. ليبارٽري مالڪ
جي ملڻ لاءِ جيڪا ڏسڻ ڪا پريوگ شالا (Laboratory)
آهي جنهنجي اندر وڃي مالڪ جي ملڻ جي کوج ۽ Research
ڪرڻي آهي ته اهو صرف اسانجو شرير آهي. هر هڪ مهاتما
جو اهوئي اپديش آهي. گرو نانڪ صاحب به فرمائين ٿا:

"اس ڪايا اندر جگ جيون داتا وسي،
سڀنا ڪري پرتپالا."

"سڀ ڪڇ گهر ۾ ٻاهر ناهين،
ٻاهر ٽوليندي سو ڀرم ڀلائين."

يعني جنھن پرماتما ساري جڳ کي زندگي بخشي آهي، ھن دنيا جي رچنا ڪئي آهي ۽ جو پرماتما سڀ جو داتا آهي ۽ جو سڀني جي سنڀال ۽ رکوالي ڪري ٿو اھو پرماتما ھن شرير ۾ رھيٿو. وري ٻئي ھنڌ سمجھائين ٿا:

”اس گفا مھ اَکت ڀنڊارا،
تس وچ وسي ھر الک اپارا.“

ھيءُ جو اسانجو شرير آهي اھو نہ رڳو آتما جي رھڻ جي غفا آهي پر اھو پرماتما جو الک ۽ اگم آهي سو ئہ. ھن غفا يعني شرير اندر آهي. وري ٻئي ھنڌ لکن ٿا:

”ڪايا اندر آپي وسي، الک نہ لکيا جائي،
من مک مگڌ بُوجھي ناھين، ٻاھر ڀالن جائي.“

اھو پرماتما شرير اندر ويٺو آهي ۽ اسين اُن پرماتما کي ٻاھرين اکين جي ذريعي ٻاھر ڳولھڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. اھو اسانکي نظر ڪيئن اچي سگھندو. اسين من مک، گنوار ۽ نادان آهيون. جا وستو اسانجي گھر اندر آهي سا ٻاھر ڳولھي رھيا آهيون. ڪبير صاحب جن ۾ بہ اھڙي آزمودو آهي. فرمائين ٿا:

”جيوُن تل ۾ تيل ھئہ، جيوُن چقمق ۾ آگ،
تيرا پريتم تجھ مين، جاڳ سڪي تو جاڳ.“

وري فرمائين ٿا:

”جيوُن نيڻون ۾ پتلي، تيوُن خالق گھٽ ماھين،
مورک لوک جاني نھين، ٻاھر ڍوُنڍن جائين.
جا ڪارن جڳ ڍوُنڍيا، سو تو ھئہ گھٽ ماھين،
پرد دا ڀرم ڪا، تاتي سوُجھي ناھين.“

جھڙيءَ طرح ترن ۾ تيل آهي ۽ پٿر ۾ آگ آهي اھڙيءَ طرح پرماتما بہ اسانجي شرير جي اندر آهي. جيئن اکين جي

اندر پيل آهي، ساڳيءَ طرح هن دنيا جي مالڪ وارو —
اسانجي شرير اندر آهي. اسين لوڪ مورک آهيون، اندا
آهيون ۽ پنهنجي شرير اندر ان مالڪ کي ڳولهڻ لئي ڪونه
ٿا ۽ هميشه ٻاهر ڳولهڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا.
جيئنجي ڳولها ۾ اسين جهنگلن ۽ پهاڙن ۾ ڀٽڪندا ڦرون ٿا،
مندرن ۽ مسجدن ۾ تلاش ڪندا ٿا رهون اهو پرماتما اسان
جي شرير اندر آهي. اسانجي ۽ مالڪ جي درميان ڀرم جو
پردو پيل آهي. تنهنڪري هو اسانکي نظر نٿو اچي. اهڙي
مهاتما چرنداس جن جو تجربو آهي ۽ هو فرمائين ٿا:

”دوڏ مد جوڙن گهيئه هتڙ، مهندي ماهين رنگ،
جتن بنا نڪسي اهين، چرنداس تو ڍنگ،
جو جاني تا پيد ڪو، اور ڪري پرواس،
سو اپناشي هرس هتڙ، جهٽي سڪل ڪليس.“

اهڙيءَ طرح تلسي صاحب جن ۽ ڍنڍئي ۾ دکني بابا جي
ناتي سان ڄاتا مشهور مهاتما ٿي گذريا آهن، پنهنجي باڻيءَ
۾ فرمائين ٿا:

”ڪيون ڀٽڪتا ڦر رها، تو اي تلاشِ يار مين،
راستا شاه رگ مين هئه، دلبر ني جاني ڪي ليئي.“

يعني اي پرماتما جي کوج ۾ ٻاهر ڀٽڪندو ڇو ٿو ڦرين؟
پرماتما هرهڪ جي شرير اندر آهي ۽ هن وقت ايتري جو
ستر ۾ پرماتما هرهڪ جي اندر ني رکيو آهي. يسوع مسيح
۾ بائيبل ۾ ائين ٿي سمجهايو آهي:

"Kingdom of God is within you"

پلٽو صاحب ۾ ائين ٿي ٻيان ڪن ٿا:

”صاحب صاحب ڪيا ڪرى، صاحب تيري پاس.“

اهو پرماتما نه چوويهه ئي ڪلاڪ اسان سان گڏ رهيٿو.
ڪنهنکي تو راست نه پيئون ڳولهيون، يعني نه اهو مالڪ
شرير جي اندر آهي.

گرو رامداس صاحب ‌ٻه فرمائين ٿا:

”سدا حضور دور نه ڄاڻو، رچنا جن رچائي.“

اهڙيءَ طرح دادو صاحب فرمائين ٿا:

”دادو جيو نه جاڻي رام ڪو، رام جيو ڪي پاس،
گرو ڪي شبد وهه ٻاهرا، تاڻي ڦري اداس.
دور ڪهي پو دور هئه، رام رهيا ڀرپور
نئنون ٻن سوجهي نهين، تاڻي اوٿي ڪت دور.
ڪوئي دوڙي دوارڪا، ڪوئي ڪاشي جاٺن،
ڪوئي متڙا ڪو چلي، صاحب گهٽ هي ماٺن.
سب گهٽ ماهين رام هئه، ارلا ٻوجهي ڪوئي،
سوئي ٻوجهي رام ڪو، جو رام سنيهي هوئي.“

ڇو ته جنهن پرماتما دنيا جي رچنا ڪئي آهي، اهو چوويهه ئي ڪلاڪ اسان سان گڏ آهي. پر اسين دنيا جا جيو ديهه ۽ شرير جي اندر وڃي ڪڏهين به پرماتما جي کوج ڪرڻ جي ڪوشش ڪونه ٿا ڪريون. هميشه انکي يا ته جهنگلن ۽ پهاڙن ۾ ڳولهڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا، يا گرنٿن ۽ پوٿين ۾ پائڻ چاهيون ٿا، يا سمجهون ٿا ته هو گوردوارن، مندرن، مسجدن يا ديولين ۾ ئي ملي سگهندو. ڪڏهين خيال ايندو آهي ته هو ڪٿي آسمان جي پنيان لڪي ويٺو آهي، ليڪن جنهن جاءِ تي اهو پرماتما آهي اُن هنڌ ته تلاش ڪريون ڪونه ٿا. گرو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:

”گورمک هووي سو ڪايا کوجي، هور سب ڀرم ڀلائين.“

يعني جيڪي مالڪ جا اصلي ڀڳت ۽ پيارا آهن ۽ جنکي ڪنهن سنت مهاتما جي صحبت ملي چڪي آهي، اهي پرماتما کي شرير ۽ ديهه جي اندر ڳولهين ٿا. باقي سڀ دنيا جا جيو ڀرمن ۾ ڦاسي هيٺ تي پيا ڀٽڪن. سائين

ڀلي شاھ فرمائين ٿا:

”ٻلا شهه اسان لو وک نهين،

ٻي شهه ٿين دوجا ڪڪ نهين،

ٻروبڪن والي اک نهين،

ٿان جان جدائيان مهندي هئہ.“

ڪبير صاحب جن ڪ ڏاڍي زوردار لفظن ۾ اسانجي خيال کي انهن وهمن ۽ ڀرمن مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هو سمجهائين ٿا:

”ڪنڪر پٿر جوڙ ڪر، مسجد لئي چڻائي،

تان چڙهه ملا بانگ دي، ٻهرا ٿيا خدائي؛

ملا چڙهه ڪلڪاريا، الک نه ٻهرا هوئي،

جس ڪارن تون بانگ دي، دل هي اندر سوئي؛

ترک مسيتي هندو ديهري، آپ آپ ڪو ڌائي،

الک پرش گهٽ ڀيتري، ٿاکو لکا نه جائي.“

پٿر ۽ سرون ڪٺيون ڪري اسين مسجد ٻنا مالڪ جي رهڻ جي جاءِ ٺاهيون ٿا ۽ انجي ڪوٺي تي چڙهي ملان وڏي آواز سان بانگ ڏيئي پرماتما کي پڪاري ٿو ڄڻڪ پرماتما ٻوڙو آهي ۽ اسانجو آواز ٻڌن لائين ٻهچي ٿي نٿو. ڪبير صاحب سمجهائين ٿا ته، اي ملان، خدا ٻوڙو ناهي. انڪري چلائڻ جي ضرورت ناهي. جنهن خدا جي واسطي تون انترائين زور زور سان رڙيون ٿو ڪرين اهو ته تنهنجي اندر ۾ موجود آهي. مسلمان آن خدا کي مسجدن ۾ ڳولهين ٿا ته هندو مندرن ۾ آن پرماتما کي ڳولهي رهيا آهن. سک ۽ عيسائي وري گرودوارن ۽ ديولين ۾ آن مالڪ جي تلاش ڪري رهيا آهن. ليڪن اهو الک پرش نه هنن جي شرير ۾ ئي وسي ٿو ۽ شرير اندر ئي ملندو. اهڙي طرح تلسي

صاحب ہ سمجھائين ٿا:

”نقلي مندر مسجدون ۾ جائي صد افسوس هئہ،
قدرتي مسجد کا ساڪن، دک اُٺاني ڪي لئي.“

سائين الي شاهہ ڪيترو نہ اي ڏڙڪ فرمائين ٿا:

”پنج نمازان ڇڪر روزي ڪلمي دي سر سياهي،
الي نون شهہ اندرون مليا، پُلي ڦري لوڪائي.“

وري ٻئي هنڌ فرمائين ٿا:

”بيد قران پڙهہ پڙهہ ٿڪي،
سجدي ڪردياں گهس گئي متي،
نہ رب تيرٿ نہ رب مڪي،
جس پايا تس دل وچ يار.“

ڪهڙي نہ افسوس جي ڳالهہ آهي تہ جيڪي جايون اسان پرماتما جي رهڻ لاءِ ٺاهيون آهن، اسين اُنهن هنڌن تي پرماتما جي تلاش ڪري رهيا آهيون پر جنهن شرير ۾ پرماتما ويٺو آهي، اُهو شرير تہ مالڪ جي ڳولا ۾ راحت ڏيڻهن دک ڀوڳي رهيو آهي. جيڪڏهن ڪو سچي ۾ سچو گردوارو، مندر يا مسجد يا ديول آهي تہ اُهو صرف اسانجو پنهنجو شرير آهي. اِها جاءِ پرماتما پنهنجي رهڻ لاءِ خود ٺاهي آهي ۽ اُن جي اندر ئي هو پاڻ ويٺو آهي. ڪبير صاحب جو فرمان آهي:

”سب گهٽ پورن پور رهيا هئہ، آد پرش نرباني.“

سينٽ پال بہ هن شرير کي زنده پرماتما جو مندر ڪري بيان ڪيو آهي يعني تہ اُهو مندر جنهنجي اندر زنده خدا رهي ٿو. رشين منين بہ هن شرير کي نر ناراڻي ديهہ ڪري ڪوٺيو آهي. اِها ديهہ جا پرماتما خود پيدا ڪئي آهي ۽ جنهنجي اندر اُهو پرماتما خود ويٺو آهي ۽ اُن ديهہ جي اندر ئي اسانجي آتما پرماتما کي پاڻ جو نظر حاصل ڪري

هزارن جي تعداد ۾ کيرائڻ ۽ ناس ڪرڻ جي ڪر
ڪريون ٿا. ڪبير صاحب فرمائين ٿا:

”هندو ڪهت هئه رام همارا، مسلمان رحمانا،
آپس ۾ دوئو لڙي مرت هئه، مرم ڪوئو نهين جانا.“

انهاس ٻڌائي ٿو ته انگري ڪيترين نه جنگيون ٿيون
آهن ۽ ڪيتري نه خون خرابي ٿي آهي. ڪيترا ٻار يتيم ٿيا
آهن ۽ ڪيترئين عورتون وڌوائون ٿيون آهن ۽ پوءِ اسين ان ۾
فخر وٺي پاڻکي مذهب جا رکوالا سمجهون ٿا، پاڻکي ڌرم
جا شهيد سڏايون ٿا. جيڪڏهين هڪبئي کي قتل ڪرڻ
سان ۽ خدا جي خلقت جو خون وهائڻ سان ئي پرماتما ملي
سگهي ته ان کان سستو سودو ۽ آسان طريقو ٻيو ڪهڙو ٿي
سگهي ٿو؟ پر اسانجو اهو خيال غلط آهي. جنهنجو پرماتما
سان پيار آهي اهو پرماتما جي خلقت ۽ مخلوق سان به پيار
ڪري ٿو. جڏهين پرماتما هڪ آهي ۽ ان پرماتما ئي سيني
کي پيدا ڪيو آهي ۽ هرهڪ جي اندر هو ٻڻ وينو آهي ۽
هرهڪ کي پنهنجي اندر ئي ان پرماتما جي کوج ڪرڻي
آهي، پوءِ جيڪو ڪنهن سان نفرت ٿو ڪري ته هو
پرماتما سان نفرت ٿو ڪري. جيڪڏهين ڪا قوم ٻيءَ قوم
کي ٻرو پلو ڪوئي ٿي ۽ ڪو مذهب ٻئي مذهب وارن جي
خون جو پياسي آهي ته منهنجي خيال موجب ان قوم ۽ مذهب
ندر اچا مالڪ جي ماڻ جو شرق ۽ پيار پيدا ٿيو ئي
ونهي چاڪاڻ ته جنهنکي ان پرماتما سان پيار آهي اهو
پرماتما جي مخلوق سان به ضرور پيار ڪندو. جي
ن ڪنهن سان نفرت ڪريون ٿا ته اسين ان پرماتما سان
نفرت ڪري رهيا آهيون جو ان جي اندر وينو آهي ۽
هنکي پيدا ڪيو آهي. گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:

”جيا جنت سڀ لسدي، سڀنا کا سوئي،
مندا ڪس نون آکيئي، جو دوجا هوئي.“

[illegible]

"That was the true light which lighteth
Every man that cometh into the world."
(St. John i. 9)

[illegible]

آهي. ليڪن ڀاڳ ۾ ميلاپ ٿي نه ٿيو اٿن يعني نه آتما ۽ شرير اندر آهي ۽ پرماتما به شرير اندر آهي. پر نه ڪڏهين آتما پرماتما جو درشن ڪيو ۽ نه ڪڏهن سهاڳڻ ٿي. وري ڀاڳ ٿي جواب ٿا ڏين ته پرماتما ۽ اسانجي شرير اندر آهي پر اسانجي ۽ مالڪ جي وچ ۾ "هومي" جي وڏي زبردست رڪاوٽ آهي. گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:

"هون وچ آيا، هون وچ گيا،
هون وچ جيبا، هون وچ مرا،
هون وچ دتا، هون وچ ليا،
هون وچ کٽيا، هون وچ گيا،
هون وچ سچيار ڪوڙيار،
هون وچ سورگ نرڪ اوتار."

وري فرمائين ٿا:

"جيون مڪت سو آکيئي، جس وچون هومي جائي."

وري اُپديش ڪنٿا:

"هومي ديرگهه روگ هئه، دارو ڀي اس مانهه،
ڪرپا ڪري جي آپڻي، گورو ڪا سبد ڪمانهه."

يعني اسين جيتري ٿي مڪتي پائي سگهون ٿا جي اسانجي اندرمان هومي جي رڪاوٽ دور ٿي وڃي. گورو امرداس صاحب فرمائين ٿا:

"هر جيو سڀا اونچو اونچا، هومي مار ملاويتان."

يعني اهو پرماتما لافاني آهي يعني سڪنه جي رهڻ وارو آهي. پر جيسين هومي جي رڪاوٽ دور نه ڪنداسين ليسين اُن پرماتما سان ملي نه سگهنداسين. دادو صاحب به سمجهائين ٿا:

"دادو دعوئي دور ڪر، ان دعوئي دن ڪات،
ڪيتي سودا ڪر گئي، پساري کي هات."

اي ڀائرو! دنيا ۾ ڪنهن به چيز جي دعويٰ نه ڪريو، تنهنجو هن دنيا ۾ ڪجهه ڪونهي. هي سڀ ڪجهه اُن پرماتما جو آهي. انکي پرماتما جو ئي سمجهه. اهڙن پدارٿن کي پنهنجي پالڻ جي ڪوشش نه ڪر ڇاڪاڻ ته اهي نه ڪڏهن ڪنهن جا ٿيا آهن ۽ نه ٿي سگهن ٿا. دنيا ۾ وڏا وڏا راجائون مهاراجائون هن سنسار کي پنهنجو ٻڌائيندي ٻڌائيندي هليا ويا پر هيءَ دنيا انهنجي نه ٿي سگهي. اها اسانجي ممتا ئي ممتا ئي آهي جا بار بار اسانکي هن دنيا جي ٻنڌڻ ۾ آڻي ٿي. ڪرائيسٽ به بائيبل ۾ فرمايو آهي:

"And again I say unto you, it is easier for a camel to go through the eye of a needle, than for a rich man to enter into the Kingdom of God."

(Mathewes 19 : 24)

يعني مان وري اوهانکي چوان ٿو ته پرميشور جي راڄ ۾ ڌنوان جي وڃڻ کان اُٺ جو سُئيءَ جي ناڪي مان نڪرڻ سولو آهي ڀائي شاهه جو به اهڙوئي ڪلام آهي:

"دوئي دور ڪروڪوئي شور نهين،
ايڪ ٿوڪ هندو ڪوئي هور نهين،
سڀ ماڻ لکر ڪوئي چور نهين،
هري گهٽ گهٽ بيچ سمايا هي."

اهڙيءَ طرح ڪبير صاحب به فرمائين ٿا:

"ڪام لڳي ڪرود نه جائي، ڪرود لڳي لوڀ لڳا،
لوڀ لڳي اهنڪار نه جائي، مان وڏائي شوڀا."

ممتا ڇا آهي؟ هي جو سڀ ڪجهه اسين سمجهون ٿا ته هيءُ منهنجو اولاد آهي، هيءَ منهنجي جائداد آهي، هيءَ منهنجي دولت آهي. اهو سڀ ڪجهه حقيقت ۾ اُن پرماتما جو آهي. اسين پنهنجو پاڻ کي اُن پرماتما کان الڳ سمجهون

وڃنا آهيون ۽ انهن پدارٿن کي پنهنجو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون، ليڪن اهي اڄ تائين نه ڪنهن جا ٿيا آهن ۽ نه ٿي سگهندا. پر جڏهن انهن کي اسين پنهنجو ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا ته اهي اسانکي پنهنجي موهه ۾ ڦاسائي رکن ٿا ۽ انهن پدارٿن ۽ شڪلين سان اسانجو اهڙو ته پيار ٻڌجي ٿو وڃي جو رات ڏينهن سڀئي ۾ انهن جا ئي اچڻ شروع ٿين ٿا ۽ موت جي وقت انهن جون ئي شڪليون اسانجي اکين اڳيان سنيما جي پردي وانگر ڦرڻ شروع ڪن ٿيون. جنهن طرف ۾ اسانجو خيال موت جي وقت وڃي ٿو، اسان دنيا جا جيو اُن طرف ئي وهي وڃون ٿا. اِهو دنيا جي شڪلين ۽ پدارٿن جو موهه ئي آهي جو اسان مان هرهڪ کي بار بار هن ديهه جي بندڻن ۾ ڇڪي آڻي ٿو. ڪرائيسٽ به بائيبل ۾ سمجهائي ٿو:

"And man's foes shall be they of his own household." (Matthew 10 : 36)

ته انسان جا ويري اُنجي گهر وارا ئي ٿيندا آهن. وري اڳتي ٻڌائين ٿا ته اسانجا سچا رشتيدار ڪير آهن:

"For whosoever shall do the Will of my Father which is in Heaven, the same is my brother and sister, and mother. (Matthew 12 : 50)

جو ڀي منهنجي سرڳ واري پتا جي اڇا انوسار هلي اهو ئي منهنجو ڀاءُ، ڀيڻ ۽ ماءُ آهي

اسانجو من

دنيا جي شڪلين ۽ پدارٿن سان موهه ڪير اُر ڪري؟ — اِهو اسانجو من ئي آهي جو انهن شڪلين ۽ پدارٿن سان موهه لڳائي وٺو آهي. انڪري جيڪڏهين آتما ۽ پرماتما جي

وچ ۾ ڪا رڪاوٽ آهي يا ڪو پردو آهي تہ اهو صرف
اسانجي من جو پردو آهي. ان لاءِ گرو نانڪ صاحب پنهنجي
ٻاڻيءَ ۾ لکن ٿا:

”نانڪ من جيتي جڳ جيت.“

جيڪڏهين تون پنهنجي من کي قابو ڪندين تہ تون
سڄيءَ دنيا جي ٻالڪ واري کي هٿ ڪري سگهندين.
جيڪڏهين اسانجو دنيا ۾ ڪوئي دشمن آهي تہ اهو صرف
اسانجو من ئي آهي. هيءَ ڪڏهن ڪنهنکي پنهنجو نوڪري
نہ ڪنهن کي برابر نہ سمجهي. چڱيءَ طرح ويچار ڪري
ڏسو. هي صرف اسانجو من ئي آهي جنهنجي تابع ۾ اچي
قوم قوم جي دشمن آهي ۽ مذهب مذهب جو دشمن آهي.
هڪ ملڪ ٻئي ملڪ کي تباهہ ڪرڻ چاهي ٿو ۽ ڀاءُ ڀاءُ جو
منهن ڏسڻ نٿو چاهي. هڪٻئي جي گلي ڪٽڻ جون رٿون
هميشہ پيا سوچيون. هي جيڪي ڪجهہ اسان کان ڪرائي
رهيو آهي اهو اسانجو من ئي آهي. تنهنڪري جيسين اسين
پنهنجي من کي قابو نٿا ڪريون تيسين پرماتما سان ملڻ جي
لائق ڪيئن ٿي سگهنداسين!

من کي قابو ڪرڻ جو مطلب ڇا آهي؟ جهڙيءَ طرح
اسانجي آتما ان پرماتما جي انس آهي اهڙيءَ طرح من بہ
ڪا گهٽ چيز ناهي. من برهم جي انس آهي. ترڪٽيءَ جي
رهڻ وارو آهي پر هتہ اچي مايا جي جار ۾ ڦاسي پنهنجو
مالڪ ڀلائي ويٺو آهي. هتہ اچي هن آتما جو ساٿ پڪڙيو
آهي. روح ۽ من جي گنڍ ٻڌجي ويئي آهي. جيسين آتما
[illegible] تہ ڇڏيندي تيسين هڪ پنهنجي ٻاڻ جي ڄاڻ
[illegible] سگهندي ۽ نہ وري هوءَ پنهنجي اصل يعني پرماتما
[illegible] ٿي سگهندي. آتما من جو ساٿ تڏهن
[illegible] من برهم يا ترڪٽيءَ ۾ واپس وڃي

پنهنجي لڪائي ڇڏيندو. اسانکي جيڪا به ڪوشش ڪرڻي
آهي سا اِها ته روح ۽ من جي ڳنڍ کلي. ان لاءِ سقراط به
چيو آهي ته "پنهنجو پاڻ سڃاڻ" "Know Thyself". اِهو
گورو نانڪ صاحب به سمجهائين ٿا:

"سو جن نرمل جن آپ پڇاتا."

اهوئي شخص نرمل ۽ پوتر آهي جو پنهنجو پاڻ سڃاڻي
لو. ڪبير صاحب به انهن تي فرمائين ٿا:

"ساڌو ستگورو الک لکايا جب آپ آپ درسايا."

سوامي جي مهاراج به فرمائين ٿا:

"آپ آپ ڪو آپ پهچانو، ڪها اور ڪا نيڪ نه مانو."

پنهنجو پاڻ کي ڄاڻڻ جو مطلب اِهو آهي ته اسانکي من
مايا جي حد کان پار وڃڻو آهي. اسان کي پنهنجي آلما تان
ٽيئي پردا (استول، سوکيم ۽ ڪارڻ) لاهڻا آهن ۽ رجو گڻ،
تمو گڻ ۽ ستو گڻ يعني ٽنهي گڻن کي پار ڪرڻو آهي. پوءِ
وڃي پنهنجي پاڻ جو پتو لڳندو ۽ پنهنجي اصليت جي
خبر پوندي. اسانجي آلما ته بلڪل نرمل، پوتر ۽ پاڪ هئي
پر من جو سات ڪرڻ جي ڪارڻ اُني گندي ۽ پتت
ٿي چڪي آهي. مثال طور بادلن ۾ پاڻي کهڙو نه صاف ۽
سنو هوندو آهي، پر جنهن وقت اهو پاڻي برسات ٿڃي
زمين تي ڪري ٿو ته کهڙو نه گندو ٿڃي پوي ٿو ايتري
در جو اُن مان بدبوءِ اچڻ شروع ٿئي ٿي. هو پنهنجي
اصليت کي صفا ڀلائي وڃي ٿو ۽ پنهنجو پاڻ کي گندگيءَ جو
پ سمجهڻ شروع ڪري ٿو. پر جڏهين اُن گندگيءَ کي
جي تپت لڳي ٿي ۽ اهو پاڻي بخار ٿڃي اُن گندگيءَ
ڇڏي ٿو تڏهين اُن کي پنهنجي پاڻ جي خبر پوي ٿي
ان ڇا آهيان. جنهن وقت هنڪي پنهنجي پاڻ جي ڄاڻ
ٿي ته پوءِ هو پنهنجي اصليت متعلق سوچي ٿو ۽ پوءِ

آسمان جي اندر سڄو بادلن ۾ وڃي. پنهنجي اصل ۾ سمائجي ٿو. اسانجي آتما جي حالت به اهڙي آهي جاڪاڻ جو اها مايا جي ڄار ۾ ڦاسي من جي اڌين ٿي چڪي آهي ۽ من اندرين جي ٻروڻ ۽ ٻلدن جو عاشق ٿي چڪو آهي ۽ جيڪي جيڪي ڪرم من ڪري ٿو انجو ڦلتيجو من سان گڏو گڏ آتما کي به ڀوڳڻو پوي ٿو. جيستائين آتما من جو ساٿ نه ڇڏيندي تيستائين اها پنهنجي اصل جي اندر سمائجڻ جي لائق نه ٿيندي. مهاتما چرنداس جن فرمائين ٿا:

”اندرين کي بس من رهي، من کي بس رهي ٻڌ،
کهڙ ڏيان ڪنسي لڳي، اپنا جهان ورڌهه.“

بجليءَ جو هڪ تيز بلب ڪيتري نه روشنيءَ وارو جو نه هجي پر جيڪڏهين ان جي مٿان ڪارو ڪپڙو ويڙهڻ شروع ڪبو ته سندس روشني گهٽجي نيٺ گم ٿي ويندي. اهو بلب جتي به ڪٽي ويندا سين نه اُتي اونده ئي اونده هوندي. جئن جئين اسين ان بلب تان ڪاري ڪپڙي جا ته لاهيندا ويندا سين تئن تئن ان مان روشني ۽ پرڪاش ظاهر ٿيڻ شروع ٿيندو ۽ جڏهين سمورا ته ان بلب تان لهي ويندا نه انجو پرڪاش پوريءَ طرح ظاهر ٿيندو. اهڙي طرح جئن جئن اسان جي آتما من جو ساٿ ڇڏيندي ويندي ۽ من جا پردا ان تان لهندا ويندا تئن تئن هوءَ پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ جي لائق ٿيندي ويندي. انڪري چيو ويو آهي نه پرماتما جي گيان کان پهرين آتم گيان ضروري آهي.

هاڻي اسان کي جيڪا به ڪوشش ڪرڻي آهي يا ڪرڻ ضروري سرچڻو آهي اهو من کي قابو ڪرڻ جو ٿي سرچڻو آهي. من کي واپس اُرهر يعني ترڪتيءَ ۾ وٺي وڃڻ جو ٿي سرچڻو آهي. هرهڪ مذهب جو اهو ئي مقصد آهي. اسين دنيا جا جيو پنهنجي پنهنجي عقل موجب من کي قابو ڪرڻ بعدي

وس ڪرڻ لاء هزارين طريقن سان ڪوشش ڪريون ٿا.
جپ تپ ڪريون ٿا، پوڄا پاٺ ڪريون ٿا، گرنٿ پوٿيون
۽ ويد شاستر پڙهون ٿا، دان پن ڪريون ٿا ۽ ڪيئين قسمن
جا هوَن يگيه به ڪريون ٿا. ايتري قدر جو گهر ٻار ڇڏي
جهنگلن ۽ ٻهاڙن ۾ وڃي لڪون ٿا. اِهي سڀ ساڌن ۽ طريقا
صرف من کي وس ڪرڻ لاء ڪريون ٿا. اسين هٺ ڪرمن
جي ذريعي، پنهنجي خيال کي دنيا کان موڙڻ جي ڪوشش
ڪريون ٿا. پر ڇاڪاڻ ته اسانجو خيال ڀيءِ ڪنهن نه ٻهتر
شيءِ سان جڙي ڪونه ٿو تنهنڪري دنيا اندر ٿي پٽڪڻ
شروع ڪري ٿو. دنيا مان زبردستيءَ پنهنجي خيال کي
ڪيڻ ائين آهي جئن ڪنهن زهريلي نانگ کي ٽوڪريءَ
۾ بند ڪجي. جيترو عرصو هو ٽوڪريءَ ۾ بند هوندو اسين
اُن نانگ جي زهر ۽ ڏنگ کان اڻڀيل رهنداسين. پر جڏهن
به هنکي ٻاهر نڪرڻ جو وجهه ملندو ته هو ڏنگ ضرور
هڻندو، ڪڏهن به پنهنجي عادت کان ٻاز نه ايندو. انڪري
ڪنهن نانگ کي ٽوڪري اندر بند ڪرڻ سان اسين هميشه
لاء اُنجي زهر کان ڇٽي نٿا سگهون. اسان کي پنهنجي جان
جو خطرو لڳو ئي رهندو. پر جيڪڏهن اُن نانگ کي
پڪڙي اُنجي زهر جي ٿيلهي ئي ڪڍي ڇڏيون ته اُهو
نانگ نقصان پهچائي ڪونه سگهندو ۽ نڪي ڏنگ هڻي
سگهندو ۽ اسين هميشه لاء اِن خوف تي ٻڌنداسين پوءِ چاهي
اسين اُن نانگ کي پنهنجي گلي ۾ وجهي گهمون ته به ڪجهه
ڪري نه سگهندو. اهڙيءَ طرح اسين جڏهن ٻارن ٻچن کي
لياڳي جهنگلن ۽ ٻهاڙن ۾ وڃي ٿا لڪون يا گرنٿ پوٿيون ۽
ويد شاستر پڙهون ٿا ته ائين ٿا سمجهون ته جڻ اسان جو من
اسان جي قابوءَ ۾ اچي ويو آهي يا وس آيو آهي. پر وري
جڏهن دنيا جو مقابلو ڪرڻو پوي ٿو ته اُهيئي خواهشون ۽

لڪشنارن جي اسانجي اندر دٻيون پيون هيون سي اسانکي
آڳرڻ لي لتاڙ شروع ڪن ٿيون. بلڪ حقيقت ته اِها آهي
ته ساڌارڻ انسان ڪان ته اسانجي حالت بدتر ٿي پوندي
آهي. جيترو ته اسين ڪنهن چيز کي دٻائون ٿا اوترو اها وڌيڪ
اُڀرڪر ٿي ڪاڙي. زبردستي من کي قابو ڪرڻ ائين آهي
جئين پولنڊ ڪوئلن مٿان رک وجهڻ. ڏسڻ ۾ ائين ايندو آهي
ته باهه وسامي آهي، پر جنهن وقت اوري ته هوا لڳي ٿي ته
رک اڏامي وڃيٿي ۽ باهه ڀڙڪو ڪائي پري پري ٿي.
اهڙيءَ طرح جڏهين پرڪن ۽ وشين جي آنڌي يا طوفان اچيٿو
ته من وري جاڳي اُٿي ٿو ۽ وس کان ٻاهر نڪري وڃي ٿو ۽
اڳي کان به زور ٿيجي وڃي ٿو. زبردستيءَ من کي قابو ڪرڻ
ائين آهي جئن اسين ڪنهن بدمعاش کي پوليس جي حوالي
ڪندا آهيون. جيستائين اهو بدمعاش پوليس جي حوالات ۾
بند آهي اوترو عرصو اسين هن جي شرارتن ۽ بدمعاشين کان
ضرور بچيل رهون ٿا پر جنهن وقت پوليس هنکي آزاد ڪري
ٿي ته هو وري ساڳيون لچايون ۽ شرارتون ڪرڻ شروع ڪري
ٿو. پر جيڪڏهن اُن بدمعاش کي اسان پوليس جي حوالي
ڪرڻ بجاء سمجهائي بجهائي هڪ شريف انسان بڻايون ته
جيڪر اسين هميشه لاءِ هنجي شرارتن کان بچي پئون. انڪري
مهاتمائون سمجهائين ٿا ته همت ڪرمن ۽ سنجم جي ذريعي
اسين ڪڏهين ته پنهنجي من کي قابوءَ ۾ آڻي ته سکيهداسين
پر ٿوري وقت لاءِ ڪجهه آرام ضرور ملندو.

جيڪڏهن اسين من تي قابو پائڻ يا من کي وس ڪرڻ
چاهيون ٿا ته اسانکي سڀ کان اول من جي عادت ۽ سڀاءَ
چڱيءَ طرح سمجهڻ گهرجي. اسان سڀني جو اهو آزمودو آهي
ته من لذت جو عاشق آهي. هڪ چيز سان پيار ڪري ٿو
جيڪڏهين ٻي چيز يا شڪل پهرئين کان وڌيڪ سٺي نظر

اچيس تي نہ هو هڪدم ڀڄڻ ڇڏي ڏيئي جي پوءِ ٻيهر ڊوڙڻ شروع ڪري ٿو. ڪوبہ نہ موهہ يا پيار اسانجي من کي هميشہ لاءِ قابو ڪري نہ ٿو سگهي. اسان جو پنهنجي پنهنجي زندگيءَ جو تجربو آهي تہ اُهي شڪليون ۽ پدارٿ جن کي اسان ڪنهن وقت پنهنجي بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا هئاسين ۽ سمجهندا هئاسين تہ اُنهن کانسواءِ اسانجو زندهہ رهڻ مشڪل بلڪ ناممڪن آهي، اڄ اُنهن ئي شڪلين سان اسان جو من نفرت ڪري ٿو ۽ اُنهن کي ڏسڻ بہ پسند نہ ٿو ڪري. اها ڳالهہ تہ عالم آشڪار آهي تہ من بدل سدل (Variety) جو عاشق آهي. هڪ ئي چيز کي ڏسي ڏسي ۽ کائي کائي تنگ ٿي پوندا آهيون. پنهنجي سڄي زندگيءَ کي اکين اڳيان رکي ويچار ڪري ڏسو تہ ٻالپڻي ۾ اسان جو ماءُ پيءُ سان ڪيترو نہ پيار هو. جي ماءُ اسان کان بہ منٽ بہ الڳ ٿيندي هئي تہ اسين هڪدم روئڻ شروع ڪندا هئاسين، پر جڏهن ٻہ ٽي ڀائر ڀينر اچي ويا تہ اُهوئي ماءُ سان لڳل پيار ڀائرن ۽ ڀينرن سان لڳي ويندو هو. اُن کانپوءِ جنهن وقت سڪول يا ڪاليج ۾ داخل ٿيندا آهيون تہ اُهوئي پيار دوستن سان ٿي ويندو آهي. شاديءَ بعد تہ اُهو پيار زال ۽ ٻارن ٻچن ۾ سمائجي ويندو آهي. بزرگ ٿيندا آهيون تہ اُهوئي پيار قومن، مذهبن ۽ ملڪن تائين ڦهلجي ويندو آهي. پيار هڪڙوئي آهي پر ڪيترا نہ روپ ۽ شڪليون ٿو بدلي. پر ڪو پيار اسانجي من کي هميشہ لاءِ قابو نہ ٿو ڪري سگهي. ڇاڪاڻ تہ اسانجو من لذت جو عاشق آهي تنهنڪري جيسين اسان جي من کي دنيا جي لذتن، موهہ ۽ پيار کان وڌيڪ اُچي ۽ سچي لذت؛ موهہ يا پيار نہ ملندو تيسين هي من دنيا جي لذتن، سوادن، موهہ ۽ پيار ...ي ڇڏڻ لاءِ ڪڏهن بہ تيار ڪونہ ٿيندو. اُها ڪهڙي چيز ...ي لذت آهي جنهنکي حاصل ڪري اسانجو من دنيا جي

موهه ۽ پيار کي اوکتا ڪندو. مهاتما پنهنجي لجراي مان
ٻڌائين ٿا ته اُها شبد ۽ نام جي للڌت آهي. اُها للڌت اهڙي
رسيلي، اوچي ۽ نرمل آهي جو اِنکي حاصل ڪري اسان جو
من خود بخود دنيا جي موهه ۽ پيار کي ڇڏي ڏئي ٿو.
جڏهن ڪي هيرا جواهر ملي وڃن ٿا ته ڪوڏين لاءِ در بدر
لوڪرون ڪو ڪالي. جو ڪراڻ ڪڏهن ۽ والديڪن مان ليستالين
والد ڪندين آهن جيستائين سندن شادي نه ٿي آهي. وئراڳ
(Detachment) ڪڏهين به اسانجي اندر لڳاو (Attachment)
پيدا نه ڪري سگهندو. صرف لڳاؤ ئي اسانجي اندر وئراڳ
پيدا ڪري سگهندو. جيڪڏهن ڪنهن جوڪريءَ کي شاديءَ
کان اڳ ڪيترو به سمجهائجي ته ماءُ پيءُ جو پيار ڇڏي ڏي،
ٻالڻ، پسون ۽ سکين سهيلين کي ڀلائي ڇڏ ته پوءِ لنهنجي
شادي ڪرايون ته اِها ڳالهه هن لاءِ مشڪل ٿي ته مگر
ناممڪن آهي. ٻر جڏهن وقت هنکي پنهنجي پتيءَ سان پيار
ٿي وڃي ٿو ته هوءَ خود بخود پنهنجي ماءُ پيءُ، ڀاءُ ڀيڻ ۽
سکين سهيلين کي وساري وهي ٿي. جيڪڏهين ڪو ڪنگال
جو ڪوڏي ڪوڏي پيدو رهي ٿو اُن کان جيڪڏهن اسين
هڪ ڪوڏي به کسڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته هو مرڻ
مارڻ لاءِ تيار ٿي ويندو پر ڪوڏي نه ڇڏيندو. پر جڏهن وقت
اسين هنجي هٿ ۾ هڪ اشرفي (گيني) رکنداسين ته هنجي
ڪوڏين واري مٺ خود بخود کلي پوندي. گرو نانڪ
صاحب من جي متعلق سمجهائين ٿا:

”پانڌ پڙهير اور بيد بچارين، نولي ڀرائگم سادي.
پنج جنان سڻ سنگ نه ڇٽڪيو، اڌڪ اهم بُدي باڌي.
پياري اِن بد ملن نه جائي مين ڪيٽي ڪرم ڪمائي.“

من کي وس ڪرڻ لاءِ اسان بيشمار ڳرنٿن ۽ پوٿين جو
پاٺ ڪيو، اوڙهان پران، گيتا، ڀاڳوت، ويد شاستر ۽ اُپنشد

ٿ پڙهيا. پراڻايام، نولي ڪرم ۽ هٺ يوگ جون ڪنهن ڪريائون
ٿا ڪري ڏسن. ڪنڊلنيءَ کي جاڳائڻ جو يتن ڪيو پر ٿه ٿه
پنجن ڏاڪن يعني ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار
پيڇو نه ڇڏيو. اهڙي گورو صاحب فرمائين ٿا:

”موني ٿيو ڪرپاتي رهيو ننگن ڦريو بن ماهين،
تٽ تيرٿ سڀ ڌرتي ڀرميو د ٻڌا ڇٽڪي ناهين.
من ڪامنا تيرٿ جائي بسيو سر ڪروٽ ڏرائي،
من ڪي ميل نه اُتري اِهه بڌ جي لک جتن ڪرائي.“

جون ٿا نه مون رکيو يعني ڳالهائڻ بند ڪيو، گهر ٻار
ڇڏي جهنگلن پهاڙن ۾ ٿي ويس، ڪپڙا برتڻ وغيره تياڳي
صرف هٿن جي ذريعي ڪاڌو پيتو ۽ دنيا جا سڀ تيرٿ ٿه
پيٺيو، سڄيءَ ڌرتيءَ جي پرڪرما ڪيو ۽ پيا ٿه ڪيترا اهڙا
مشڪل ساڌن ڪيو پر تڏهين ٿه من جي ميل نه لٿي. من کي
قابو ڪرڻ لاءِ ڪاشيءَ وڃي ڪروٽ سان سر ٿي ڪٽايو ۽
ويٺي. سائين بلي شاهه ٿه ائين ئي پڪارين ٿا:

”نه خدا مسيتي لڀدا، نه خدا خانه ڪعبي،
نه خدا قرآن ڪتيبان، نه خدا نمازي.
نه خدا مٿن تيرٿ ڌنا، ايوين پئندي جهاڳي،
بلا شاهه جد مرشد مل گيا، مٽي سب تڪادي.“

من کي قابو ڪرڻ جو صرف هڪ ئي علاج آهي ته ان
کي شبد يا نام جي لذت ڏني وڃي. جنهن جنهن هي من شبد
۽ نام جي لذت حاصل ڪندو تنهن تنهن هنجو دنيا مان موهه ۽
پيار نڪرڻ شروع ٿيندو. شبد جي لذت ۽ ڪشش هنکي
دنيا کان الڳ ڪندي. سوامي جي مهاراج جن ٿه سمجهائين ٿا:

”ڪوٽ جتن سي يهه نهين ماني،
ڌن سن ڪر من سمجهاني.

جڳي جڳت ڪماوين اهي، گياني گيان ڪرائي،
لهسي لب ڪر ٽاڪ رهي هين، جتي رهي جمه لائي،
ڏياني ڏيان مانسي لاوين، وهه بي ڏوڪا کائي.
پنڊت پڙهه پڙهه ويد ٻکالين، وديا بل سب جائي،
ٻُڌ چترتا ڪام نه آوي، عالم رهي پڇتائي،
اور عمل ڪا دخل نهين هئي، عمل شبد لئو لائي،
گورو ملي جب ڏن ڪا پيدي، شش وره ڏر آئي.
سرت شبد ڪي هوئي ڪمائي،
لب من ڪيهه لهرائي."

هڪ ٻئي شبد ۾ ه سوامي جي مهاراج جن اپديش ڪن ٿا:

"سوتا من ڪس جاڳي پائي،
سر اپار مٿي ڪرون ٻکان.
ليرٿ ڪري برهه بي راکي،
وديا پڙهه ڪي هوئي سجان.
جب لب سنجم بهر بڌ ڌاري، :
مولي هوئي لدان.
آس اپار هر ٻهرلڪ ڪيني،
تو بي يهه من جڳا نه آن.
ڪوجت ڪوجت ستگورو پائي،
ان يهه جڳت ڪهي پرمان.
ست سنگ ڪر ست ڪو سيوو،
تن من ڪرو قربان.
ستگورو شبد سو گگنا چڙهه،
چيت لڳاوو اپنا ڌيان.
جاڳت جاڳت اب من جاڳا، جهوٽا لڳا جهان
من ڪي مدد ملي سرت ڪو،
دونون اپني محل سمان.

بنا شبد يهه من نهين جاڳي،
ڪرو چاهي ڪوئي انيڪ وڌان."

سوامي جي مهاراج هڪ ٻئي شبد ۾ ٻه چڱيءَ طرح سمجهائين ٿا:

"جنهون ني مار من ڊالا، انهي ڪو سورما ڪهنا.
ٻڙا بيري يهه من گهٽ ۾، اسي ڪا جيتنا ڪٺنا.
پرو تم اس هي ڪي پيڇي، اوز سب هي جتن تجنا.
گورو ڪي پريت ڪر پهلي، پهر گهٽ شبد ڪو سننا
مان دو بات يهه ميري، ڪري مت اور ڪڇ جتنا."

گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:

"سچي نام سدا من سچا، سچ سيوي دک گوانيا."

صرف سچي شبد ۽ سچي نام جي ڪمائي ڪري ئي اسانجو من نرمل ۽ پوتر ٿيندو. سچي شبد جي ڪمائي ڪري ئي اسين چوراسيءَ جي ڏکن کان بچي سگهون ٿا. وري ٻئي هنڌ هڪ تمام سٺو مثال ڏين ٿا:

"گورمک گارڙ جي سني مني ناءُ سنتوک."

يعني جي ڪنهن کي نانگ ڏنگ هڻندو آهي ته انجي علاج لاءِ، انجي زهر ڪڍڻ لاءِ ڊاڪٽر وٽ ويندا آهيون. ...هنجي دوا جي ذريعي نانگ جو زهر لهي ويندو آهي. ...ڙيءَ طرح جي اسين من روپي نانگ جو زهر پنهنجي اندر ...ن ڪڍڻ چاهيون ٿا ته اسانکي گورمکن وٽ وڃي پنهنجي ...ال کي شبد ۽ نام سان جوڙڻو پوندو. من کي قابو ڪرڻ لاءِ ... ڪوئي علاج يا طريقو ڪونهي. گورو نانڪ صاحب هڪ ... هنڌ فرمائين ٿا:

"رام نام من بيڌيا، اور ڪي ڪري ويچار."

...يعني جڏهن اسانجو من، جو وشيه وڪارن ۽ دنيوي موهه ۾ ڦاسي هرڻ وانگر پيو ڀٽڪي، اهو جنهن وقت رام نام

سان جڙي وڃڻو ۽ هميشه واسطي امر ٿيو پري ۽ ٻئي ڪئين
۽ وڃار يا طريقي جي سڃاڻ جي ضرورت ڪا ناهي. اهڙي
طرح سوامي جي مهاراج جن فرمايو آ:

"سرت شبد ڪمائي ڪرنا، سب جتن دور اب ذرنا."

ڪئين ۽ مهاتما جي باڻيءَ جي اسين جيڪڏهين ڪرح
ڪنداسين ته ڏسنداسين ته هرهڪ مهاتما شبد يا نام جي ئي
مهما ڪئي آهي. جيترا ۽ اسانجا ڌرم آهن اُنهن مان هرهڪ جي
رسم رواج يا شريعت پنهنجي پنهنجي ۽ جدا جدا آهي.

سچو نام

پر جو سچ جو سار (Essence of Truth) آهي، روحانيت جو بنياد (Basis of Spirituality) آهي اهو هرهڪ مذهب جي تهه اندر ساڳيو آهي ۽ هرهڪ مهاتما اسانجي اندر صرف ان روحانيت لاءِ پيار ۽ شوق پيدا ڪري ٿو، اُنجو طريقو ۽ ساڌن سمجهائي ٿو. ان روحانيت کي مختلف مهاتمائن، مختلف قومن، مذهبن ۽ ملڪن جي اندر پيدا ٿي جدا جدا وقتن تي الڳ الڳ لفظن ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. رشين منين ان کي "رام نام"، "رام ڌن"، "نرمل ناد"، ديه "ڌني" يا ٻين ڪيترن لفظن ۾ ياد ڪيو آهي. گرو نانڪ صاحب ان کي عام طور "شبد" يا "نام" ڪري ياد ڪيتا يا "گرو جي باڻي" "ڌرڪي باڻي" "سچي باڻي" "امر" "حڪم" "اکٿ ڪٿا" "هري ڪيرتن" ۽ "نرمل ناد" جهڙي ياد ڪن ٿا. مسلمان فقيرن ان کي "ڪلمو" "اسم اعظم" "بانگ سلطاني" "ڪلام الاهي" يا "سلطان الاذڪار" جهڙي ياد ڪن ٿا. ڪرائيسٽ انکي "Word" يا "Logos" ڪري سڏيو آهي. رگ ويد ۾ ان کي "واڪ" چيو ويو آهي.

"يا ومه پوهر وشترا ولي واڪ"

يعني ته شبد ايترو نه مهان آهي جيترو برهم.
ست پت برهمن ۾ لکيل آهي:

"واڪ ايو برهم"

يعني ته شبد ئي برهم آهي. اسانجو لفظن سان ڪوئي بحث ناهي. اسانکي ته اُن روحانيت جي کوج ڪرڻي آهي جنهنجي مهما هرهڪ مهاتما ڪري ٿو ۽ جنهنکي پائي اسانجو من قابو اچي وڃي ٿو ۽ واپس وڃي پنهنجي نڪاڻي تي پهچي ٿو. جيستائين اسان اِهو نه سمجهيو آهي ته مهاتما 'شبد'، 'نام'، 'واڪ'، 'باڻي' چاڪي چون ٿا ۽ اُهو ڪٿي آهي ۽ ڪهڙيءَ طرح اسين پنهنجو خيال اِن 'نام' سان جوڙي سگهون ٿا يا اسانکي اُن نام جي ڪهڙي ضرورت آهي تيستائين اسين چاهي ڪنهن به مهاتما جي باڻي يا گرنٿ پوٿيون پڙهندا رهون ته به اسين اِن مان ڪڏهن به پورو پورو فائدو نه وٺي سگهنداسين.

مهاتمائن جي باڻيءَ ۾ بار بار سچي شبد، سچي نام يا سچي باڻيءَ جو ذڪر اچي ٿو. گرو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا:

"سچي شبد سچي پت هوئي."

سياوڪ من ۾ اهو خيال ضرور اچي ٿو ته شايد بي ڪا
[illegible]اڻي يا ٻيو به ڪو شبد يا نام آهي جو سچو نه آهي.
[illegible]چي شبد جو مطلب اُن باڻيءَ، شبد يا نام سان آهي جو
[illegible]ڏهين به فنا نه ٿئي. مهاتما اُپديش ڪن ٿا ته شبد يا نام
[illegible] قسمن جو آهي. هڪ ورن آتمڪ ٻيو ڌن آتمڪ.
[illegible] آتمڪ شبد اُنکي چئبو آهي جو لکڻ، پڙهڻ ۽ بولڻ ۾ اچي
[illegible]ئي جيڪو اسين زبان سان چئي سگهون ٿا. هي جيڪي
[illegible] اسان پيار ۾ اچي اُن پرماتما جا رکيا آهن يعني الله،
[illegible]، راڌا سوامي، هري اوم، پرماتما، پرميشور وغيره اِهي

سب ورن آلمڪ شبد آهن ڇاڪاڻ ته اهي لکڻ پڙهڻ ۽ چوڻ ۾ اچن ٿا. يورپائين ته هن دنيا ۾ ڪيترا اسان جا مالڪ آهن ۽ هرهڪ ملڪ جي اندر ڪيترين ٻولين آهن ۽ هرهڪ ٻوليءَ ۾ اسان ڪيترن ئي لفظن ذريعي اُن پرماتما کي ياد ڪريون ٿا. هزارين ۽ انيڪ مهاتمائون هن دنيا ۾ آيا ۽ هزارين انيڪ اچا به ايندا. انهن انيڪ لفظن سان اُن پرماتما کي ياد ڪيو آهي يعني هزارين نالا اُن پرماتما جا رکيا آهن ۽ انيڪ نالا اُن مالڪ جا اچا پيا به رکندا. پرماتما جا اهي رکيل نالا پلٽجي وڃن ٿا ۽ پيار ۾ اچي اسين اُن مالڪ جا نوان نوان نالا رکندا هلون ٿا. هرهڪ نالي جي تواريخ پڙهائي سگهجي ٿي، انجي تحقيقات ڪري سگهجي ٿي ۽ انجو معياد به مقرر ڪري سگهجي ٿو. حضور سوامي جي مهاراج جن کي آئي صرف هڪ سؤ سال ٿيا آهن، انهن جي اچڻ کانپوءِ اسان اُن مالڪ کي ”راڌا سوامي“ چوڻ شروع ڪيو. ليڪن انهيءَ باري ۾ ڪڏهن ويچار ٿي ڪونه ٿا ڪريون ته سوامي جي مهاراج جن جي اچڻ کان اڳ به دنيا ۾ جيڪو هئا ۽ ساڳيو ئي مالڪ هو ۽ اسان ڪيترن ئي لفظن سان اُن مالڪ کي ياد ڪندا هئاسين. اهڙيءَ طرح گورو نانڪ صاحب جي اچڻ کانپوءِ اسان اُن پرماتما کي ”واهگورو“ ڪري پڪارڻ شروع ڪيو. ليڪن هن کي به آئي صرف پنج سؤ سال ٿيا آهن. محمد صاحب جي اچڻ کانپوءِ اسان اُن مالڪ کي ”الله“ جي نالي سان ياد ڪرڻ لڳاسين. هنکي به آئي گهڻو وقت نه ٿيو آهي. صرف چوڏهن سؤ سال ٿيا آهن ۽ اهڙيءَ طرح شري رامچندر جي مهاراج جي اچڻ کانپوءِ اسان اُن مالڪ کي ”رام رام“ جي نالي سان سڏڻ لڳاسين. هنکي آئي شايد اُن کان به وڌيڪ عرصو ٿيو هوندو. مطلب ته هرهڪ

لفظ جي لواريج پڌائي سگهجي ٿي ۽ معياد مقرر ڪري سگهجي ٿو. هي جيڪي ورن آتمڪ شبد آهن اهي چئن قسمن جا آهن. پرا، پشينتي، مڌيما ۽ بيکري. ٻهريون قسم اهو جو زبان سان چيو وڃي ٿو. جهڙيءَ طرح اسان هڪٻئي سان هر روز ڳالهه ٻولهه ڪندا آهيون. ٻيو اهو جو ڪنٺ ۾ آهستي آهستي چوندا آهيون. ٽيون هردي ۾ ۽ چوٿون اهو جو ناڀيءَ ۾ يوگي پرش هلور سان اچاريندا آهن. اهي سڀيئي شبد ورن آتمڪ آهن. انهن ۾ ڪوبه سچو نام ناهي. سوامي جي مهاراج پنهنجي باڻيءَ ۾ فرمائين ٿا:

”نام نرنيه ڪرون ڀائي، دڌا وڌي ڀيد ٻتلائي،
ورن ڌن آتمڪ ڳائون، دوئو ڪا ڀيد درسائون.
ورن کهوچاهي کهراکشر، جو بولاجائي رسنا ڪر،
لکن اور پڙهن ۾ آيا، اسي ورن آتمڪ ڳايا.“

جو نام لکڻ، پڙهڻ ۽ ٻولڻ ۾ اچي ٿو ۽ جنهنجو معياد مقرر ڪري سگهجي ٿو ۽ لواريج پڌائي سگهجي ٿي، اُن کي مهاتما ورن آتمڪ شبد سڏين ٿا. پر جنهن نام جي هرهڪ مهاتما مهما ڪري ٿو ۽ جنهن نام جي ڪمائي ڪري اسانکي مڪتي حاصل ڪرڻي آهي، من کي قابو ڪرڻو آهي، روح ۽ من جي ڳنڍ کولڻي آهي ۽ پنهنجو پاڻ سچاڻي مالڪ سان ملڻ جي قابل ٿيڻو آهي، اهو ڌن آتمڪ نام يا سچو نام آهي. مهاتما صرف اُن سچي نام جي مهما ڪن ٿا. اهو سچو نام نه لکڻ ۾ اچي ٿو، نه پڙهڻ ۾ ۽ نه چوڻ ۾ اچي ٿو. اُن کي حضور مهاراج جن اڻ لکيل قاعدو ۽ اڻ لکيل ٻاڻي (Unwritten law and Unwritten language) چئي سمجهائيندا هئا. ڪرائيسٽ به اُن نام جو اشارو بائيبل ۾ ڪيو آهي.

"Because they seeing see not; and hearing they hear not." (Matthew 13 : 13)

يعني اهو ڏسندي ٻہ نہ ٿو ڏسجي ۽ ٻڌندي بہ نہ ٿو ٻڌجي. اهڙيءَ طرح اُن نام جي مهما گرو نانڪ صاحب ہ ڪئي ٿا:

”اکي باجهون ويکنا، ون ڪنان سننا،
پيران باجهون چلنا، ون هٿان ڪرنا،
جيڀي باجهون بولنا، ايون جيوتہ مرنا،
نانڪ حڪم پڇان ڪي، تہ خصمي ملنا.“

انهيءَ شبد کي نہ تہ ٻاهريون اکيون ڏسي سگهن ٿيون ۽ نہ ڪن ٻڌي سگهن ٿا. اُن جاءِ تي جتي شبد آهي نہ اسان جا پير پهچي سگهن ٿا ۽ نہ اُها چيز هٿن سان پڪڙي سگهجي ٿي. اُن چيز کي حاصل ڪرڻ ۽ پرماتما کي پائڻ واسطي اسانکي جيئري مرڻو پوندو. هي جيڪي بہ اسانجا لفظ آهن سي سڀ ڏڍيا آهن پر مقصد اهو سچو شبد آهي. انهن جي پيار ۽ ڦاسي يا الجهي ڪري اسانکي قوم، مذهب يا ملڪ جا جهڳڙا نہ ڪرڻا آهن پر انهن جي ذريعي اُن سچي نام ۽ سچي شبد جي کوج ڪرڻي آهي. اسين دنيا ۾ جيا ٿا ڏسون تہ ڪو پرماتما کي ”واهگرو“ چئي ياد ڪري ٿو تہ اهو ٻائڻ کي سک سمجهڻ شروع ڪري ٿو. ڪو ”الله“ پڪاري ٿو تہ اهو مسلمان سڏائي ٿو. ڪو ”رام“ ”رام“ جپي ٿو تہ هو هندو چوائڻ شروع ڪريٿو. اسانجو هڪٻئي سان ملڻ جهلڻ بہ مشڪل ٿيو پوي. پر اسين اهو ڪڏهن سوچيون ٿي ڪونہ ٿا تہ اهي لفظ اسان جي خيال کي ڪهڙي پاسي وٺي ٿا وڃن. جيڪڏهن اڄ اسانجو خيال اُن سچي شبد سان جڙي وڃي تہ دنيا جا سڀ جهڳڙا ختم ٿي وڃن. مان مٿي چئي چڪو آهيان تہ اسان جي نہ ڪا قوم آهي، نہ مذهب آهي ۽ نہ ملڪ آهي. اهي

سڀ جهڳڙا فساد تيستائين آهن جيستائين اسان اُن سچي شبد کي وساري وينا آهيون ۽ صرف انهن لفظن سان پيار لڳائي وينا آهيون. هرهڪ مهاتما اسان کي انهن لفظن ۽ ڀرمن مان ڪڍي اُن سچي شبد سان جوڙڻ واسطي، ميلاپ ڪرائڻ واسطي اچي ٿو. جهڙيءَ طرح ماءُ پنهنجي پيار ۾ اچي پنهنجي پٽ کي ڪيترن ئي لفظن سان سڏيندي آهي، پر ماءُ پٽ جو نالو يا رشتو ڪوئي لفظن جو رشتو نه آهي. اهو نه پيار جو نالو آهي. اِهي لفظ نه صرف ماءُ جي پيار کي ظاهر ڪن ٿا ۽ بيان ڪن ٿا. اهو پيار خود ڪا بي چيز آهي ۽ لفظ ڪا بي چيز آهن. اهڙيءَ طرح مالڪ جي ڀڳتن ۽ پيارن ڪيترن ئي لفظن سان اُن پرماتما کي ياد ڪيو آهي. اصل ۾ اُن مالڪ جو ڪو به نالو ڪونه آهي. جئن مولانا روم صاحب فرمايو آهي:

"بنامِ اوُ ڪه نامي ندارد،
به هر نامي ڪه خواني سر بر آرد."

يعني نه اُن جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جنهنجو ڪو به نالو ڪونه آهي ۽ جنهن به نالي سان اُن کي پڪاريون ٿا ته هو جواب ڏئي ٿو. اِهي لفظ نه اُن مالڪ جي پيارن ۽ ڀڳتن جي پريم کي ظاهر ڪن ٿا. هي جيڪي به لفظ آهن سي سڀ ورن آتمڪ شبد آهن. پر جيڪو آتما جو پرماتما سان پيار آهي اهو سچو شبد آهي، سچو نام آهي. اُن سچي نام جي ڪا به تواريخ ٻڌائي نه ٿي سگهجي ۽ نه ڪي اُن جو معياد مقرر ڪري سگهجي ٿو ڇاڪاڻ ته اُن سچي شبد نه دنيا جي رچنا پيدا ڪئي آهي. اُن جي آڌار تي اسانجا کنڊ برهمنڊ هلي رهيا آهن. اسان سڀني کي اُن جوئي آسرو آهي. گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:

"اُتپت پرلي شبدي هووي،
شبدي هي ڦر اوپت هووي."

يعني شبد تي هن دنيا جي رچنا پيدا ڪئي آهي ۽ جنهن ڏينهن پرماتما اُن شبد جي طاقت کي هن دنيا مان هٽائيندو تہ پرلئہ ۽ مها پرلئہ ٿي ويندي. هيءَ سڀ دنيا جي رچنا پنجن تتن جي ٺهيل آهي يعني پرٿوي، پاڻي، اڳني هوا ۽ آڪاش. هرهڪ چيز ۾ ڪوئي نہ ڪوئي تت موجود آهي. هي پنجئي تت هڪ ٻئي جا دشمن آهن پر شبد جي ڪري ۽ شبد جي آسري تي اهي تت هڪ ٻئي سان ساٿ ڏيئي رهيا آهن. جنهن ڏينهن پرماتما ان شبد جي طاقت کي هن دنيا مان ڪڍي وٺندو تہ پرٿوي پاڻيءَ ۾ ڳري ويندي، پاڻيءَ کي اڳني سڪائي ڇڏيندي، اڳنيءَ کي هوا اڏائي ويندي، هوا کي آڪاش ڳائي ويندو ۽ هن سڄيءَ دنيا اندر اونده انڌوڪار ڇانئجي ويندو. مثال طور هي اسانجو شرير پنجن تتن جو پتلو آهي. جيترو وقت ان شبد جو ڪرٽو اسانجي اندر آهي تہ اسين ڪيئن نہ هن دنيا ۾ هلون چلون ٿا ۽ ڪم ڪار ڪريون ٿا پر جنهن ڏينهن ان شبد جي ڪرٽي کي پرماتما اسانجي بدن مان هٽائي ٿو تہ اسانجو شرير يعني هي پنج ئي تت بيڪار ٿي پون ٿا ۽ هي پنج تت پنهنجي اصل ۾ وڃي سمائجن ٿا ۽ اسانجي هستي ختم ٿي وڃي ٿي. اهڙيءَ طرح مهاتما سمجهائين ٿا تہ انهيءَ شبد جي آڌار تي سڄي دنيا هلي رهي آهي. گرو ارجن صاحب فرمائين ٿا:

”نام ڪي ڌاري کنڊ برهمنڊ،
نام ڪي ڌاري سگلي جنت،
نام ڪي ڌاري پرئان پاتال،
نام ڪي ڌاري سگل آڪار.“

اهڙيءَ طرح گورو امرداس صاحب لکن ٿا:

"نامي هي لي سڀ ڪڇ هوتا."

جو ڪجهه بہ اسين هن دنيا ۾ ڏسون ٿا اهو سڀ نام ئي پيدا ڪيو آهي. بائيبل ۾ سيدت جان لکيو آهي:

"In the beginning was the Word. and the Word was with God, and the Word was God. The same was in the beginning with God. All things were made by Him; and without Him was not anything made that was made." (John 1 : 1 : 2 : 3)

يعني شروع ۾ شبد هو؛ شبد پرميشور سان گڏ هو؛ سڀ ڪجهه اُن وسيلي ئي پيدا ٿيو؛ جيڪي بہ اُٿين ٿيو آهي اُن ۾ ڪابہ وستو اُن کان سواءِ پيدا نہ ٿي آهي. رشي مني بہ ويدن شاسترن ۾ اِهوئي ذڪر ڪن ٿا تہ پرماتما آڪاش باڻيءَ جي ذريعي دنيا جي رچنا ڪئي آهي. قرآن شريف جي اندر بہ آيل آهي تہ ان "ڪلمي" يا "ڪُن" جي ذريعي خدا دنيا پيدا ڪئي. چين وارن جي فلاسافيءَ ۾ بہ اِهوئي ذڪر اچيتو تہ "تائو" (Tao) دنيا جي رچنا پيدا ڪئي. گورو نانڪ صاحب بہ فرمائين ٿا:

"شبدي ڌرتي شبدي آڪاش،
شبدي شبد ڀيا پرڪاش،
سگلي سرشٽ شبد ڪي پاڇي،
نانڪ شبد گهٽي گهٽ آڇي."

شمس تبريز بہ چون ٿا:

"عالم از صوت اين ظهور گرفت،
از حضورش بساط نور گرفت."

اسان خود اندازو لڳائي سگهون ٿا تہ جنهن طاقت دنيا جي رچنا ڪئي آهي اسان اُنجي تواريخ ڪهڙي بيان ڪري

سگهنداسين ۽ انجو ڪهڙو وقت ۽ معياد مقرر ڪري سگهبو. اسان کي مڪتي حاصل ڪرڻ لاء اُن سچي شبد جي ضرورت آهي. اهو سچو شبد پرماتما اسان سڀني انسانن جي اندر رکيو آهي. جيستائين اسين پنهنجي شرير ۽ ديهه جي اندر اُن سچي شبد جي کوج ڪري ڳالهائي اُن سان جوڙيون نٿا ۽ پنهنجو پاڻ کي اُن ۾ جذب يا لولين نٿا ڪريون تيستائين اسين ڪڏهن به مڪتي پائي نه سگهنداسين. گورو نانڪ صاحب به سمجهائين ٿا:

"سچي شبد سچي پت هوئي، بن نامي مڪت نه پائي ڪوئي"

ليڪن پاتشاهي سري گورو امرداس صاحب به فرمائين ٿا:

"شبد نه جاڻي سي انڌي ٻولي، سي ڪت آئي سنسارا."

وري ٻئي هنڌ فرمائين ٿا:

"بن شبدي انتر آنڌيرا، نا وست لهي نا چوڪي ڦيرا."

جيسين اسان اُن شبد جي کوج نه ڪنداسين تيسين اسان جي اندر مان اگيانتا جو انڌيرو ڪڏهن به دور نه ٿي سگهندو ۽ نه ڪي پرماتما ٿي ملي سگهندو ۽ نه ڪڏهن هن ديهه جي بندن مان ڇوٽڪارو پائي سگهبو.

"شبد مري سوئي جن پورا، ستگرو آک سنائي سورا."

حضرت عيسيٰ بائيبل ۾ فرمائي ٿو:

"If Ye continue in my Word, then you are my disciples indeed; and ye shall know the Truth and the truth shall make you free." (John 8.31:32)

يعني جي توهين منهنجي وچن ۾ لڳو رهندو ته توهين سچ پچ منهنجا شش ٿيندا ۽ ستيه کي پائيندا ۽ اهو ستيه توهان کي مڪت ڪندو. سينٽ جان لکي ٿو:

"God is a Spirit, and they that worship Him must worship Him in Spirit and in Truth."

يعني پرميشور آتما آهي ۽ اهو ضروري آهي ته انجي
پڇڻ ڪرڻ واري آتما سچائيءَ سان پڇڻ ڪري.

ڪبير صاحب سمجهائين ٿا:

"جب هي نام هردي ڌريو ڀيو پاپ ڪا ناش،
جئسي چنگي آگ ڪي پڙي پراني گهاس."

جنهن وقت اسانجي هردي اندر نام پرگهٽ ٿيئتو ته انهن
سيني ڪرمن جو سلسلو ختم ٿي ويندو جن جي ڪري اسان
هن ديهه جي بندن ۾ قائل آهيون. جهڙيءَ طرح ڪو سڪل
گاهه جو ڍير چاهي ڪيترو به وڏو هجي ته هن به ان سموري
ڍير کي باهه جي هڪ چڻگ جلائي ختم ڪري ڇڏيندي
اهڙيءَ طرح اسان مايا ڌاري جيون ڪيترا به ڪوتا ۽ زبردست
پاپ ڇو نه ڪيا هجن ته به اها نام جي ڪمائي اسان جي سيني
ڪرمن جو حساب ختم ڪري ڇڏي ٿي. دريا صاحب
فرمائين ٿا:

"دريا سمري رام ڪو ڪرم ڀرم سڀ کوئي،
پورا گورو سر پر تپي بگهن نه لاگي ڪوئي."

اهڙيءَ طرح گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:

آن آن سمدا بهو ڪيني پل ڀسنتو ڀسم ڪريجي،
مها اگر پاپ ساڪت نر ڪيني مل ساڌو لوڪي ڏهجي."

سوامي جي مهاراج جن به فرمائين ٿا:

"شبد ڪرم ڪي ريک ڪٽاوي،
شبد شبد سي جائي ملاوي."

حضرت عيسيٰ به بائيبل ۾ چون ٿا:

"Now ye are clean through the Word which I have spoken unto you." (John 15 : 3)

يعني توهان ان وچن (شبد) جي ڪري شد آهيو جو مون

لوڪي ھڏابو آھي. ڪبير صاحب نام جي مھما ايتري قدر ته ڪن ٿا جو چون ٿا:

”نام جپت ڪوڙهي ڀلو، چوئي چوئي ڇڙي جس چام،
ڪنچن ديھ ڪس ڪام ڪي، جا مک ناهين نام.“

يعني جيڪڏھن ڪو ڪوڙهي به آھي جنھنجي شرير مان روڳ پيو وھي ٿو جي اُنجو خيال شبد يا نام سان جڙيل آھي ته اھو شخص اُن کان بهتر آھي جو دنيا جي عيش آرام ۾ مست آھي ۽ پرماتما کي ڀلائي ويٺو آھي.

جنھن سچي نام جي مهانتا ايتري مھما ڪن ٿا سو ڪٿي ٻاھر ڪونھي پر اسانجي شرير ۽ ديھ ۾ آھي. گرو امرداس صاحب سمجھائين ٿا:

”شريون ٻالن ڪو ٻاھر جاني،
نام نه لھي بهت وڳار دک پاني.“

يعني جيڪر اُن نام کي شرير ۽ ديھ جي ٻاھر ڳولهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته اھو بيڪارين وانگر پنھنجو قيمتي وقت ضايع ڪري ٿو. بيگاري وھپارو سچو ڏينھن محنت به ڪندو آھي، ليڪن انجي ساٿر ڪي ٿيندو آھي، جون پسينو ھڪ ڪندو آھي ۾ اھو ۾ ھنجي پلئه ڪجھه به نه پوندو آھي. جيڪڏھن ڪا چيز اسانجي گھر ۾ پيئي آھي ۽ اھا جي اسين ٻاھر ڳوليندا سين ته ملي ڪيئن سگھندي؟

سمرن ۽ ڌيان

اسانجو روحاني سفر پير جي ترين کان وٺي سر جي چوٽيءَ تائين آھي ۽ انھيءَ سفر جا ٻه حصا آھن. ھڪ اکين تائين ۽ ٻيو اکين کان مٿي. اسان جي جسم جي اندر من ۽ روح جي بيٺڪ اسانجي اکين جي ٻرپان آھي جنھن کي مسلمان فقير ”نقط سويدا“ چوندا آھن. اُنکي حضرت عيسيٰ ”گھر جو

دروازو" سڏيو آهي. رشين منين اُنکي "شرنيتر" يا "دويه چڪشو" چئي سمجهايو آهي. گورو نانڪ صاحب ان کي "تل" يا "ٽيسرا تل" ڪري سڏين ٿا. جي اسان ڪن ڳالهه وسري وڃي ۽ انکي ياد ڪرڻو پوي ته اسانجو هٿ خود بخود قدرتي طرح پيشانيءَ تي رکجي ويندو آهي. پليل ڳالهه کي ياد ڪرڻ لاءِ اسين ڪڏهن به پنهنجو هٿ ٽنگن يا ٻانهن تي ڪونه رکندا آهيون. ٻنهي اکين جي وچ ۾ پوٻان جيڪا جڳهه آهي، اُن سان اسان جي سرچڻ جو گهرو تعلق آهي. هرڪنهن جو خيال ان جاءِ تان هيٺ لهي نون (٩) دوارن جي ذريعي سڄيءَ دنيا اندر ڦهلجي وڃي ٿو. گورو رامداس صاحب فرمائين ٿا:

"من کن کن پرم پرم بهو ڌاوي،
تل گهر نهين واسا پائيئي."

....

"گورو انکس سبد دارو سر ڌارين،
گهر مندر آن وسائيئي."

يعني اسانجو خيال ٽيسري تل کان هيٺ لهي منٽ منٽ ۾ ساريءَ دنيا ۾ ڦهلجي وڃيٿو، ۽ من هڪ کن لاءِ به اکين پنيان ٽڪي نٿو، جيستائين من اکين پنيان نه ٽڪندو ليستائين من پنهنجي گهر ترڪٽيءَ ۾ نه وڃي سمائبو.

اِهي نو دروازا اسانجي شرير ۾ کهڙا آهن؟ ٻه اکيون، ٻه ڪن جا سوراخ، ٻه نڪ جا سوراخ، هڪ وات ۽ ٻه هيٺين اندرين جا سوراخ. انهن نون دوارن جي ذريعي اسانجو خيال سڄيءَ دنيا ۾ ڦهلجي ٿو. ڪنهن به اندري ڪونيءَ ۾ چو نه وڃي وڃون ۽ اُن ڪونيءَ کي ڪيترا به ٻاهران ڪلف چو نه لڳل هجن تڏهن به اسانجو من اُتي نه هوندو، ٻاهر

[illegible] مر کي دليل
[illegible] کي مڃاڻا
[illegible] جي حرڪتن کي
[illegible] ٿوري ۽ [illegible] سوچيون
[illegible] ۽ انسان جي
[illegible] جو سمورو ڪندا
[illegible] آهي ته انهن جون
[illegible] آهن. جي گهڻ
[illegible] آهيون ته گهڻ جو ڪاروبار
[illegible] "ڌيان ڪرڻ" ڪرڻ ٿا.
[illegible] ڪريون ٿا انجڻي ساڳ ساڳ
[illegible] شڪلين ۽ پڊارئن
[illegible] انهي سان انسان جو مرد ۽ پيار
[illegible] جي ذريعي انسان انهن سان
[illegible] ڪري جڏهن آهيون
[illegible] پيار لي ويندو آهي جو واسو
[illegible] شروع ٿيندا آهن ۽ مرد
[illegible] اڳيان اچي پيهندر
[illegible] ۽ انجو خيال هوندو
[illegible] ۽ اهو پيار ۽ مرد
آهي ۽ [illegible] آهي شڪليون ۽
[illegible] سمرو [illegible]
[illegible]
[illegible] انهي تبڪري [illegible]
[illegible] جو مندو [illegible]
ڏيان جي [illegible]
انسانکي ايڊيش [illegible] ڪئيندو [illegible]
[illegible] سمرو ڪي [illegible]
ٻاهي جي ماريل [illegible]

دنيا جي ناسونت ۽ فنا چيزن جو سمرڻ ڪري اسان انهن
سان موهه ۽ پيار پائي وينا آهيون. انهن مان ڪابه چيز اسان
جو ساٿ نه ڏيندي. انهن شڪلين ۽ پدارٿن جو موهه ۽ پيار
اسانکي بار بار ديهه جي بندنن ۾ آڻي ٿو. اسين اُن مالڪ
جي نام جو سمرڻ ۽ ڌيان ڪريون جو ڪڏهن به فنا نٿو ٿئي
۽ جنهن پرماتما جي اسانجي آتما انش آهي ۽ جنهن پرماتما
جي اندر اسانجي آتما سمائجڻ چاهي ٿي. گورو نانڪ صاحب
فرمائين ٿا:

”نهچل ايڪ آپ ابناشي، سو نهچل جو تسي ڌيائيندا.“

يعني اهو پرماتما نهچل آهي. ڪڏهن به جمڻ مرڻ جي
دکن ۾ نٿو اچي ۽ جو به هن جو ڌيان ڪري ٿو، هن سان
پيار ڪري ٿو ۽ هنجو سمرڻ ڪري ٿو سو به نهچل ٿي وڃي ٿو
۽ جنم ۽ مرڻ جي دکن کان ڇوٽڪارو پائي ٿو. اسانکي
پنهنجي خيال کي اکين پويان ٽڪائي مالڪ جي نام جو سمرڻ
ڪري پنهنجي ڦهليل خيال کي اتي ايڪاگر ڪرڻو آهي.
اهو طريقو اهڙو نه آسان ۽ سول آهي جو ننڍي ۾ ننڍي بار
کان وٺي وڏي ۾ وڏيءَ عمر وارو انسان به آسانيءَ سان
ڪري سگهي ٿو چاڪاڻ ته سمرڻ ڪرڻ جي عادت ته قدرتي
سڀ ڪنهنکي پيل آهي. اسان کي صرف دنيا جي سمرڻ
کان من ڪڍي اُن مالڪ جي نام جي سمرڻ ۾ لڳائڻو آهي.
جنهن وقت سمرڻ جي ذريعي اسانجو خيال اکين پويان ڪٺو
ٿئي ٿو ته من ان هند ٽڪي ڪونه ٿو چاڪاڻ ته من کي بار
بار نون دوارن جي ذريعي باهر دنيا ۾ ڀٽڪڻ جي عادت
پيل آهي. اتي اندريزي ۾ من کي هڪ هند پيهارڻ ڏاڍو
مشڪل ٿي پوندو آهي، جيستائين اُن هند من کي ڪنهن
جي سروپ جو ڌيان نه ڏينداسين ۽ اُن کي اتي پيهارڻ واري
يا ٽڪائڻ واري چيز نه ملندي تيستائين من جو اتي ٽڪڻ

ڏاڍو ڪٺن آهي. تنهڪري مهاتما سمجهائين ٿا ته من کي
الي ٻيهارڻ لاءِ، ايڪاگر ڪرڻ لاءِ ڪنهن نه ڪنهن جي
سروپ جو ڌيان ڌرڻ ڏاڍو ضروري آهي. هاڻي ڏسون ته
ڪنهن جي سروپ جو ڌيان ڪجي. اِتا ڳوري سوچ ۽ ويچار
جوڳي ڳالهه آهي ڇاڪاڻ ته جنهنجي به سروپ جو ڌيان
ڪنداسين قدرتي اسانجو به ان سان موهه ۽ پيار پيدا ٿي
پوندو ۽ جنهنجي سروپ جو اسين ڌيان ڪنداسين ۽ جتي هو
ويندو، اسين به انجي موهه ۽ پيار جي ڪارڻ اُتي ٿي
وينداسين. ان ڳالهه تي سوچ ۽ ويچار ڪرڻ لاءِ اسان سڄي
دنيا پنهنجي اکين اڳيان رکي چڱيءَ طرح پرک ڪري
سوچيون ته ڪهڙي چيز اسانجي ڌيان ڪرڻ جي قابل ٿي
سگهي ٿي. جيڪي به دنيا جون چيزون ٺهيل آهن سي سڀ
پنجن تتن جون ٺهيل آهن. هرهڪ چيز ۾ ڪو نه ڪو تت موجود
آهي. انسان ۾ پنج ئي تت موجود آهن. تنهڪري مهاتما انسانکي
Top of the Creation يا اشرف المخلوقات يا پنجن تتن جو
پتلو ڪري سڏين ٿا. سڄي ڪائنات تتن موجب پنجن ڪلاس
۾ ورهايل آهي. پهرين ڪلاس اهو آهي جنهن ۾ پاڻيءَ جو
تت آهي جنهن ۾ اسان جا سڀ گل ڦل، وڻ ٽڻ، ڀاڄيون ۽
ميوا اچي وڃن ٿا. جي اسين پنجن تتن جا پتلا ٿي وڻن ٽڻن
وغيره جو ڌيان ڪنداسين ته اسين ترقي نه ڪري سگهنداسين
ڇاڪاڻ ته انهن جو ڌيان اسانکي انهن يعني وڻن وغيره جي
جُوڻ ۾ وٺي هلندو. تنهن ڪري سڄي عالمِ نباتات يعني
Plant Kingdom اسانجي ڌيان جي قابل نه آهي. ٻيو ڪلاس
انهن ساهوارن جو آهي جي زمين اندر رهندا جهڙوڪ زهريلا
ڪيڙا، ماڪوڙا، نانگ ۽ وڇون وغيره. انهن اندر ٻه تت
پرٿوي ۽ اڳني موجود آهن. انڪري اهي به اسانجي ڌيان
ڪرڻ لائق نه آهن. ٽيون ڪلاس پکين جو آهي جن ۾ ٽي

تت يعني هوا، پاڻي ۽ اگني آهن. جيڪڏهن اسين پنجن تتن جا پتلا نـي ڪري ٻه ڳرڙ، مور ۽ ٻين پکين جو ڌيان ڪنداسين ته اسين انهن پکين جي ني جوڻ پائينداسين. اسان جو مقصد ته انسان جي جوڻ کـان ٻه متي چڙهڻ جو آهي. تنهنڪري اهو پکين جو ڪلاس ٻه اسانجي ڌيان ڪرڻ جي لائق نه آهي. چوٿون ڪلاس چوپائي جانورن جو آهي جن ۾ ٻڌي يا آڪاش تت ڪونهي باقي چارئي تت موجود آهن. انهيءَ ڪري ڳانءِ، ٻڪرو ۽ گهوڙو وغيره ٻه اسانجي ڌيان ڪرڻ جي لائق نـه آهي. پنجون ڪلاس خـود انسان جو آهي ۽ هر انسان ۾ ساڳيائي پنج تت موجود آهن. تنهنڪري سياويڪ مـن ۾ اهو خيال اچـي ٿو تـه انسان انسان جـو ڌيان ڪري تـه ڇـو ڪري؟ خـاص ڪري اڄڪلهه جـي زمانـي ۾ جڏهن اسان سڀني کي هڪجهڙا حق آهن. هاڻي اچو تـه سوچيون ته انسان انسان جو ڌيان نه ڪري، ديوي ديوتائون اڄ تائين ڪنهن ڏٺا ڪونهن ۽ پرماتما جي سروپ جـي خبر ڪونهي. ان نقطي تي اچي گهڻا ماڻهو خدا جـي هستيءَ کان ئي منڪر ٿـي ويندا آهن ۽ باقي سڀ انهيءَ الجهن ۾ ڦاسي ويندا آهن تـه اسانجي ڌيان ڪرڻ لائق ڪهڙي چيز ٿي سگهي ٿـي. مهاتما هڪ تمام سٺو مثال ڏيئي سمجهائين ٿا ته جيڪڏهن ڪنهن ڪمري ۾ گهڻائي ريڊيو سيٽ رکيا هجن پـر انهن مان ڪو بـه بجليءَ يـا بئٽريءَ سان ڳنڍيل (connected) نه هجي ته اسان ڪڏهن به ڪنهن به ملڪ جون خبرون چارون وغيره انهن مان ٻڌي نـه سگهنداسين ڇاڪاڻ ته ڪو به ريڊيو سيٽ تڏهـن وڄندو جڏهن اهـو بجليءَ يا بئٽريءَ سان جڙيل هوندو ۽ جـي ان مان ڪو بـه ريڊيو بجليءَ يا بئٽريءَ سان جڙيل هوندو تـه ان ذريعي هڪدم اسان ڪنهن بـه ملڪ جون خبرون چارون ۽ سنگيت وغيره

[illegible]

[illegible]

[illegible]

(John 12:45)

"He that seeth me seeth Him that sent me."

[illegible]

[illegible]

[illegible]

آهي جو مالڪ جي درگاهہ کان اني رهيو آهي. چاهي اسين هندو ٿي اندر يعني اکين پنيان وڃون چاهي سک عيسائي يا مسلمان ٿي اندر وڃون تہ بہ ساڳيو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو. جو خوش قسمت انسان پنهنجي خيال کي اکين پنيان ايڪاگر ڪري ٿو، اُن جو خيال اُن آواز سان جڙي ٿو. انهيءَ ساڌنا کي مهاتما "جيئري مرڻ" سڏين ٿا ڇاڪاڻ تہ خيال کي اکين پنيان ايڪاگر ڪري اُن مني ۽ سريلي آواز کي ٻڌڻ سان روح ۽ من نَون دوارن مان آزاد ٿيندا آهن ۽ ساڌڪ جو تعلق هن دنيا سان بلڪل ٽٽي پوندو آهي. دنيا جا سڀ دک پلجي هو پنهنجي اندر اُن شبد جي دائمي خوشي محسوس ڪرڻ لڳي ٿو. ڪبير صاحب هن ٻاري ۾ فرمائين ٿا:

"جس مرني سي جگ ڏري، ميري من آنند."

گورو نانڪ صاحب بہ فرمائين ٿا:

"نانڪ جيوندیا مر رهيئي، انسا جوگ ڪمائيئي."

سينٽ پال بہ بائيبل ۾ فرمائي ٿو "I die daily" يعني مان روز مرندو آهيان. مسلمانن جي حديث بہ چوي ٿي:

"مُوتوا قبل انتا مُوتوُ."

دادو صاحب جهڙي مشهور مهاتما تي ڪڏويا آهن، پنهنجي باڻيءَ ۾ لکن ٿا:

"جيوت ماٽي هو رهو، سائين سنمک هوئي،
دادو پهلي مر رهو، پيڇي مري سڀ ڪوئي."

تيسري پاتشاهي گورو امرداس جن بہ فرمائين ٿا:

"ستگورو سيوي تان مل جاوي،
جيوت مري هر ستڻ چت لاوي."

ڊريا صاحب بہ چون ٿا:

”ڊريا گرو گروا مِلا، ڪرم ڪيا سڀ رد،
جوتا پرم جوالي ڪري، پڪڙايا سچ شبد.“

اهڙيءَ طرح گرو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:

”مني اندرا اڳيانتا پاتي، ڪمل هووي پرڪاس،
گرو انهي سک اپجي پاتي، سڀ ڦل ستگورو پاس.“

يعني اُن مٺي ۽ سريلي آواز ڪي آهي، جو اسانجي اڪين ڀنيان اچي رهيو آهي مهاتما شبد يا نام چئي پڪارين ٿا. اسان جا جيڪي بہ مذهب آهن انهن جا رواج ۽ رسمون يا شريعت هرهڪ جي جدا جدا آهي پر انهن ۾ جا اصلي روحانيت آهي، اصليت آهي، حقيقت آهي يا روحانيت جو بنياد آهي اهو هرڪنهن مذهب ۾ ساڳيو ئي آهي. انهيءَ روحانيت کي مختلف مهاتمائن جدا جدا لفظن جي ذريعي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. حضرت عيسيٰ اُن کي Word يا شبد چئي سمجهائين ٿا. گرو نانڪ صاحب انکي ’گرو جي باڻي‘، ’ڌرڪي باڻي‘، ’سچي باڻي‘، ’شبد‘، ’نام‘، ’امر‘، ’حڪم‘، ’اڪٿ ڪٿا‘، ’هري ڪيرتن‘ ۽ ٻين بہ ڪيترن ئي لفظن سان بيان ڪن ٿا. مسلمان فقير انکي ’ڪلمو‘، ’اسم اعظم‘، ’بانگِ آسماني‘، ’ڪلامِ الاهي‘ يا ’ندائي سلطاني‘ چئي بيان ڪن ٿا. رشي مني انکي ’آڪاش باڻي‘، ’رام نام‘، ’نرمل ناد‘، ’ڌون ڌني‘، ’شبد‘ يا ’نام‘ ڪري سمجهائين ٿا. عام مهاتمائون انکي شبد يا نام ئي سڏيندا آهن. اسانکي لفظن جي جهڳڙن ۾ الجهڻ نہ کپي. اسانکي تہ پنهنجي جسم اندر اُن نقطي تي خيال ايڪاگر ڪرڻو آهي جتي اهو شبد يا نام رات ڏينهن وڄي رهيو آهي. گرو نانڪ صاحب سمجهائين ٿا:-

”نؤ در ناکي ڌاوت رهائي، دسوين نج گهر واسا پائي،
اوٿي انحد شبد وڄي دن راتي، گرمتي شبد سناونيا.“

يعني جنھن وقت اسين پنھنجي شرير جي نون دوارن مان
خيال ڪڍي اکين پٺيان ايڪاگر ڪريون ٿا، ان وقت اسين
پنھنجي اصلي گھر جي دروازي تي پھچون ٿا. اسانجو اصلي
گھر سچکنڊ آهي جتي پرماتما رهي ٿو انجو دروازو اکين
پويان 'تيسرا تل' آهي ۽ ان گھر جي دروازي جي نشاني اھا
ٻڌائين ٿا ته ان ھنڌ انحد شبد رات ڏينھن ڌنڪارون ڏيئي
رهيو آهي جيسين اسين ان گھر جي دروازي تي خيال
ايڪاگر ڪري ان شبد کي نه پڪڙينداسين تيسين اسانجي
مڪتي حاصل ڪرڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي.

آتمڪ مارڳ

حضرت عيسيٰ به ان طرف تي اشارو ڪن ٿا جڏھن
فرمائين ٿا:

"Knock it shall open and seek Ye shall find."
(Matthew 7:7)

يعني ڳولھيندا ته توھين لھندا دروازو کڙڪائيندا ته کلندو.
جي اسانکي پنھنجي گھر وڃڻو آهي ته اول اول اسانکي
پنھنجي گھر جي در جي تلاش ڪرڻي پوندي. ۽ اھو گھر
جو دروازو آهي اسان جي اکين پٺيان جنھنکي 'Third eye'
"ھڪ اک" يا "تيسرا تل" چوندا آهن. انجي کولڻ لاءِ
اسانکي اھو کڙڪائڻو آهي يعني بار بار سمرن ۽ ڌيان جي
ذريعي پنھنجي ٿھليل خيال کي اکين پٺيان سميٽي ايڪاگر
ڪرڻو آهي. جڏھن اسين اھو دروازو بار بار کڙڪايون ٿا
يعني سمرن ۽ ڌيان جي ذريعي اسانجو خيال پوريءَ طرح
ايڪاگر ٿئي ٿو ته اھو دروازو کلي پوي ٿو ۽ پوءِ اسانکي
پنھنجي گھر وڃڻ جو رستو ملي ٿو. اھو ساڌن ڪھڙو آهي؟
خيال کي انھيءَ شبد سان جوڙڻ، جو هر ھڪ جي اندر اچي رهيو
آهي. ان جي ذريعي اسين واپس وڃي پرماتما کي پائي سگھون

ٿا. تلسي صاحب سمجهائين ٿا:-

”قدرتي ڪعبي کي تو محراب بڻ سن عرو سي،
آرهي ڏو سي صدا تيري بلائي کي ليئي.“

مسلمانن جو خيال آهي ته ڪعبي جو حج ڪرڻ سان اسين مڪتي پائي سگهون ٿا. تلسي صاحب چون ٿا ته جو اصلي ڪعبو آهي، اهو اسانجو شرير آهي. پيرن جي ترين کان اسانجو حج شروع ٿئي ٿو ۽ سر جي چوٽيءَ تي وڃي ختم ٿئي ٿو. ان حج جون ڇهه منزلون آهن. هڪ اکين تائين ۽ ٻي اکين کان مٿي. مولوي هميشه محراب ۾ بيهي ڪري بانگ ڏيندا آهن. اسانجي پيشاني ۾ محراب وانگر آهي. جو مالڪ جي درگاه جي طرف کان قدرتي ڪلمو اچي رهيو آهي اهو هن محراب يعني مستڪ جي اندر اچي رهيو آهي. اسين جڏهن ان آواز يا ڪلمي کي ٻڌڻ لڳنداسين ته پوءِ ان آواز جي پٺيان پٺيان هلي پهچي منزل مقصود تي پهچي ويندا سين. گرو امرداس جن فرمائين ٿا:

”ٻن سبدي انتر آ نهيرا، نه وسه لهي نه چوڪي ڦيرا،
ستگورو سبد ڪبجي هروسه دو ڪلي ناهين،
گورو پروي پاڪ ملاوليتان.“

هڪ ٻي هنڌ به اهڙني ايديش ڪن ٿا:

”اس ڪايا اندر وسه اسڪان،
گورمک ساچ ملي تان وڪان،
نو دروازي دسوين مڪتا، انهد سبد وڄاوليان.“

يعني هي اسانجو شرير نه صرف هنڌ ۽ ماس جو لهيل آهي ۽ نه صرف پنج ڇهه فوت ڊگهو مٽيءَ جو پتلو آهي بر برمانڊ ان جي اندر بيشمار وستو ۽ خزانا رکيا آهن. بلڪ اهو برمانڊ خود ان جي اندر ويٺو آهي. جيستائين ڪو سچو گورمک نه ملندو تيستائين اسين شرير اندر برمانڊ کي ڏسي

۽ ڪوڄ ڪرڻ جي طريقي جو پتو ٿي لڳائي سگهنداسين. گورو
صاحب فرمائين ٿا ته جسم جا ٻه حصا آهن، هڪ اکين کان
هيٺ ۽ ٻيو اکين کان مٿي. اکين کان هيٺ نون دروازن ۾ صرف
اندرين جي پوڄن ۽ وشيه وڪارن جون لذتون آهن. جيستائين
اسانجو خيال اکين کان هيٺ آهي تيستائين اسين مڪتي حاصل
ڪري ٿي نه سگهنداسين ڇاڪاڻ ته مڪتيءَ جو دروازو اکين
جي پويان رکيل آهي؛ اُن جي اهائي نشاني آهي ته اُن هنڌ
انهد شبد گونجار ڪري رهيو آهي. گورو نانڪ صاحب فرمائين
ٿا ته:-

”گورو شبد ملي سي وڇڙي ناهين،
سهجي سچ سماوتيان.“

جنهن وقت اسين گورمکن جي ذريعي شبد کي پڪڙيون
ٿا ته پوءِ اهو شبد اسانکي ڇڏي ڪونه ٿو. پاڻ سان گڏ وٺي
هلي پرماتما ۾ سمائجي ٿو. اسانکي اُن شبد جي ذريعي پنهنجي
گهر جو رخ قائم ڪرڻو آهي ۽ اُن شبد جي پرڪاش ذريعي
پنهنجي گهر جو رستو ڏسڻو آهي. اسانجي آتما جي ڏسڻ جي
شڪتيءَ کي مهاتما 'نرت' سڏين ٿا ۽ ٻڌڻ جي شڪتي
آهي اُنکي 'سرت' ڪوٺين ٿا. سرت کي اُن شبد جو آواز
ٻڌڻو آهي ۽ نرت کي اُن جو پرڪاش ڏسڻو آهي. مثال طور
ٿي اسين پنهنجي گهر کان شام جو سير ڪندي ڪٿي دور
ڪري وڃون ٿا ۽ رات پئجي وڃي ٿي، هر طرف انڌيرو
انٿجي وڃي ٿو ۽ پنهنجي گهر جو رستو نٿي لڀجي وڃون
اهو به پتو نه پوي ته گهر ڪهڙي طرف آهي تنهن وقت
ن پنهنجي گهر پهچڻ واسطي اُن انڌيري ۾ خاموش ٿي ويهي
ون ٿا ۽ ڌيان غور سان اُن سناٽي ۾ ڪنهن نه ڪنهن آواز
ٻڌڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا جو اسان جي گهر جي طرف

کان اچڻو هجي. ڪنهن ريلوي جو آواز يا ڪتي جي ڀونڪڻ جو آواز يا ڪو ٻيو آواز. اسين اُن آواز کي ٻڌي پنهنجي گهر جو طرف قائم ڪريون ٿا يعني ته اسان جو گهر اڳيان آهي يا پٺيان، ساڄي طرف آهي يا کاٻي طرف. جنهن وقت طرف جو پتو پئجي وڃي ٿو ته پوءِ جاڪاڻ ته رستي ۾ اونداهه آهي، اوچي ليٽي زمين آهي، يعني کڏون کوهه آهن يا رستي تي وڻ ٽڻ ۽ ڪنڊا وغيره آهن انهيءَ حالت ۾ جيڪڏهن اسان جي هٿ ۾ ڪا ٽارچ يا لالٽين هوندو ته اسين اُن جي روشنيءَ ذريعي رستي جي کڏن ۽ ڪنڊن وغيره کان بچاءُ ڪندا پنهنجو رستو ڳوليو صحيح سلامت پنهنجي گهر پهچي وينداسين. اهڙيءَ طرح مهاتما اسان کي اپديش ڪن ٿا ته اسان مان هرهڪ جي اندر پرماتما اسان جي واسطي اهو آواز به رکيو آهي ۽ اها روشني به رکي آهي. اسانکي اُن آواز کي ٻڌي پنهنجي نج گهر جو رخ قائم ڪرڻو آهي ۽ اُن روشنيءَ ذريعي پنهنجو روحاني سفر طئه ڪرڻو آهي. ڪبير صاحب به انهيءَ ڏي طرف اشارو ڪن ٿا جڏهن چون ٿا ته:-

"ديوا بلي اگم ڪا، بن باتي بن تيل"

يعني اها اگم جي جوت بنا وٽ ۽ تيل جي ٻري رهي آهي. اها ڳالهه پلٽو صاحب پنهنجي تجربي مان سمجهائين ٿا:

"الٽا ڪنوان گگن ۾ تس ۾ جري چراغ،
تس ۾ جري چراغ بن روغن بن باتي،
ڇهه رت بارهه ماهه رهت جرتا دن راتي."

يعني اسانجي سر جي مٿين حصي کي جو اپٽو کوهه ڪري بيان ڪن ٿا. کوهه جو منهن مٿي ۽ تر هيٺ ٿيندو آهي پر اسان جي سر جو تر مٿي ۽ منهن هيٺ جي طرف آهي يعني ته..

اُن جي شڪل اُبتي کوهہ مثل آهي۔ پلٽو صاحب فرمائين ٿا تہ جڏهن اسين نون دوارن مان خيال ڪڍي اکين پنيان ايڪاگر ڪنداسين تہ اسين اُن اُبتي کوهہ ۾ اچي وينداسين ۽ اُن هنڌ هر ڪنهن جي اندر هڪ جوت ٻري رهي آهي۔ اُن جوت جي ٻرڻ لاءِ نہ ڪنهن وٽ جي ضرورت آهي ۽ نہ تيل جي۔ باهر اسين ڪا بہ جوت جلايون تہ اُن لاءِ وٽ ۽ تيل جي ضرورت پوندي آهي۔ جيڪڏهن وٽ خلاص ٿئي يا تيل خلاص ٿئي تہ جوت وسامي وڃي ٿي۔ پر جنهن جوت جو پلٽو صاحب ذڪر ڪن ٿا اُها جوت چوويهہ ئي ڪلاڪ اسان سڀني جي اندر ٻري رهي آهي۔ سال ۾ ڇهہ مندون، ١٢ مهنا ۽ ڏينهن ۽ راتيون ٿينديون آهن۔ هيءَ جوت هر انسان اندر هر وقت جاڳي رهي آهي۔ اِها ئي ڳالهہ سوامي مهاراج جن فرمائين ٿا:

”بسو تم آءِ نئنن ۾، سمٽ ڪر ايڪ يهان هونا،
دوئي يهان دور هو جائي، درشني جوت ۾ ڏرنا۔“

يعني جنهن وقت اسين پنهنجو خيال نون دوارن مان ڪڍي اکين پنيان ايڪاگر ڪريون ٿا تہ اسين دويت مان ايڪتا ۾ اچي وڃون ٿا۔ جيستائين اسانجو خيال ٻنهي اکين جي ذريعي باهر آهي تيستائين اسين دويت ۾ قائل آهيون پر جنهن وقت خيال کي سميٽي اکين پنيان ڪٺو ڪريون ٿا تہ اسين ايڪتا ۾ اچي وڃون ٿا ۽ پوءِ اسان کي اُن هنڌ اُن جوت جو درشن ٿئي ٿو۔ اهو ئي ذڪر حضرت عيسيٰ بائيبل ۾ ڪيو آهي۔

"The light of the body is the eye; if therefore thine eye be single, thy whole body shall be full of light" (Matthew 6: 22)

يعني چون ٿا تہ جي تون هڪ اک وارو ٿين يعني ٻنهي

اڪين جي پنيان جي پنهنجي خيال کي ايڪاگر ڪرڻ ۾
ڪنهنجو سچو جسم نور ۽ روشنيءَ سان ڀرجي ويندو. گرو
نانڪ صاحب به اهو ئي اپديش ڪن ٿا:

"انتر جوت نرنتر باڻي سچي صاحب سيون لو لائي."

يعني هرهڪ انسان جي اندر اها جوت جلي رهي آهي ۽ اُن جوت مان هڪ ڏاڍو مٺو ۽ سريلو آواز اچي رهيو آهي. جي شخص اُن جوت جو درشن ڪن ٿا ۽ اهو سريلو آواز ٻڌن ٿا اُنهن جو دنيا مان موهه ۽ پيار نڪري وڃي ٿو ۽ مالڪ سان پيار پيدا ٿي پوي ٿو. اسان سڀني کي اها خبر آهي ته جيڪي به اسان جا ڌارمڪ استان آهن چاهي گوردوارو، چاهي مسجد مندر يا گرجاگهر انهي هرهڪ استان ۾ جوت جلائيندا آهيون ۽ گهنڊ ۽ سنک جهڙو آواز پيدا ڪندا آهيون. ڪنهن ديول ۾ هليا وڃو ته ڏسندا ته اتي موم بتيون ٻاريون وينديون آهن ۽ اتي ديول مٿان گهنڊ ۽ بگل هوندو آهي جو پرارٿنا وغيره شروع ڪرڻ کان اڳ وڄايو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح ٻوڌن جي مندرن ۾ به هميشهه جوت جلندي رهندي آهي جنهنکي هو اکنڊ جوت سڏيندا آهن ۽ جنهنکي ڪڏهن به وسامڻ نه ڏيندا آهن. پر جنهن اکنڊ جوت جو ذڪر مهاتما ٻڌ ڪيو آهي اها ته اسان سڀني جي اندر آهي. انهن جي مندرن ۾ بگل وغيره وڄايا ويندا آهن. جينين ۽ هندن جي مندرن ۾ به جوت جڳائي ويندي آهي ۽ گهنڊ وڄايا ويندا آهن ۽ ساڳيءَ طرح گوردوارن ۾ به جوت ٻاري ويندي آهي ۽ سنک وغيره وڄايا ويندا آهن. مسلمانن جي مزارن تي به رات جو چراغ جلايا ويندا آهن ۽ مولوي وڏي آواز سان ٻانگ ڏيندو آهي يا نغارو وڄائيندو آهي. اسان ڪڏهن به اهو خيال نه ڪير

هوندو تہ هرهڪ ذارمڪ جڳهہ تي هي جوت ڇو جلائي ويندي آهي ۽ گهنڊ ڇو وڄايا ويندا آهن. دراصل، رشين منين، سنتن مهاتمائن ۽ پيرن پيغمبرن سمجهايو تہ اسانجو شرير ئي سڀ کان وڏو ۽ اصلي گور دوارو، مندر، مسجد يا ديول آهي ۽ هرڪنهن جي شرير اندر جوت جلي رهي آهي ۽ شبد جو آواز جو شروع ۾ سنک يا گهنڊ جهڙو آهي، سو وڄي رهيو آهي. پر انهن دنيا جا جيو اهڙن مالڪ جي پڳتن ۽ پيارن جي وڃڻ کانپوءِ انهن جي اصلي تعليم کي ڀلجي وياسين ۽ ٻاهر مکي تي پياسين. اُن اندر جي شبد جي آواز کي ٻڌي ۽ اندرين جوت ڏسي اسانجو من قابوءَ ۾ اچي وڃي ٿو ۽ وس ٿي پوي ٿو ۽ واپس پنهنجي ٽڪاڻي تي پهچي وڃي ٿو. روح ۽ من جي ڳنڍ کلي پوي ٿي. گورو امرداس صاحب سمجهائين ٿا:

”گورو گيان انجن سچ نيتري پائيا،

انتر چانڻ اگيان انڌير گنوايا،

جوتي جوت ملي من مانيا، هر در سويا پاونيا.“

جڏهن اسين گورمکن جي گيان ۽ تجربي موجب اکين ۾ شبد روپي سرمو پائيون ٿا تہ اگياننا جو انڌيرو اسانجي رستي تان هٽي وڃي ٿو. پرماتما جو نور ۽ پرڪاش نظر اچڻ شروع ٿي وڃي ٿو. هندستان ۾ اهو عام رواج آهي تہ جيڪڏهن ڪنهنجي اکين جي نظر گهٽجي ويندي آهي تہ هنکي سرمي پائڻ جي هدايت ڪئي ويندي آهي. اسانجو اهو خيال آهي، تہ سرمي پائڻ سان نظر ٺيڪ ٿي ويندي آهي ۽ سڀ ڪجهہ چڱيءَ طرح ڏسي سگهبو آهي. تنهنڪري گورو امرداس صاحب اهو مثال ڏيئي سمجهائين ٿا تہ اسين دنيا جا جيو اکين هوندي انڌا ٿي ويٺا آهيون. اسانکي پنهنجي اندر ۾

ڪم ۾ نظر ڪرڻ نه ايندي. جيڪڏهن اسين شبد جي سرمي جو استعمال ڪنداسين يعني پنهنجي خيال کي اندر سميٽي ان شبد سان جوڙينداسين ته اسان جو اگيانتا جو انڌيرو دور ٿي ويندو ۽ اسانکي پنهنجي اندر اها روشني نظر اچڻ لڳندي جنهنکي ڏسي اسان جو من مڇي ويندو يعني وس اچي ويندو. هيءُ جو اسان جو من اندرين جو غلام بڻيو ويٺو آهي اهو ان روشنيءَ ۾ محو ٿي ويندو ۽ هر وقت شبد جي آواز کي ٻڌي ۽ پڪڙي برهم يعني ترڪٽيءَ ۾ پنهنجي لڪائي ٿي پهچي ويندو. تڏهن ٿي اسانجي آتما من جي پنجي کان آزاد ٿي پوي ٿي ۽ ان ڪالبوت ٿي اسانجي جوت ان جوت ۾ ملي ٿي ۽ مالڪ جي درگاهه ۾ پهچي اصلي عزت ۽ سرٻيا حاصل ڪري ٿي. حضرت عيسيٰ ۾ بائيبل ۾ فرمايو ٿا:

"For Judgment I am come into this woird, thit they which see not might see; and that they which see might be made blind." (John 9 : 39)

يعني مان هن جڳت ۾ انهيءَ انصاف ڪرڻ لاءِ آيو آهيان ته جيڪي ڏسي نٿا سگهن سي ڏسن ۽ جيڪي ڏسن ٿا سي انڌا ٿي پون. يعني ته مان هن دنيا ۾ انڪاءِ آيو آهيان ته جي شخص اکين هوندي به انڌا آهن ۽ مالڪ کي نٿا ڏسن ته مان انهن کي هن دنيا جي شڪلين ۽ پداوٿن جي طرف کان انڌو ڪري ڇڏيان ۽ مالڪ جي طرف کان سڄاڳ يعني اکين وارو ڪري ڇڏيان. گرو نانڪ صاحب به اهوئي سمجهايو ٿا:

"جن انتر شبد آپ پڇاتا ڪت مت تنهي پائي."

يعني ته جيڪي شخص اندر ان شبد کي پڪڙي پنهنجو پاڻ سڄاڻڻ جي قابل ٿين ٿا، انهن کي ئي اصلي گتي ۽ مالڪ جي ملڻ جو رستو پراپت ٿئي ٿو. وري ٻئي هنڌ اُپديش

ڪن ٿا:-

”شبد ڪي سواد جاني تان آپ پڇاني“

يعني تہ شبد ۽ نام جي لذت حاصل ڪرڻ سان ئي اسين پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ جي قابل ٿيون ٿا. اسين اُن وقت پنهنجو پاڻ سڃاڻون ٿا جڏهن اسانجي آتما جي مٿان چڙهيل سڀ گندا گندا پردا لهي وڃن ٿا. انهيءَ ڪري مهاتما اسانکي مڪتي حاصل ڪرڻ جو اهوئي طريقو سمجهائين ٿا تہ اسين پنهنجي خيال کي اندر شبد يا نام سان جوڙيون. گرو صاحب هڪ ٻئي هنڌ بہ فرمائين ٿا:-

”شبد مري سو مر رهي، ڦر مري نہ دوجي وار.“

سوامي جي مهاراج جن اپديش ڪنئا:-

”نام ڪي رنگ ۾ رنگ جا، ملي توهہ ڌام نج اپنا.“

يعني گرنٿن، پوٿين، ويدن ۽ شاسترن ۾ مهاتما اُن نام يا شبد جي مهما لکن ٿا. انهن کي پڙهڻ سان اسانکي سوجهي پوي ٿي تہ اسانکي نام جي ڪمائي ڇو ڪرڻي آهي ۽ ڪهڙيءَ طرح نام جي ڪمائي ڪرڻي آهي. گرنٿن ۽ پوٿين ۾ اهو نام ڪونهي پر صرف نام حاصل ڪرڻ جو طريقو آهي. اُنهن جي پڙهڻ ۾ مڪتي نہ آهي. جيڪي پڙهون اُن تي عمل ڪرڻ ۾ مڪتي آهي. جهڙيءَ طرح ڊاڪٽري ڪتابن ۾ نسخا يا بيمارين جي علاج ڪرڻ جو طريقو لکيل هوندو آهي پر ڪتابن ۾ دوائون ڪونہ هونديون آهن. جيڪڏهن ڪو بيمار سڄو ڏينهن اهڙا ڪتاب رکو پڙهي تہ هنجو بيماريءَ مان ڇوٽڪارو نہ ٿيندو. دوا الڳ چيز آهي ۽ اُنجو ذڪر ڪا ٻي ڳالهہ. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪو سڄو ڏينهن کاڌي تيار ڪرڻ جا ڪتاب پڙهندو رهي جنهن ۾ قسمين قسمين کاڌن تيار ڪرڻ جا طريقا لکيل هجن تہ ڪهڙو طعام ڪهڙيءَ

طرح ظاهر آهي رڳو انهن کي پڙهڻ سان نه ڪڏهن ڪاڏي جو
سواد ايندو ۽ نه پيٽ ڀرجندو. اُن ڪتاب موجب جيڪڏهن
ڪو ڪاڏو تيار ڪري کائي ته پيٽ به ڀرجيس ۽ سواد به ايندس.
اهڙيءَ طرح جي اسانکي ريل گاڏيءَ جو سفر ڪرڻو هجي ته
پهريائين ٽائيم ٽيبل يا گائيڊ بوڪ چڱيءَ طرح پڙهبو جنهن مان
خبر پوندي ته گاڏيءَ جو سفر ڪيترو لنبو آهي، ڪهڙيون
ڪهڙيون اسٽيشنون رستي تي اينديون، ڪيترو ڀاڙو لڳندو
۽ گاڏي ڪهڙي وقت اسٽيشن تان ڇٽندي. پر رڳو اسين ٽائيم
ٽيبل پڙهڻ سان پنهنجي منزل تي نه پهچي سگهنداسين. جڏهن
اسين اسٽيشن تي وڃي ٽڪيٽ وٺي ٽائيم ٽيبل موجب گاڏيءَ ۾
چڙهنداسين تڏهن ئي اسين پنهنجي منزل مقصد تي پهچنداسين.
ان نقطي تي اچي اها ڳالهه عام دنيا پڌري ٿيل آهي. اسان
پنهنجن گرنٿن پراڻن ويدن ۽ شاسترن جي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ کي
مکيه جو ساڌن سمجهي ويٺا آهيون ۽ گهڻو ڪري ته اسين
ٻار ۽ ٻڍا پڙهندا آهيون ڪنهن پستڪ يا گيتا جي پڙهڻ
لاءِ ويندا آهيون ۽ جو پير اسانجي گهر ۾ پڙهندو آهي ته اسين
پنهنجي دنيا جي ڪم ڪارج ۾ مشغول هوندا آهيون. من ۾
ائين سمجهندا آهيون ته نه معلوم اسانکي ڪيترو نه فائدو ملي
رهيو آهي. اهو ٻارن کي لکڻو آهي. پر جيڪڏهن اسين ٻانهي
ريتي آهي گرنٿ وغيره پڙهون يا ٻڌون ته انهن مهاتمائن جا
وچن اسانجي ڪنن ۾ پون، اسانکي پنهنجي ڪمزورين ۽
ڪمين جو پتو پوي، انهن جي دور ڪرڻ جو شوق پيدا ٿئي،
طريقي ۽ ساڌن جو پتو لڳي ته پوءِ ئي ان پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جو
ڪو فائدو ٿيندو. اسان ته پڙهڻ ۽ پڙهائڻ کي رڳو رسم ۽ رواج
ڪري ڇڏيو آهي ۽ سمجهندا آهيون ته شايد اُن پستڪ جي
پڙهڻ سان ئي اسين مڪتي پائي سگهنداسين. هرهڪ مهاتما

اسانجي خيال کي اِنهن پرمن مان ڪيڻ جي ڪوشش ڪري ته، سوامي جي مهاراج جن فرمائين ٿا:

”ويد شاستر سمرت اور پرانا پڙهه پڙهه سب پنڊت هارا،
بنا ستگورو اور بنا شبد سرت ڪوئي نه اُتري پو پارا.“

اهڙيءَ طرح گورو نانڪ صاحب به اُپديش ڪن ٿا:

”پڙهيئي جيتي برس برس پڙهيئي جيتي ماس؛
پڙهيئي جيتي آرجا پڙهيئي جيتي ساس؛
نانڪ ليکي اِڪ گل هور هومي جهکڻ جهاک.“

يعني ته جي اسين سڄو ڏينهن پڙهندا رهون، سڄو مهنو ۽ سڄو سال پڙهندا رهون بلڪ ساري زندگي ۽ سواس سواس ۾ پڙهندا رهون ته به اسانجي حساب ۾ صرف هڪ ئي ڳالهه ڳڻي ويندي ته اسانجي سرت اُنهيءَ شبد يا نام کي پڪڙي ٿي يا نه؟ جي نه ته اسانجو سڄو پڙهڻ ۽ پڙهائڻ فضول آهي.

اهوئي تلسي صاحب پنهنجي باڻيءَ ۾ لکن ٿا:

”چار اٺارنهه نو پڙهي کٽ پڙهه کويا مول،
سرت شبد چينهي بنا جٿون پنڇي چنڊول.“

يعني جيڪڏهن ڪوئي چار ويد، ارڙهن پران، نو وياڪرڻ ۽ ڇهه شاستر به پڙهي پر سرت جو گيان پراپت نه ٿيس ته اُن جي حالت چنڊول پکيءَ جهڙي آهي. چنڊول هڪ پکي آهي جنهنکي ڪستورو ۽ اگن به چوندا آهن. هو هرهڪ جانور جو نقل ڪندو آهي. جي ڪانو جي ٻولي ٻڌي ته ڪانو وانگر ڪان ڪان ڪندو آهي يا ٻئي ڪنهن جانور جو آواز ٻڌي ته اُن وانگر ئي ٻوليندو آهي.

هڪ ٻئي هنڌ به تلسي صاحب لکن ٿا:

”پڙهه پڙهه کي سب جگ موئا پنڊت ڀيا نه ڪوءِ،
ڍائي اکشر پريم ڪي، پڙهي سو پنڊت هوءِ.“

اهو ئي اپديش ڀلي شاهه ڪن ٿا:

"علمون بس ڪرين او يار، اڪو الف ميري درڪار،
پڙهيا علم عزرائيل ٿي پڙهيا، جهگا جهالا اُس دا سڙيا."

حضرت عيسيٰ به بائيبل ۾ اها ئي ڳالهه چون ٿا:

"It hank thee, O Father, Lord of heaven and earth, because thou hast hid these things from the wise and prudent, and hast revealed them unto babies."

(Matthew 2: 25)

يعني "اي پتا، سرڳ ۽ ڌرتيءَ جا پربو، مان تنهنجو ڌنيواد ڪريان ٿو ته تو هنن ڳالهين کي واچڪ گيانين ۽ چتر ماڻهن کان لڪائي رکيو ۽ ٻالڪن ۾ پرگهٽ ڪيو آهي." اسين گرنٿ پوٿيون پڙهي واچڪ گياني ٿيڻ چاهيون ٿا ۽ اسان ۾ بحث مباحثي ڪرڻ جي عادت پئي ٿي. پنهنجو پاڻ کي گهٽ، گياني ۽ عالم فاضل سمجهڻ شروع ڪريون ٿا ۽ ٻين کي بي سمجهه ۽ اگياني سمجهڻ لڳون ٿا. من ۾ هومين ۽ اهنڪار اچي وڃي ٿو. جيتوڻيڪ مالڪ جي ڀڳتيءَ جي رستي ۾ ته پڙهي لکي به ٻار جهڙو معصوم ٿيڻو پوي ٿو. گرنٿ، پوٿيون ۽ ويد شاستر ڇا آهن؟ گورو صاحبن، رشين منين، پيرن پيغمبرن سنتن ڪيئن ۽ مالڪ سان ميلاپ ڪيو يعني مالڪ کي پاتو ۽ جيڪي نظارا اندر ڏٺا ۽ جيڪي به رڪاوٽون انهن اندر محسوس ڪيون يا ڏٺيون، انهن جو ذڪر اسانجي فائدي لاءِ انهن ڌرمي پستڪن ۾ ڪيو. اهي ڌرمي ڪتاب انهن مهاتمائن جي ذاتي تجربن جو رڪارڊ آهن. اسانکي انهن جي پڙهڻ سان اهو تجربو يا آزمودو نه ٿي سگهندو جيستائين ڪ اسين جو ڪجهه پڙهون انهيءَ ٻاري ۾ پنهنجي اندر کوج يا تحقيقات نه ڪيون. کوج ۽ تحقيقات ڪرڻ جو طريقو اهو آهي ته صرف شبد ۽ نام جي ڪمائي ڪجي. اهو نام ڪٿي ٻاهر ڪونهي. بلڪ اسان

سيني جي شرير ۾ ديهه اندر آهي ۽ اسان جي واسطي ٿي
پرماتما اسانجي اندر رکيو آهي. ليڪن کوج ڪهڙيءَ طرح
ڪرڻي آهي، ان جو ڀيد يا طريقو اسانکي گورمکن وٽان ٿي
ملي ٿو.

سنتن جي سنگت

گورو نانڪ صاحب اسانکي سمجهائين ٿا:

"انحد باڻي پونجي، سنتن هٿ راکي ڪنجي."

وري ٻئي هنڌ گورو صاحب لکن ٿا:

"جس کا گرهه تن ديا تالا، ڪنجي گور سونپائي،
انڪ اپاو ڪري نهي پاوي، بن ستگور سرنائي."

يعني پرماتما اسانکي پيدا ڪري اُن نام جي دولت
اسانجي اندر اسان واسطي رکي آهي پر اُن جو ڀيد گورمکن
جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي. تنهنڪري اسانکي اها چيز
حاصل ڪرڻ لاءِ سادن، سنتن ۽ مهاتمائن جي سنگت ۽ صحبت
ڪرڻي پوندي آهي. گورو امرداس صاحب لکن ٿا:

"بن گور داتي ڪوئي نه پائي،
لک ڪوٽي جي ڪرم ڪمائي."

پنجين پاتشاهي گورو ارجن ديو به لکن ٿا:

"ڪهه نانڪ پريو اِهو جنائي،
بن گورو مڪت نه پائيئي ڀائي."

گرو نانڪ صاحب ڪنهن ٻئي هنڌ فرمائين ٿا:

"ستگورو سيوي سدا سک پائي،
ستگورو الک ديا لکائي."

ري فرمائين ٿا:

"مت ڪوئي ڀرم ڀلي سنسار،
گور بن ڪوئي نه اترس پار."

گرو امرداس ۾ فرمائين ٿا:

”ستر سنو سنو جي ٻالي،
گرو ڪاڏي ٻانهہ ڪڪيجي.
جي آڳر ڪر سڪ سڪ نہ لوڙي،
تان ستگرو شرن پرايجي.“

يعني مهاتمائون، گورمکن جي سنگت ۽ صحبت ڪرڻ تي ڏاڍو زور ڏين ٿا تہ اُن ڪانسواءِ اسانجي مڪتي حاصل ڪرڻ جو ڪو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي. پنجين پاتشاهي ۾ وري لکن ٿا:

”شاستر ويد سمرت سڀ سوڌي،
سڀ ايڪا ٻات پڪاري؛
ٻن گورو مکت نہ ڪوئي پاوي،
من ديکو ڪر وچاري.“

وري اِئي هنڌ لکن ٿا:

”بن ستگورو ڪوئي نام نہ پاوي،
پرڀ ايسي بنت بنائي هئہ.“

يعني مالڪ پهنجي ملڻ جو اهو ئي قدرتي قانون رکيو آهي تہ هر جڳهہ ۾ ملندو آهي تہ رکو ساڌن، سنتن ۽ مهاتمائن ذريعي ئي ملندو آهي.

حضرت عيسيٰ ۾ بائيبل ۾ الين ئي لکن ٿا:

“Come unto me, all ye that labour and are heavy laden, and I will give you rest.” (Matthew 11:28)

يعني اي دنيا جا لوڪو، توهين گناهن جي بوجهہ سان ٻڏل ۽ لڇل آهيو، توهين مون وٽ اچو، مان توهانکي آرام ۽ شانتي ڏيندس.

اَڳتي وري فرمائين ٿا:

"I am the way, the truth, and the life; no man cometh unto the Father, but by me. If ye had known me, ye should have known my Father also; and from hence forth ye know Him and have seen Him.

(John 14:6, 7)

يعني مارگ، جيون ۽ سچائيءَ مان ئي آهيان. منهنجي سهائتا کان سواءِ ڪوئي به پتا وٽ نه پهچي سگهي ٿو. جي توهين مونکي سڃاڻندا ته منهنجي پتا کي به سڃاڻندا ۽ هاڻي هنڪي ڄاڻو ٿا ۽ هن کي ڏٺو به اٿو. يعني توهين پنهنجي پتا کي صرف منهنجي ذريعي ئي ملي سگهو ٿا. مان هن سان ملائڻ جو ذريعو ۽ رستو آهيان. جيڪڏهن توهان مونکي سڃاتو ته توهان اُن پرماتما کي سڃاتو ۽ ڏٺو.

وري اڳتي فرمائين ٿا:

"And he that seeth me seeth Him that sent me."

(John 12:45)

يعني جو مونکي ڏسي ٿو اُهو منهنجي موڪلڻ واري کي ڏسي ٿو. يعني مون اُن پرماتما کي ڏٺو آهي ۽ توهان مونکي ڏٺو آهي. انڪري اوهان به اُن پرماتما کي ڏٺو آهي.

وري اڳتي ائين هند چون ٿا:

"I am the light of the world; he that followeth me shall not work in darkness, but shall have the light of life."

(John 8:12)

يعني جڳت جي جوت مان آهيان. جيڪو منهنجي پٺيان هلندو سو اندڪار ۾ نه هلندو، پر جيون جي جوت پائي وٺندو.

تلسي صاحب به اهوئي اُپديش ڪن ٿا:

"تلسي يا سنسار ۾ پانچ رتن هئن سار
ساڌ سنگ ستگورو شرن دين ديا اُپڪار."

وري فرمائين ٿا:

”سونا ڪالي تا لاڳي لوها ڳهين نهين ڪالي
پرا ٻلا جر گرو ڀڳت ڪبهون نرڪ نه جالي.“

اِها ئي ڳالهه سوامي جي مهاراج ٻيهتي ٻاڻيءَ ۾ ذڪر ڪن ٿا:

”ايهه ڏيهي تر هاٿ نه آوي ترو چوراسي ٻن ۾،
گرو سيوا ڪر گرو ڀڳتي آوو تر اِس ڏنگ ۾،
گرو بن ڪيرا اور نه ڪوئي ڪار اتين الهه من ۾.“

وري فرمائين ٿا:

”ٻن مهر گرو نهين پاوي ٻن شبد ڌاهه نهين آوي،
مرس ڪيمح چڙهاوو گگني ڏن شبد سنواهه ڪرلي.“

ڪبير صاحب ۾ فرمائين ٿا:

”ڪبير گرو ڪي ڀڳتي ٻن نار ڪوڪري هولي،
گلي گلي ڪيوسي ڦري لرڪ نه داري ڪولي.
ڪبير گرو ڪي ڀڳتي بن راجا گڏا هولي،
مالي لدي ڪمهار ڪي گهاس نه داري ڪولي.
اهل ٻهمي ڪاٻڙا ٻان سماري ڪالي،
ڪبير گرو ڪي ڀڳتي ٻن ٻالڪا جر پور جالي.“

وري ٻئي هنڌ فرمائين ٿا:

”گرو بن مالها ڦيرلي گرو ٻن ديتي دان،
گرو بن دان حرام هئه جا پوڇو ويد پران.“

گرو رامداس جوئين پاتشاهي لکن ٿا:

”ٻن گرو ساڪت ڪور ڪر ڙيا حرمي ڪرتا پرجل برٻا،
بن گرو پار نه پاوي ڪوئي هر جهمي نمار اِتاراهي.“

وري ٻئي هنڌ فرمائين ٿا:

”جان ستگرو پرش نه پنموسي ڀاڳ هين وس ڪال،
او ڦر ڦر جون ڀراليهي وچ وشٽا ڪر وڪرال.“

يعني فرمائين ٿا ته جيڪي پورو ستگرو نه مليو آهي اهي

ڏاين ڪونہ پاڻ وارا آهن. اهي هميشه ڪال جي چنبي ۾ رهن ٿا. انهنکي بار بار جنم ۽ مرڻ جي دکن ۾ اچڻو پوي ٿو ايتري قدر جو آخر هنن کي وچي گندگيءَ جي ڪيڙي جي جوڻ ۾ دک ڀوڳڻو پوي ٿو. جي پوري ستگوروءَ جي کوج نہ ٿا ڪن يا اُن کي تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ئي ڪونہ ٿا ڪن اهي شبد يا نام سان ڪڏهن بہ جڙي نہ سگهندا. پنهنجي ڪرمن انوسار چوراسيءَ جي جيلخاني ۾ دک ۽ مصيبتون ڀوڳيندا رهن ٿا. سچ پڇ تہ اهي دنيا ۾ اچي بہ جيئن ڪونہ ٿا پر مئل ئي رهن ٿا. دنيا ۾ جيئندي بہ مئلن سمان آهن. گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا:

”ستگورو ڪي سيو نہ ڪينيا هرنام نہ لگو پيار،
مت لم جانو او جيوندي او آپ ماري ڪرتار.“

يعني هرهڪ شخص خوشي ۽ شانتيءَ جي تلاش ڪرڻ چاهي ٿو ۽ جدا جدا پدارٿن ۾ جدا جدا هنڌن تي وڃي ڳولهي ٿو. پر اصلي خوشي رڳو شبد ۾ ئي آهي جنهن سان اسانجو خيال صرف ستگوروءَ جي ذريعي ئي جڙي سگهي ٿو. جي اسان کي ڪنهن ساڌو مهاتما جي صحبت نہ ملي تہ چاهي اهو شبد يا نام اسان جي اندر آهي تہ بہ اسان اُن اوچي، سچي ۽ پوتر ڌن کي ڪڏهن بہ پڪڙي نہ سگهنداسين. تنهن ڪري اسان کي گهرجي تہ ڪنهن پوري گورمک جي تلاش ڪريون جو اسان جي خيال کي اُن شبد سان جوڙي مالڪ سان ميلاپ ڪرائي. ٻي ڪا بہ دنيا جي چيز اسانکي سچي ۽ اصلي خوشي نہ ڏيئي سگهندي. ٽين پاتشاهي گورو امرداس صاحب جن لکن ٿا:

”جي لک استريان ڀوڳ ڪري نو کنڊ راج ڪمائي،
بنا ستگورو سک نہ پائيئي ڦر ڦر جوني پائي.“

سائين بلي شاھ ڪنهڙي نہ زور سان پڪارين ٿا:

”بن مرشد ڪامل ”بليا“ تيري ايويں گئي عبادت ڪيتي.“

وري ٻئي هنڌ فرمائين ٿا:

”بليا شھ دي سنو حڪايت،
هادي ڦڙيان هوئي هدايت،
ميرا سائين شاھ عنايت، اوھر لنگهاوي پار.“

يعني سنتن مهاتمائن کي اسان جي اندر گهرڻي ڪجھ نہ وڻيو آهي. اها دولت اسانجي اندر ئي آهي ۽ پرماتما انسان جي واسطي ئي رکي آهي ۽ اسان کي پهنجي اندر ئي ملڻي آهي. انهن کي رڳو جڳتي ۽ ساڌن ئي سمجهائڻو آهي. جهڙيءَ طرح وديا جي طاقت هرهڪ انسان جي اندر آهي پر اها طاقت اسانجي اندر ستل هوندي آهي. جنهن وقت اسين سڪول يا ڪاليج ۾ ويندا آهيون، استادن جي تابعداري ڪندا آهيون، ڳالهيون ڳائيندا آهيون تہ اها ستل شڪتي اسان جي اندر جاڳرت ٿيندي آهي. پوءِ ئي اسين بي. اي، ايم. اي عالم فاضل ٿيا آهيون. جو شاگرد استادن کان ڏهي سڪول يا ڪاليج ۾ نہ ٿو وڃي جيترو بہ وديا جي طاقت تہ هنجي اندر ۾ آهي تہ بہ اها ستل ئي هلي ويندي. پر جي شاگرد تعليم پرائڻ ٿا اُنهن ۾ استاد علم گهرڻي تہ ڪونہ ٿو وڃي، رڳو استاد جي صحبت ۽ سنگت ڪرڻ سان ئي انهن جو عقل ۽ ذهن تيز ٿئي ٿو. اسان سڀني کي اها خبر آهي تہ ڪير جي اندر ڪجھ آهي. پر جيسين اسان کي جڳتي يا طريقي جي خبر نہ هجي تہ اسان اُن ڪم مان ڪجھ ڪڏهن بہ حاصل نہ ڪري سگهنداسين. ڪجھ هميشھ ڪير منجهان ئي نڪرندو پر جڳتيءَ کان سواءِ حاصل نہ ڪري سگهندو.

مهاتما چرنداس جن فرمائين ٿا:

"دوڌ مڌ جيئن گهيہ هئہ."

گرو نانڪ صاحب بہ اپديش ڪن ٿا:

"جيئن ڪاسٽ مهہ هئہ بئسنتر، مست سنجم ڪاڍ ڪڍيجي،
رام نام هئہ جوت سبائي، تت گورومت ڪاڍ ليجي."

يعني جهڙيءَ طرح لڪڙيءَ اندر باھ آهي پر اسان کي نظر ڪونہ ٿي اچي؛ نہ اسان اُن مان ڪو فائدو وٺي سگهون ٿا. جنهن وقت لڪڙيءَ تي لڪڙي رڳڙيون ٿا تہ اُن چڻنگيءَ ذريعي باھ پيدا بہ ڪريون ٿا؛ اُن مان فائدو بہ وٺون ٿا. اهڙيءَ طرح اها رام نام جي جوت اسان سيني جي اندر آهي پر گورمکن جي اپديش تي عمل ڪرڻ سان ئي اُن جوت کي پائي سگهون ٿا. گرو نانڪ صاحب تمام سندر مثال ڏيئي سمجهائين ٿا:

"گهر ۾ لال بهؤ مانڪ لادي،
من ڀرميا لهہ نہ سڪائيئي،
جيئن اوڏا ڪوپ گهج کن ڪاڍي،
تئن ستگورو وست لهائيئي."

يعني اسان جي گهر اندر يعني شرير ۾ پرماتما بيشمار نام روپي دولت رکي آهي پر اسان جو من ٻاهر ڀٽڪي ٿو ۽ من ۾ منجهيو پيو آهي. جيستائين شرير ۾ اندر وڃي کوج نہ ڪبي تيستائين اها دولت حاصل نہ ڪري سگهبي. هاڻي مثال ڏيون ٿا تہ ڪيترا دفعا پراڻيون آباديون هيٺان لڪيل کوھ مٽيءَ سان دٻجي ويندا آهن. اسان اُنهن زمين تي هلندا چلندا آهيون پر اسان کي خبر ڪونہ هوندي آهي تہ ڪو اُن هنڌ مٽيءَ هيٺان کوھ دٻيل آهي. پر اوڏ (Water-Diviners) پنهنجي علم ذريعي اسان کي ٻڌائيندا آهن تہ فلاڻي هنڌ کوٽائي ڪرڻ تہ اوهان کي مٽيءَ هيٺان لڪيل کوھ ملي ويندو. اوڏ

سچي ڳالهه ڪر ڪوهه لاهي مٿيءَ هيٺان ڏٺي اسانکي خبر ڪرڻ نه ڏين، ٻر ڪوهه اُني اڳي ئي هوندو آهي. هنکي رڳو اُنجو علم هوندو آهي جنهنجو فائدو وٺي اسان اُن ڪوهه جو استعمال ڪري سگهندا آهيون. اهڙيءَ طرح مهاتمائن ڪي اسان جي اندر ڪابه چيز وجهڻي ڪرڻ آهي. هنن کي اهو علم ۽ واقفيت آهي ته اسانجي اندر پرماتما آهي ۽ پرماتما سان ملڻ جو رستو به اسانجي اندر ئي آهي. اهي اسانکي اُن رستي لئي آڻيندا آهن. انڪري اسانکي سنتن مهاتمائن جي تلاش ڪرڻي پوي ٿي. اُنهن جي سنگت ۽ صحبت ۾ رهڻو پوي ٿو. اسان جي من تي هميشه سنگت ۽ صحبت جو اثر پوي ٿو. جي اسين شرابين جي سنگت ۽ صحبت ڪريون ٿا ته اسان ۾ به اها عادت پوي ٿي ۽ جي جوئارين جي سنگت يا صحبت ۾ رهون ٿا ته جوئا جا ئي خيال اسانجي من ۾ اچڻ شروع ٿين ٿا. جي اسين مالڪ جي ڀڳتن ۽ پيارن جي صحبت ڪنداسين ته چاڪاڻ ته هو پرماتما جي ڀڳتيءَ ۾ لڳل آهن تنهڪري اُنهن کي ڏسي اسان ۾ به پرماتما جي ملڻ جو شوق ۽ پيار پيدا ٿيندو. گرو نانڪ صاحب سمجهائين ٿا:

”ساڪت سوت ٻهُ گهرجي ٻريا ڪيوُن ڪر تان ٽيجي،
تس سوت ڪچ لکسي ناهين ساڪت سنگ نه ڪيجي.“

يعني جيڪڏهن سٽ ڏاڍو منجهيل آهي ۽ اُن ۾ ڏاڍيون ڳنڍيون آهن ته اُن سٽ مان ڪڏهن به ڪپڙو اُڻي نه سگهبو. اهڙيءَ طرح منمکن جو من ساريءَ دنيا ۾ ڏاڍو ڦهليل آهي. هو ڏينهن رات اندرين جي پوڄا ۽ وشيه وڪارن ۾ ئي لڳل رهن ٿا، اُنهن جي سنگ ۾ وڃي اسانجو خيال ڪيئن پربرهم ڀڳتيءَ ۾ لڳندو! وري اڳتي اُپديش ڪن ٿا:

”ساڪت نر پراڻي سد پوکي لت پوکن پوک ڪراجي،
ڏاوت ڏاني، ڏاني پربت مانيا لک ڪوٽن ڪروت ڌراجي.“

يعني منمڪ شخص سدائين ٻکيا آهن. پرماتما اُنهن کي چاهي ڪيترو ئي ڏئي. اُنهن کي چاهي نيڪ اولاد هجي، ڌن دولت هجي، دنيا ۾ مان شان ۽ عزت هجي ۽ صحت به سٺي هجي تہ به اهي ڪڏهن به پرماتما کان پرمانما نہ گهرندا. اهي هميشه پرماتما کان پنهنجون دنيوي خواهشون ۽ ترشنائون پوريون ڪرائڻ چاهين ٿا. جي شخص جو هميشه دنيا جي پدارٿن ۽ شڪلين پنيان ٿي ڦرندا رهن ٿا، گورو صاحب فرمائين ٿا تہ اهڙن ماڻهن جو ڪڏهن پلجي بہ سنگ نہ ڪرڻ گهرجي. بلڪ لڪ ڪوهہ دور رهڻ گهرجي. هاڻي سوال اُٿي ٿو تہ پوءِ ڀلا ڪنهن جي سنگت ڪرڻ گهرجي؟ پاڻيهي گورو صاحب پڻ هيئن فرمائين ٿا:

”گوبند جيئو ست سنگت ميل هر ڌيائيئي.“

يعني اي پرماتما! سادن، سنتن ۽ مهاتمائن جي سنگت ڏي تہ جيئن تنهنجو پتو لڳي ۽ تنهنجي طرف اسانجو خيال وڃي. مهاتما سدائين ستسنگ لي زور ڏين ٿا ڇاڪاڻ تہ گور مکن جي ستسنگ ۾ وڃي ئي پتو پوندو آهي تہ آتما ۽ پرماتما جو ناتو ڪهڙو آهي، آتما ۽ پرماتما جي وچ ۾ رڪاوٽ ڪهڙيءَ چيز جي آهي ۽ اهي رڪاوٽون اسانجي اندر مان ڪيئن دور ٿي سگهنديون. مهاتما ستسنگ اُن کي نہ ٿا ڪوٺين جتي هڪ قوم ٻيءَ قوم جي گلا يا چغلي ڪندي هجي يا جنهن جاءِ تي هڪ مذهب پڻ مذهب جي گلي ڪاٽڻ جون تدبيرون سوچيندو هجي يا جنهن هنڌ گذريل راجائن ۽ مهاراجائن جون پراڻيون ڪٿائون ۽ آکاڻيون ٻڌايون وينديون هجن. مهاتمائن جي ستسنگ ۾ ڪنهنجي بہ نندا يا چغلي نہ ڪئي ويندي آهي. اهي صرف اسان ۾ مالڪ جي ملڻ جو شوق ۽ پيار پيدا ڪندا آهن. ۽ اسانکي مالڪ سان ملڻ جو

رستو، طريقو ۽ ساڌن ٻڌائيندا آهن. اها تہ ڏاڍي ئي واجب ڳالهہ آهي تہ جيڪڏهن ڪو اسان جي عقل ۽ مرضيءَ موجب مالڪ جي ڀڳتي نہ ڪري تہ اسين هنڌڪي ڏنڊا ڀڄڻ شروع ڪرائون ۽ هن کي ٺلاوڻ ٻهان ڊيچارڻ شروع ڪرائون. سچ پچ تہ اباڻکي ٻين کي پيار سان سمجهائڻ گهرجي تہ پاڻ هن رستي تي هلي اسان کي هي فائدو پراپت ٿيو آهي ۽ جي ٿيهنجي بہ عقل ۽ سمجهہ پراچي تہ ٿون بہ هن رستي تي هلي فائدو پاڻي سگهين ٿو. اها تہ ڏاڍي خراب ۽ نامناسب ڳالهہ آهي تہ جي ڪو ڪنهنجي عقل مطابق مالڪ جي ڀڳتي نٿو ڪري تہ هن کي اسان گهٽ وڌ ڳالهائڻ شروع ڪرائون. گرو نانڪ صاحب سمجهائين ٿا:

"بس سنگت نا ڪو جاڻيتي جتي اڪو نام بکاڻيتي."

يعني اصلي ستسنگ تہ پوري گرو جي موجودگيءَ ۾ ڪي سگهي ٿو. جيستائين پورو ۽ سچو گرو نہ هجي جو اندروالي شبد جو رستو ٻڌائي ۽ جو خود اُن شبد ۽ واهگروءَ سان مليل هجي ۽ ٻين کي بہ ان سان ملائڻ جي شڪتي رکندو هجي تيستائين اُنکي اصلي سم سنگ نہ سڏي سگهبو. گرو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:

"ستگرو باجهون سنگت نہ هوئي،
بن سبدي پار نہ پائي ڪوئي."

ڪبير صاحب بہ ستسنگ جي اتم ئي مهما ڪن ٿا:

"ڪبير سنگت ساڌ کي جو ڪي ڀُوسي کاءِ،
کير کانڊ ڀوجن ملي ساڪت سنگ نہ جاءِ."

اڳلاءِ اڳتي سمجهائين ٿا:

"ايڪ گهڙي آڌي گهڙي آڌي سي ڀي آڌ،
ڪبير سنگت ساڌ ڪي ڪٽي ڪرت اپراڌ."

اهوئي سوامي جي مهاراج جن اُپديش ڪن ٿا:

"متر تيرا ڪوئي نهين سنگين ڀ،
پڙا ڪيون سووي ان نگين ڀ؛
چيت ڪر پريت ڪرو ست سنگ ڀ،
گورو قر رنگ دي نام ارنگ ڀ."

هڪ ٻئي هنڌ ۾ سمجهائين ٿا:

"اڪ لون ڪيون رها جگ ۾ پيٽڪ ۾ ڪيا ملي پائي،
ڪٽڪ لون ڏار اپ من ۾ کوج ست سنگ ۾ جائي."

وري مولانا صاحب ۾ پنهنجي ڪلام ۾ فرمائين ٿا:

"هم نشيني ساعتي با اوليا، بهتر از صد ساله طاعت بي ريا."

يعني فرمائين ٿا تہ مالڪ جي ڀڳتن ۽ پيارن جي هڪ گهڙيءَ جي بہ سنگت ۽ صحبت من ۽ بُڌيءَ موجب ڪيل سؤ سالن جي بندگيءَ کان بهتر آهي چاڪاڻ تہ جي رستو آهي اوير طرف ۽ اسين ٻوڙون اولهہ طرف تہ اسين پنهنجي منزل مقصد کان ٻاڻ وڌيڪ دور ٿيندا ويندا اسين. هر هڪ مهاتما اسانجي اندر ست سنگ ذريعي ئي مالڪ سان ملڻ جو شوق ۽ پيار پيدا ڪري ٿو.

سنتن جو اصلي سروپ

سنتن جو اصلي سروپ شبد يا نام ئي هوندو آهي. مهاتما اُن شبد يا نام منجهان ئي ايندا آهن ۽ اسان جي خيال کي اُن شبد يا نام سان ملائي، اُن نام اندر ئي واپس وڃي سمائجن ٿا. چاڪاڻ تہ انسان جو اُستاد انسان ئي ٿي سگهي ٿو. ديوي ديوتا تہ ڪنهن ڏٺا ڪونہ آهن ۽ پرماتما جي سروپ جو ڪنهن کي پتو ئي ڪونہ آهي، تنهنڪري جيستائين اسانکي ڪو اسان جهڙو انسان ئي نہ سمجهائي تيستائين اُن مالڪ بابت اسانکي ڪا بہ پوجهہ نہ پئجي سگهندي. تنهنڪري حضرت عيسيٰ

انهن مهاتمائن کي ”ديهه ڌاري شبد“ (Word made flesh)
جي بيان ڪيو آهي. فرمائين ٿا ته جنهن وقت اهو شبد انسان
جي جامي ۾ اچي ٿو ته اهو اسان جي لاءِ ديهه ڌاري گرو
بڻجي ٿو. پرماتما ۽ شبد هڪ ئي چيز آهي.
حضرت عيسيٰ چيو آهي:

"I and Father are one" (John 10:30)

يعني ته مان ۽ پتا هڪڙي آهيون.

"In the beginning was the Word and Word was with God, and Word was God" (John 1:2)

ته شروع شروع ۾ شبد هو ۽ شبد پرماتما سان گڏ هو ۽ شبد پرماتما هو.
وڌيڪ فرمائين ٿا:

"And the Word was made Flesh and dwelt among us." (John 1:14)

”اهو شبد ديهه ڌاري ٿيو ۽ اسان جي وچ ۾ اچي ڏيرو ڪيو.“
عيسيٰ ٻيهر ٻي واري ۾ فرمائين ٿا:

"I came from the Father, and am come into the world again, I leave the world and go to the Father." ([illegible])

[illegible] دنيا ۾ پتا وٽان آيو آهيان ۽ جڏهن
[illegible] ٿيندو، ته پتا ڏي وڃي سمائبس.
[illegible] سو هيا پيد نه جانو مانس ديها،
[illegible] ترنگ اپي ته پاني ۾ سللي سلل سمائيندا.“
[illegible] فرمائين ٿا ته مالڪ ۽ مالڪ جي ڀڳتن ۾
[illegible] آهي مالڪ جي ڀڳتي ڪري مالڪ جو
[illegible] لکيل آهي:
”[illegible] اهو پرلي.“

يعني تہ برهم جي ڄاڻڻ وارو برهم ٿي ٿي ويندو آهي. جهڙيءَ طرح سمنڊ جون لهرون اُٿن ٿيون ۽ پوءِ سمنڊ ۾ ئي وڃي سمائجن ٿيون، اهڙيءَ طرح جهڙو لاڳاپو هڪ لهر جو سمنڊ سان آهي تهڙو ئي رشتو مالڪ جي ڀڳتن جو مالڪ سان هوندو آهي. هرهڪ مهاتما اُن ستنام سمنڊ جي لهر هوندو آهي جو دنيا ۾ اچي اسانجي خيال کي اُن شبد يا نام سان جوڙي بلڪ اسانکي ساڻ ولي وڃي اُن ستنام جي سمنڊ ۾ سمائبو آهي. يا ائيا ۾ چئجي تہ اُهو پرماتما جڏهن اسانکي ديهہ جي بندن کان ڇڏائڻ چاهيندو آهي تہ اهو خود گورمک جي اندر ويهي اسانجي خيال کي شبد سان ڳنڍي، اسانکي واپس ولي وڃي پاڻ ۾ ئي ملائي ڇڏيندو آهي.

گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:

"ستگورو وچ آپ رکيون، ڪر پرگهٽ آک سنايا."

يعني گورو ۽ پرماتما هڪ ئي آهي. ٻنهي ۾ صرف اِهوئي تفاوت آهي تہ پرماتما گوروءَ جو ئي اصلي سروپ آهي ۽ گورو انساني قالب (ديهہ) ۾ رب آهي. جيستائين پرماتما اسانجي انساني جامي جي سطح (Level) تي گوروءَ جي روپ ۾ نٿو اچي تيستائين اُهو اسان سان پنهنجو تعلق پيدا نہ ٿو ڪري سگهي. اُهو پرماتما گوروءَ اندر ويهي پاڻ ڳالهائي ٿو:

"بن ڪايا برهم ڪئسي بولي،
برهم بولي ڪايا ڪي اولي."

گورو نانڪ صاحب سمجهائين ٿا:

"گورو ۾ آپ رکيا ڪرتاري."

وري ٻئي هنڌ لکن ٿا:

"سمند ورول شرير هم ديکيا اِڪ وست انوپ دکائي،
گورو گوبند، گوبند گورو هئہ، نانڪ ڀيد نہ پائي."

گورو صاحب سمجهائين ٿا تہ اسان شرير اندر شبد جي

ڪماليءَ ڪري ڏٺو آهي ته برهما ۽ گرو هڪ ئي آهن.
ٻنهي ۾ ڪوبه فرق ڪونهي. وري لکن ٿا:

"گرو پرميشور ايڪو جان."

مولانا روم صاحب به فرمائين ٿا:

"در بشر روپوش ڪرد اسم آفتاب."

يعني انسان جي اندر (روحاني) سج پنهنجو پاڻ کي لڪائي
رکيو آهي. اهائي ڳالهه ٻئي شاعر سمجهائين ٿا:

"مولا آدمي بن آيا."

ڪبير صاحب به انهن ئي اپديش ڪن ٿا:

"رام ڪبير ايڪ هئي، ڪهن سنن ڪو دوئي،
دوئي ڪو سوئي جاني جي ستگرو ملا نه هوئي."

اهائي ڳالهه حضرت عيسيٰ چئي رهيا آهن:

"Believe me that I am in Father, and the Father in me" (John 14:11)

يعني مونتي وشواس ڪر ته مان پتا ۾ آهيان ۽ پتا مون ۾
آهي.

"The Father is in me, and I in Him." (John 10:38)

"پتا مون ۾ آهي ۽ مان پتا ۾ آهيان."

اهڙي سوامي جي مهاراج فرمائين ٿا:

"راڌا سوامي ڌرا نر روپ جڳت ۾،
گرو هوئه جيو چتائي."

راڌا سواميءَ جي معنيٰ آهي ڪل مالڪ آهي.
نامديو جن به فرمائين ٿا:

"آنو رام ديهه ڌرين، لن من هري ڪو ديکو،
ڪهت نامديو ٻل ٻل جائون، هري ڀڄ اور نه ليکو."

شمس تبريز جن بہ چون ٿا:

"آن بادشاهِ اعظم در بسته بود محڪم،
پوشيده دلقِ آدم يعني ڪ بردر آمد."

اصلي گورو اسانکي ٻاهرين رسمن ۽ رواجن ۾ نہ ٿو ڦاسائي
بلڪ شبد جي ڪمائي ڪرڻ جو طريقو ٻڌائي ٿو. پورو گورو
اسانکي اسان جي شرير اندرئين اصلي گهر وڃڻ جو رستو
ڏيکاري ٿو. گورو نانڪ جن سمجهائين ٿا:

"گهر ۾ گهر ڏکلاءِ دي، سو ستگورو پرک سجان،
پنچ شبد ڌنڪار ڌن، تهه باجي شبد نشان."

اِهوئي سوامي جي مهاراجن جو تجربو آهي. فرمائين ٿا:

"گهر ۾ گهر گورو ڏکلاوين،
ڌن شبد پانچ ٻتلاوين."

مهاتما سمجهائين ٿا ته اسانجي نج گهر يعني سچکنڊ پهچڻ
تائين اسانجي انـدر پنج منزلون آهن. حضرت عيسيٰ ـ
اِهوئي اشارو ڏنو آهي جڏهن فرمائين ٿا:

"In my Father's house are many mansions."
(John 14 : 2)

يعني منهنجي پتا جي گهر ۾ گهڻيئي رهڻ جا استان آهن.
هر هڪ منزل کي پنهنجو پنهنجو شبد آهي. سچو
گورو اسانجي خيال کي انهن پنجن منزلن مان وٺي انهن پنجن
شبدن يا ڌنين سان جوڙي اسانکي پرماتما تائين پهچائي ٿو.
اصل ۾ شبد ته هڪ ئي آهي ليڪن هرڪنهن منزل تي اُن
جو آواز جدا جدا آهي ۽ الڳ الڳ پرڪاش آهي. مثال طور
ڪا ندي جبلن مان نڪري ٿي ۽ سمنڊ ۾ وڃي سمائجي
ٿي. پر ان نديءَ جي وهڪري جو آواز مختلف هنڌن تي
الڳ الڳ آهي. جڏهن جبلن مان نڪري ٿي اتي هڪ قسم
جو آواز آهي ته وري جڏهن ڪڏن ۽ ڌڙن تان لنگهي ٿي ته

اهي ئي قسم جو آواز آهي. تنهن کانپوءِ جڏهن ميدان مان
لنگهي ٿي ته اهي علحدو آواز ٻڌيس ٿو ۽ جڏهن ان نديءَ جو
ڪٿي آبشار لهي ٿو ته اهي ورِي آواز ۾ ترق اچيس ٿو ۽
پڇاڙيءَ جو جڏهن اهالي ندي سمنڊ ۾ وڃي سمائجي ٿي ته
اهي بلڪل نرالو آواز ڪري ٿي. ليڪن هر جڳهه ندي اها
ساڳي ئي آهي. ڪبير صاحب جو پنهنجي مشهور شبد
"ڪر نئنون ديدار محل ۾ پيارا هئه" ۾ پنجن شبدن جو ورڻن
ڪن ٿا ۽ شبد جي ساڌنا تي زور ڏين ٿا:

"ساڌو شبد ساڌنا ڪيجي."

"جهه شبد سي پرڪهٽ ڀئي سيء،
سوئي شبد گهه ليجي."

مولانا روم صاحب جن فرمائين ٿا:

"ته هشتر فلڪ اربعه پنج پائي،
چو خيمه ز شش جهت برڪنده باشي."

جڏهن تون هيٺين ڇهن چڪرن مان نڪري ستين آسمان ۾
پهچندين ته اهي پنج اربعون وجندڙون ٻڌندين.
اهڙيءَ طرح شمس تبريز پنهنجي ڪلام ۾ لکن ٿا:

"خاموش پنج اربعه بشنو ز آسماني،
ڪ آن آسمان بيرون ز آن هشته و اين شش آمده."

يعني چون ٿا ته خاموشيءَ سان آسمان جون پنج اربعون
ٻڌ. اهو آسمان اسانجي ستن آسمانن ۽ ڇهن چڪرن کان ٻاهر
آهي. وري ٻئي هنڌ لکن ٿا:

"هر روز پنج نوبت بر در اي،
- همين ڪو بند ڪوس ڪبريائي."

يعني ته هر روز ان جي دروازي تي پنج خدائي نغارا
وڄن ٿا.

آنند صاحب ۾ به هر روز پڙهندا آهيون:

"واڄي پنچ شبد لت گهر سڀاڳي،
گهر سڀاڳي شبد واڄي، ڪلا جت گهر ڌاريا؛
پنچ دوت تڌ وس ڪيتي، ڪال ڪنٽڪ ماريا."

ڪبير صاحب به فرمائين ٿا:

"پنجي شبد اناحد واڄي، سنگي سارنگ پاني،
ڪبير داس تيري آرتي ڪيني، نرڪار نرباني."

پڳت ييني به گرنت صاحب ۾ فرمائين ٿا:

"پنچ شبد نرمائل باڄي، ۾ لڪي چنور سنک گهن گاڄي،
دل مل دئتيو گورمک گيان، ييني جاچي تيرا نام."

سچو گورو

سچو ۽ پورو گورو اهوئي آهي جو انهن پنجن شبدن ذريعي اسانکي پنهنجي سچي گهر ولي وڃي. سوامي جي مهاراج به اهائي ڳالهه پنهنجي باڻيءَ ۾ لکن ٿا ته شبد سروپي، شبد ابياسي گوروءَ جي ئي تلاش ڪرڻ گهرجي، فرمائين ٿا:

"گورو سوئي جو شبد سنيهي، شبد بنا دوسر نهين سيئي،
شبد ڪماوي سو گورو پورا، اُن چرنن ڪي هوجا ڌوڙا.
اور پهچان ڪرو مت ڪوئي، لڪش الڪش نه ديکو سوئي،
شبد ييد لي ڪر تم اُن سي، شبد ڪماوو تم تن من سي."

حضرت عيسيٰ به ائين ئي فرمائين ٿا:

"If the blind leads the blind, both shall fall into the ditch. (Matthew 15:14)

يعني جي مهاتما پورو نه هوندو ته اهو پنهنجي شش سميت ٻڏي ويندو. گرو نانڪ صاحب به اهوئي سمجهائين ٿا:

"ستگرو پورا شبد سنائي، ان دن پڳت ڪرو لؤ لائي."

پلٽو صاحب ۾ اپديش ڪن ٿا:

”ڌن آئي جو ڳڳن ڪي سو ميرا ڪرو ڏيو.“

پوري ۽ سچي ڪروءَ جي اهائي پرک آهي ته هو اسانجي آتما کي ان انحد شبد سان جوڙي. جيهنڪي اهڙو ڪرو ملي وڃي ته اهو شخص پنهنجي اندر ۾ ان سچي ۽ مٺي شبد کي ٻڌڻ شروع ڪري ٿو جو شروع شروع ۾ گهنڊ جي آواز جهڙو آهي. گرو ارجن صاحب پنهنجي پاتشاهي لکن ٿا:

”گهنٽا جا ڪي سيتي چو ڪسنه.“

گرو نانڪ صاحب پوري گروءَ جي مهما ليکن ٿا:

”ڪهه نانڪ جن ستگرو پورا، واجي تاڪي انحد تورا“.

وري فرمائين ٿا:

”اکند ڪيرتن تن پرچن چورا، ڪهه نانڪ جن ستگرو پورا.“

چون ٿا ته ٻي الحه ۽ ڪلهن ۾ ٻند نه ٿيڻ وارو جو سچو ۽ سريلو راڳ آهي اهو انحد شبد ٿي آهي. اهو شبد هميشه اسانجي اندر وڄڻ وارو ربي يعني خدائي آواز آهي. سچو گرو پنهنجي سيوڪ کي ان شبد جي ٻڌڻ جو ڀيد ۽ طريقو ٻڌائي ٿو. هو ان انحد شبد کي اندر ۾ ٻڌڻ ۽ ليمه ان ۾ سمائجڻ سکاري ٿو. گرو خود ان شبد يا نام سان جڙيل آهي ۽ اسان کي به ان شبد يا نام سان جوڙي پرماتما ۾ سمائي ڇڏي ٿو. حضرت عيسيٰ به بائيبل ۾ اشارو ڏنو آهي.

"He that hath seen me hath seen the Father."

(John 14:7:9)

يعني جنهن مونکي ڏٺو آهي سمجهو تنهن پرماتما کي ڏٺو آهي.

سوامي جي مهاراج جن به لکن :

”شبد ڀيد تم گرو سي پائو،

شبد مانهه تم جاءِ سمائو.“

حقيقت ۾ گروءَ جو اصلي روپ شبدئي آهي. اُن شبد
سرير ۾ فقط دنيا جي جيون کي سمجهائڻ ۽ چتائڻ لاءِ ئي
ڌارڻ ڪيو آهي ۽ نڪي جيو جو اصلي روپ هيءُ شرير آهي.
هي شرير ته گروءَ ۽ شش ٻنهي کي هت دنيا ۾ ئي ڇڏڻو
پوي ٿو. شش جو اصلي روپ آتما آهي جا آخر ۾ وڃي اُن
شبد ۾ ئي سمائبي. گرو پنهنجو شرير ڇڏڻ کانپوءِ به شبد
سروپ سان شش جي سنڀال ڪري ٿو. حضرت عيسيٰ جن
بائيبل ۾ چون ٿا:

"These things have I spoken unto you, being yet present with you. But the Comforter (Shabad) which is the Holy Ghost, whom the Father will send in my name, He shall teach you all things to your remembrance, whatsoever I have said unto you."

(John 14:25:26)

يعني مون هي ڳالهيون توهان سان گڏ رهي توهان کي چيون
آهن. پر سهائڪ يعني پوتر آتما جنهنکي پتا منهنجي نالي
سان موڪليندو اهو توهانکي سڀ ڳالهيون سيکاريندو ۽
جيڪي به مون اوهانکي ٻڌايو آهي اهو سڀ ڪجهه اوهانکي
ياد ڪرائيندو.

اڳتي جڏهن مان هي شرير ڇڏي هليو ويندس ته اهو
مالڪ منهنجي نوراني سروپ ۾ اُن شبد کي اوهانجي اندر
پرگهٽ ڪندو ۽ پوءِ نوراني سروپ توهانجي سنڀال ۽
رهنمائي ڪندو.

گرو سچ پچ ته شبدئي آهي. هو جيون لاءِ هن دنيا ۾
شرير ڌاري اُن مالڪ تائين پهچائڻ جو ذريعو بڻجي ٿو. پوءِ
پنهنجو ڪم پورو ڪري اُن شبد ۾ ئي وڃي سمائجي ٿو.
اهڙيءَ طرح جيو جي آتما به اُن شبد جو ئي حصو آهي ۽

ڪنهن سچي گروءَ جي ڳالهه هوءَ نه واپس وڃي شبد ۾
سمائجي ٿي. گرو نانڪ صاحب به اهوئي فرمائين ٿا:

"شبد گرو سرت ڌن چيلا."

جيڪي مهاتمائون اڳي ٿي گذريا آهن اهي پورڻ هئا پر اُنهن مان هينئر اسين فائدو نه وٺي سگهنداسين. هن وقت اسانکي ڪنهن ديهه ڌاري زنده مهاتما جي تلاش ڪرڻي پوندي. جي ڪوئي بيمار هن وقت چوي ته مونکي پنهنجو علاج لقمان حڪيم کان ڪرائڻو آهي ته لقمان حڪيم هاڻي هن بيمار جي علاج لاءِ ڪونه ايندو. هنکي نه هاڻي ڪنهن موجوده ڊاڪٽر يا حڪيم وٽ وڃڻو پوندو. جيڪڏهن ڪو سک چوي ته مان پنهنجي مقدمي جو نيصلو مهاراجا رنجيت سنگهه کان ڪرائيندس ته مهاراجا رنجيت سنگهه هنجي نيصاي ڪرڻ لاءِ هاڻي ڪونه ايندو. هنکي هاڻي ڪنهن موجوده مئجسٽريٽ يا حاڪم جي عدالت ۾ ئي وڃڻو پوندو. جيڪڏهن ڪا عورت چوي ته هوءَ راجا وڪرماجيت سان شادي ڪرڻ ٿي چاهي ته هوءَ غلط آهي. ڇاڪاڻ ته راجا وڪرماجيت ته هاڻي هن سان شادي ڪرڻ لاءِ ڪونه ايندو ڀلهڪري وقت جو حڪيم، وقت جو حاڪم ۽ وقت جو پتي ئي هن وقت ڪم اچي سگهن ٿا. ساڳيءَ طرح اسانکي به موجوده گروءَ جي ضرورت آهي ۽ انهيءَ وسيلي ئي اسانجو ڪارج سڌ ٿيندو. ساڳيو ئي اشارو حضرت عيسيٰ بائيبل ۾ John the Baptist جي بابت ۾ ڪندي لکيو آهي:

"*He was a burning and shining light; and ye were willing for a season to rejoice in His light*".
(John 5:35)

يعني هو ته ٻرندڙ ۽ چمڪندڙ پرڪاش هو ۽ اوهانکي
وقت تائين هنجي جوت ۾ مگن رهڻ سٺو لڳو.

وري پنهنجي باري ۾ حضرت عيسيٰ بلڪل صاف لفظن ۾ فرمائين ٿا:

"I must work the works of Him that sent me, while it is day; the night cometh when no man can work. As long as I am in the world I am the light of the world." (John 9:4:5)

يعني جنهن مونکي موڪليو آهي انهيءَ جو ڪم اسان کي ڏينهن هوندي يعني پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪرڻ جڳائي ڇاڪاڻ تہ اها رات اچڻ واري آهي جڏهن ڪجهہ بہ ڪم نہ ٿي سگهندو. جيستائين مان جڳت ۾ آهيان تيستائين مان جڳت جي جوت آهيان.

گروءَ جي ضرورت صرف انلائن آهي تہ هو اسان جهڙو انسان ٿي اسان کي سڀ ڪا ڳالهہ چڱيءَ طرح سمجهائي سگهي ٿو. جيڪڏهن موجوده گروءَ بنا پڳتي ٿي سگهي ها تہ پوءِ وقت بوقت مهاتما هن سنسار ۾ ديهڌاري ڇو اچن ها؟ گذريل مهاتما پنهنجو ڪم پورو ڪري واپس وڃي پرماتما ۾ سمايا. هاڻي تہ اسانکي زندهہ مهاتما جي ضرورت آهي جو اسان جهڙو انسان ٿي اسان کي سمجهائي. دنيا جو ڪو بہ ڪم اُستاد کان سواءِ نہ ٿو سکي سگهجي. توهين ڏسو تہ انجنيري ۽ ڊاڪٽريءَ تي تجربيڪار ليکڪن جي ڪتابن سان لئبررين ڀريون پيون آهن پر ڪو بہ شخص اهڙو نہ ملندو جو صرف اهي ڪتاب پڙهي ڪري ئي انجنير يا ڊاڪٽر بڻيو هجي. پندرهن ويهہ سال اُستادن جي صحبت ۽ سنگت ڪري، محنت ڪري اُنهن جي واقفيت ...لي ٿي. اسانکي ننڍي هوندي کان ئي هر منزل تي هر ...ڪنهن ڪم ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اُستاد يا رهبر جي ضرورت ...ي رهي آهي. روحانيت جو مسئلو ڏاڍو پيچيدو آهي.

جيستائين ڪو اسان کي اهڙو رهبر نه ملي جو اندر روحاني
منزلن تي پهتل هجي ۽ جيسين اسين هنجي لهرين جو فائدو
نه وٺون تيستائين اندر هڪ قدم به نه وڌي سگهنداسين.
پهرين اسان جو اصلي گرو اهو شبد يا نام آهي جو اسان
سڀني جي اندر آهي پر لڪل ۽ اسين ان شبد کي پنهنجي
اندر پڪڙي نه سگهنداسين جيسين ڪ اهو شبد يا نام ڏيڻ
وارو ڪري يعني انساني جامي ۾ گرو اچي اسانجي مدد
نه ڪري. گرو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:—

"باڻي گرو، گرو هي باڻي وچ باڻي امرت ساريه
گرو باڻي ڪهي سيوڪ جن ماني، پرتک گرو نستاري"

فرمائين ٿا ته گرو شبد آهي ۽ شبد گرو آهي ۽ ان شبد
۾ ئي اصلي امرت آهي. گرو ان شبد جو ئي اشارو ڪري
ٿو. سک ان کي مڃي پنهنجو خيال شبد سان جوڙي ٿو.
پر سکي صرف ديهه ڌاري گرو ئي ڏيئي سگهي ٿو.
چاڪاڻ ته اسين انسان آهيون تنهنڪري اسين گرو به ديهه
ڌاري چاهيون ٿا جنهن کان پڇا ڳاڇا ڪري سگهون، جنهن
سان ڳالهائي سگهون ۽ ان سان پيار ڪري سگهون ۽ جو
اسانجي اندر ان شبد جي ڌارا کي پرگهٽ ڪري سگهي.
گذريل مهاتما يا سندن لکيل ڪتاب اهو ڪم نه ڪري
سگهندا. اهي مهاتمائون پورن هئا ۽ جيڪي ان وقت
انهنجي سنگ ۾ آيا انهن کي اهي مهاتمائون فائدو پهچائي
ويا. اسان جيسين پرماتما کي ڏٺو نه آهي تيسين هن سان
پيار ڪيئن ڪري سگهنداسين؟ اڃا صرف اسانجي من جي
ڪلپنا آهي. اهڙيءَ طرح جي مهاتمائون تي گذري آهن انهن
سان پيار ڪرڻ ۽ هڪ ئي بنياد ۽ من جو ورمت پرم آهي.
ڇاڪاڻ ته اهي پرماتما وٽ واپس وڃي چڪا آهن ۽
نه هو ... ڪرڻون انڪري اسانجو انهن سان ڪنهن به طرح

سڌو تعلق نٿو ٿي سگهي. ھاڻي تہ ڪو زندہ ديهہ ڌاري گورو ملي تڏھن ٿي اسان جو ھن سان پيار ٿي سگهي ٿو ۽ ھنجو پيار ٿي اسانکي پرماتما جي پيار ۾ لڳائي سگهي ٿو.

سچا ۽ پورا گورو ھن قسمن جا ٿيندا آھن. ھڪڙا تہ اُھي جي سدا سچکنڊ کان ايندا آھن ۽ جنم کان ٿي سنت ھوندا آھن. ٻيا اُھي جي شبد جي ڪمائي ڪري پنھنجي گوروءَ جي ديا مھر سان سچکنڊ پھچي وڃن ٿا ۽ پنھنجي زندگيءَ ۾ ٿي سنت بڻجي وڃن ٿا. جڏھن اسان ڪنھن اھڙي مھاتما جي شرن حاصل ڪريون ٿا تہ ھو اسان کي نام ڏيئي بيفڪر نہ ٿو رھي پر اسان کي ڌر ڌام پھچائڻ جي ذميواري کڻي ٿو. گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:—

"گورو ميري سنگہ سدا ھر نالي"

وري فرمائين ٿا:—

"گورو کي داتہ نہ ميٽي ڪوئي،
جس بخشي تس تاري سوئي"

حضرت عيسيٰ بہ فرمائي ٿو:—

"And I give unto them eternal life, and they shall never perish neither shall any man pluck them out of my hand." (John 10 : 28)

يعني مان انھنکي امر زندگي ڏيان ٿو ۽ ھو ڪڏھن بہ ناس نہ ٿيندا ۽ ھننکي مونکان ڪو الڳہ ڪري نہ سگهندو.

جن تي ستگورو پنھنجي ڇاپ لڳائيتو اُنھن کي پوءِ جمدوتن سان گڏ وڃڻو نہ ٿو پوي. ھن جي نام جي بخشيش کي اسان کان ڪو بہ کسي نہ ٿو سگهي.

ھڪ ٻيا ھنڌ زوردار لفظن ۾ حضرت عيسيٰ چيو آھي:

"Heaven and earth shall pass away but my words shall not pass away." (John 10 : 28)

"سمرت نام ڪل وڪ سڀ ڪاٽي،
ڌرمراء ڪي ڪاغذ ڦاٽي."
"ڌرمراء اب ڪيا ڪريگو، ڇو ڦاٽو سگلو ليکا."

حضرت عيسيٰ به بائيبل ۾ چون ٿا:

"Blessed are they, that hear the Word of God and keep it." (Luke 11 : 28)

....

"He that heareth my Word hath everlasting life and is passed from death unto life." (John 5 24)

يعني ته اُهي خوش قسمت آهن جي پنهنجي اندر ان شبد کي ٻڌن ٿا ۽ سنڀالي رکن ٿا.

فرمائين ٿا ته جنهنکي مان ان شبد سان جوڙيان ٿو اهو موت جي پنجي کان ڇٽي هميشه لاءِ امر زندگي پائي ٿو.

اهڙا مهاتمائون دنيا ۾ اچن ٿا پر تمام ٿورا. هو سڄڻ پريمين ۽ جگياسن کي شبد يا نام جو رستو ڏيکارڻ لاءِ هر سمي دنيا ۾ ايندا رهنتا پر ٿورا. گورو نانڪ صاحب لکن ٿا:

"جگ جگ سنت پلي پرڀ تيري."

ائين ناهي ته ڪو سچا مهاتمائون ڪنهن خاص وقت لئي اچن ٿا ۽ نه اُهي ڪنهن خاص ملڪ يا خاص قوم جي بندشن ۾ هوندا آهن. هرهڪ جگ ۾ مهاتمائون ٿيندا آيا آهن ۽ هو ڪنهن به قوم يا مذهب يا ملڪ ۾ اچي سگهن ٿا. گورو صاحب فرمائين ٿا:

"جگ جگ پيڙهي چلي ستگورو ڪي،
جني گورمک نام ڌيائيا."
"هر جگو جگو جگ جگو جگو،
سد پيڙهي گورو چلندي."

ساڳئي وقت هڪ کان وڌيڪ پورن مهاتما ٿي سگهن ٿا. اهڙا مهاتمائون دنيا ۾ سوسائٽيءَ يا قوم لئي بوجو ٿين نٿا اُهي ٻلڪ پنهنجي محنت جي ڪمائي ڪري ساڌ سنگت جي مفت سيوا ڪن ٿا. گرو نانڪ صاحب خود پنهنجي هٿن سان کيتي ڪئي، پنهنجي ٻارن ٻچن جي پالنا ڪئي ۽ ساڌ سنگت جي مفت سيوا ڪئي. پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ سمجهائين ٿا:

"گرو پير سدائي مڱڻ جائي تاڪي مول نه لاڳو پائي،
گهال کائي ڪڇ هٿون دي نانڪ راهه پڇاڻي سي."

يعني جي گرو ۽ پير ٿي پنهنجي شش ۽ سيوڪن کان منگدو وتي ٿو يعني پنهنجي ذاتي خرچ لاءِ ڪجهه وٺي ٿو ته اُهي چرڻن لئي متر ٿي نه ليکيو. جو مهاتما خود پنهنجي محنت جي ڪمائي ڪري پنهنجي پالنا ڪري ٿو ۽ ساڌ سنگت جي مفت سيوا ڪري ٿو اهڙي مهاتما جي ڪرج ڪرڻ گهرجي. حضرت عيسيٰ به بائيبل ۾ فرمائين ٿا:

"Freely ye have received, freely give."
(Matthew 10 : 8)

يعني توکي نام جي دولت مفت ملي آهي انهيءَ ڪري مفت ۾ انکي ونڊ. ڪبير صاحب جي زندگيءَ مان اسانکي خبر پوي ٿي ته هنن سڄي عمر ڪپڙو اُڻي پنهنجو گذر ڪيو، پنهنجي ٻارن ٻچن جي پالنا ڪئي ۽ ساڌ سنگت جي مفت سيوا ڪئي جيتوڻيڪ بلخ بخارا جو بادشاهه هنجو سيوڪ هو جو دنيا جي هر نعمت ۽ آرام هنکي ڏئي سگهيو ٿي. هو پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ لکن ٿا:

"شش ڪو اَئسا چاهيئي گرو ڪو سرٻس دي،
گرو ڪو ائسا چاهيئي شش ڪا ڪڇو نه لي."

وري ٻئي هنڌ فرمائين ٿا:

"مر جانون مانگون نهين، اپني تن کي ڪاج،
پرمارٿ کي ڪارني، موهي نہ آوي لاج."

يعني سنت مهاتما اسانجا شيوا ۾ ڏنل پئسا ٻين جي پراپڪار ۾ لڳائي ڇڏيندا آهن تہ جئن اسانجي ڪمائي سڦلي ٿئي. پر پنهنجي واسطي ڪڏهن بہ ڪنهنجي اڳيان هٿ نہ ڦهلائيندا آهن. سوامي جي مهاراج جن بہ پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ اهوئي فرمائين ٿا:

"گورو نهين ڀوکا تيري ڌن ڪا، اُن پئہ ڌن هئہ ڀڳتي نام ڪا،
پر تيرا اُپڪار ڪراوين، ڀوکي پياسي کو دلاوين."

مهاتما روداس بہ سڄي عمر جتيون ناهي گذارو ڪيو حالانڪ کتري راجپوت راجا پيپا سندن سيوڪ هو ۽ ميواڙ جي راڻي ميران ٻائي بہ هنجي ششِ هئي. ميران ٻائيءَ جي زندگيءَ جو ورتانت آهي تہ هنکي برادريءَ وارن طعنو هنيو تہ تون خود محلن ۾ راڻي ٿيڄي ويٺي آهين پر تنهنجو گورو پيو جتيون ناهي گذارو ڪري. پريمي سيوڪ لاءِ پنهنجي سنگوروءَ جي باري ۾ طعنو ٻڌڻ ڏاڍو مشڪل ٿيندو آهي. تنهنڪري هيءَ هڪڙو قيمتي هيرو کڻي روداس جن وٽ آئي ۽ عرض ڪيائين تہ اي گرديو! لوڪ مونکي طعنا ٿا ڏين. اوهان مهرباني ڪري هيءَ هيرو وڪڻي ڪا سٺي جاءِ ٺهرايو ۽ ان ۾ رهي عزت جي زندگي گذاريو. تنهن تي روداس مهاتما سمجهايس تہ ڌيءَ! مونکي جو ڪجھ بہ مليو آهي اُهو هنن جتين ٺاهڻ مان مليو آهي، هن ڪوندي جي ٻناڻيءَ مان مليو آهي. مهاتما زندگيءَ ۾ مثال ٿي ڏيکاريندا آهن تہ ڪهڙيءَ طرح دنيا ۾ رهندي، دنيا جو ڪم ڪار ڪندي بہ مالڪ جي ڀڳتي ڪرڻي آهي. مهاتما ائين ڪونہ ٿا چون تہ گهر ٻار ڇڏي جهنگلن ۽ پهاڙن ۾ هليا وڃو ۽ سنياس ڌارڻ ڪريو. اٿي وڃي ڪو مالڪ جي ملڻ جو

"سچي شبد سچي پت هوئي،
بن نامي مڪت نہ پائي ڪوئي،
بن ستگورو ڪوئي نام نہ پائي،
پربهي اَئسي بنت بنائي هئہ."

يعني فرمائين ٿا تہ مالڪ پنهنجي ملڻ لاءِ اهڙوئي قدرتي قانون ٺاهيو آهي تہ سچي شبد يا نام جي ڪمائيءَ ڪانسواءِ اسان ڪڏهن بہ مڪتي حاصل ڪري نہ سگهنداسين ۽ گورمکن ڪانسواءِ اسانکي نام جي ڪمائي ڪرڻ جي طريقي ۽ ساڌن جو پتوئي نہ پوندو. حضرت عيسيٰ بہ ان طرف اشارو ڪن ٿا:

"I say unto thee, except a man be born again he can not see the kingdom of God." (John 3:3)

يعني تہ جيستائين اوهان نئون جنم نہ وٺندا توهان ڪڏهن بہ ان پرماتما جي گهر ۾ داخل نہ ٿي سگهندا. نئون جنم وٺڻ جو مطلب اٿيءَ نام يا شبد سان جڙڻ آهي جنهنکي پائي اسانجو تعلق هن ناسونت دنيا سان ٽٽي پوي ٿو ۽ اسين پنهنجي پرماتما جي گهر وڃڻ جا حقدار ٿيون ٿا، جئن گورو صاحبن پنهنجي باڻيءَ ۾ فرمايو آهي:

"ستگورو ڪي جنمي گون متايا."

هڪ ٻئي هنڌ بہ حضرت عيسيٰ فرمائين ٿا:

"Now ye are clean through the Word which I have spoken unto you." (John 15:3)

يعني مون جو هاڻي اوهانکي شبد سان جوڙيو آهي تنهنڪري توهين گناهن کان آجا ٿي چڪا آهيو. اهو مالڪ خود مختيار آهي. هو جيڪو چاهي پنهنجي ملڻ جو طريقو مقرر ڪري سگهي ٿو. ان ۾ ڪنهنجو ڪو دخل ناهي. جا ڳالهه پرماتما کي منظور آهي اها شبد يا نام جي ڪمائي

آهي. گرو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:

"بن نامي ھور پوج نہ ھوئي پرم پلي لوڪائي."

يعني تہ دنيا فضول پرمن ۾ پئجي ھن چوراسيءَ جي جيلخاني ۾ ڦٽي ڦري. اُن نام کانسواءِ مڪتي حاصل ڪرڻ جو ڪو رستو ئي ڪونهي. گرو صاحب اڳتي سمجھائين ٿا:

"نام وسار چلي ان مارگ، انت ڪال پڇتائي ھو."

يعني نام جي ڪمائي ڪرڻ جو رستو ڇڏي جيڪڏھن اسين ڪنھن ٻئي رستي تي ھلڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا تہ انت ويلي پڇتائڻو پوندو ڇاڪاڻ تہ پنھنجو قيمتي وقت اجايو فضول ڳالھين ۾ وڃايوسين. وري اڳتي سمجھائين ٿا:

"بن نامي دريوئي ناھين تان جم ڪري خواري."

يعني شبد يا نام جي ڪمائيءَ کانسواءِ مالڪ جي درگاھ ۾ وڃڻ جي ڪڏھن بہ اجازت نہ ملي. جمدوتن جي ھٿان خراب خوار ٿيڻو پوي ٿو. اھائي ڳالھ سوامي جي مھاراج جن فرمائين ٿا:

"گرو ڪھين ڪول ڪر پائي، لگ شبد اناحد جائي،
بن شبد اپاو نہ دوجا، ڪايا ڪا ڇٽي نہ ڪوجا."

يعني شبد يا نام جي ڪمائيءَ کانسواءِ ٻيو ڪو بہ اُپاءُ يا طريقو ڪونهي جنھن سان اسين ديھ جي بندن کان ڇوٽڪارو پائي سگھون. باقي جيڪي بہ ساڌن آھن جھڙوڪ جپ تپ، پوڄا پاٺ، دان پن وغيره انھن سڀني جو ڦل اسانکي ضرور ملندو آھي پر انھن جي ڦل وٺڻ لاءِ اسانکي وري بہ ديھہ جي بندن ۾ اچڻو پوي ٿو. راجا مھاراجا ٿي ايندا سين، سيٺ شاھوڪار ٿي ايندا سين، قومن، مذھبن ۽ ملڪن جي حڪومت حاصل ڪري ايندا سين. وڏ ۾ وڏ وٺڪيٺ ۽ سرڳ تائين پھچي وينداسين. پر اُھي بہ پوڳ جوڻيون آھن ۽ انھن

جو بہ معياد آهي. ان ڪانوءِ اسانکي وري ٻيهر چوراسيءَ
جي چڪر ۾ اچڻو پوي ٿو. ليڪن نام جي ڪمائي اسانکي
هميشہ لاءِ ديهہ جي بندڻن کان آزاد ڪري ڇڏي ٿي.
گرو نانڪ صاحب سمجهائين ٿا:

"سچون اُري سڀ ڪو، اوپر سچ آچار."

يعني تہ انهن سڀني ڳالهين جو ٿل شبد جي ڪمائيءَ جي
ٿل کان گهٽ آهي ڇاڪاڻ تہ اسين ڪال جي دائري اندر ئي رهون
ٿا. شبد جي ڪمائيءَ جو ٿل سڀ کان وڏيڪ آهي. اهو اسان
کي ڪال جي دائري کان ٻاهر وٺي وڃي ٿو ڇاڪاڻ تہ اها
ئي چيز اسانکي من ۽ مايا جي دائري کان ٻاهر وٺي وڃي
سگهي ٿي جا من ۽ مايا جي دائري کان مٿان ايندي هجي.
اهو شبد سچکنڊ کان اچي ٿو. ڪال جي حد برهم ۽ ترلوڪيءَ
تائين آهي. تنهنڪري اسان شبد کي پڪڙي ڪال جي
دائري کان ٻاهر نڪري وڃون ٿا.

سوامي جي مهاراج جن فرمائين ٿا:—

شبد ڪمائي ڪر اي ميت شبد پرتاپ ڪال ڪر جيت.
شبد گهاٽ لون گهٽ ۾ ديک شبد هي شبد پير ڪر پيک.
شبد ڪرم کي ريک ڪٽاوي شبد شبد سي جاءِ ملاوي.
شبد بنا سب جهرنا گيان شبد بنا سب ٿوٿا ڌيان.
شبد ڇوڙ مت اوڙي اجان راڌا سوامي ڪهين بکان.

گرو نانڪ صاحب بہ ائين ئي چون ٿا:—

"هر نامي ٿل نہ پهچني سڀ ڊلي تونڪ وجائي."

تہ اسان چڱيءَ طرح تجربو ڪري ڏٺو آهي تہ ڪابہ چيز نام
ڀڳتيءَ جو مقابلو نہ ٿي ڪري سگهي.

گرو صاحب وري بہ هنڌ لکن ٿا:—

"سوهت پنجو برهم کي انڀي برلٺهار،
سچ چڱي امرت پيئي اڌي ٿان انڪاوار."

اسان جي آتما طوطو آهي ۽ هي شرير هڪ پڃرو آهي. جهڙيءَ طرح طوطو پڃري سان پيار لڳائي قسمين قسمين ٻوليون ٻوليندو آهي اهڙيءَ طرح اسان جي آتما به هن شرير سان پيار لڳائي ويٺي آهي. اُن اندر ويهي ڪڏهن روئي ٿي، ڪڏهن کلي ٿي ۽ ڪڏهن سک ته ڪڏهن دک محسوس ڪري ٿي. جيڪڏهن اسان جي آتما هن شرير جو پيار ڇڏي ڏئي ۽ اُن جي اندر پرماتما جيڪو سچ يا شبد جو روپ رکيو آهي اُهو ڪاڻڻ لڳي ۽ اُن شبد روپي امرت کي پيئڻ شروع ڪري ته هيءَ هميشه واسطي هن ديهه جي بندن کان آزاد ٿي پوي. گورو نانڪ صاحب هڪ تمام سٺو مثال ڏيئي سمجهائين ٿا:—

اُنڪ ڪرم ڪيئي اهتيري جو ڪيجي سو بندن پيري.
ڪ رتا بيج بيجي نهين جمي سڀ لاها مول گنوائيندا.
ڪلجگ ۾ ڪيرتن پرڌانا گورمک جپيئي لائي ڌيانا.
آپ ترې سگلي ڪل تاري هر درگهه پت سئن جائيندا“

نام جي ڪمائيءَ کانسواءِ اسان جيڪي به ساڌن يا طريقا مڪتي پائڻ لاءِ اختيار ڪريون ٿا، اُهي اسانکي پاڻ وڌيڪ ديهه جي بندن ۾ ڦاسائين ٿا. جيڪڏهن اسان زمين ۾ ٻـي ٻڌائتو ٻج پوکيون، چاهي اسان اُن زمين ۾ ڪيترو به هر هلايون ۽ کهڙو به سٺو پاڻ وجهون ۽ پاڻي وغيره به وقت سر ڏيون تڏهن به اُهو فصل ڪڏهن نه لڻي سگهنداسين. اسانجي سموري محنت، ٻج ۽ خرچ اجايا وڃن ٿا. اهڙيءَ طرح ڪلجگ ۾ اچي جو مڪتي حاصل ڪرڻ جو اصلي ٻج آهي اُهو شبد يا نام جي ڪمائي آهي، جنهنجي پوري پوري ڄاڻ صرف پوري ستگوروءَ کان ملي سگهي ٿي.

سوامي جي مهاراج جن به لکن ٿا:—

”ڪلجگ ڪرم ڌرم نهين ڪوئي. نام بنا اُڌار نه هوئي“

گرو نانڪ صاحب ۾ فرمائين ٿا:—

”ڪلجگ رام نام بوھٿا گورومگ پار لنگھائي.“

ڪلجگ ۾ اھي جيڪڏھن ستيءَ ۾ ستسو، سرواشت ۾ سرواشت ڪرم آھي ته اھو صرف نام جي ڪمائي آھي. انھيءَ لفظي کي گرو نانڪ صاحب جن ايترو ٿي چڱيءَ طرح سمجھائين ٿا.

”اِس جگ ڪا ڌرم پڙھو تم پاٺي،
پوري گرو سب سوجھي پائي،
ابتي آکي ھرنام سکائي.“

يعني چار جگ ھڪ ٻئي پٺيان چڪر لڳائي رھيا آھن ۽ ھرھڪ جگ ۾ اسانجي زندگيءَ جو حالتون بلڪل نراليون ھونديون آھن. ستجگ ۾ اسانجي عمر تمام وڏي ھئي. اسان جي صحت به سٺي ھئي ۽ دنيا ۾ به اسانجو خيال خاص ڦھليل نه ھو. معمولي ساڌنا سان اسانجو خيال مالڪ جي پڳنيءَ طرف رجوع ليندو ھو. جئن جئن جگ بدلبا ويا تئن تئن اسانجي عمر به گھٽبي ويئي ۽ صحت به ڪمزور ليندي ويئي. ۽ خيال به دنيا اندر وڌيڪ ڦاسندو ويو. تنھنڪري مالڪ جي پڳنيءَ لاءِ جيڪي ساڌن اسانکي سڀ جگ ۾ ڪم ڏيندا ھئا سي ھيئر ڪلجگ ۾ ڪارائتا نه آھن. ڪلجگ ۾ ته ھرڪنھن جو اھو ئي آزمودو آھي ته ڪو خوش قسمت انسان سئو يا اسي سال جيئرو رھي. تو ۽ صحت به اھڙي. نه ڪمزور آھي جو ڪلاڪ ڏيڍ ۾ لڳاتار مالڪ جي پڳنيءَ ۾ آسڻ لڳائي ويھي نتا سگھون ۽ اسانجو خيال دنيا ۾ ايترو ته ڦھليل آھي جو پنج منٽ به ڪنھن مسئلي کي سوچڻ لاءِ اسانجو من پوريءَ طرح نه ٿو لڳي. گرو صاحب سمجھائين ٿا ته جيڪڏھن اسين ڪلجگ ۾ اچي زندگيءَ جا ڏينھن سک ۽ شانتيءَ سان گذارڻ

چاهيون ٿا ۽ واپس وڃي پرماتما سان ملڻ چاهيون ٿا ته اسان
لاءِ صرف نام جي ڪمائيءَ جو رستو ئي کليل آهي. ڪلجگ
۾ اچي مهاتمائن ڏاڍو ڪولي نام جو پرچار ڪيو آهي. اسانجو
من اسانکي اُن شبد يا نام جي ڪمائيءَ طرف وڃڻ ئي ڪونه
ٿو ڏئي. بلڪ هميشه پوڄا پاٺ، جپ تپ، دان پن وغيره
۾ ئي ڦاسائي رکي ٿو. گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:

"پوڄا ڪري سب لوڪ سنتو، من مک ٿائي نه پائي،
شبد مري من نرمل سنتو، ايهه پوڄا ٿائي پائي."

يعني اسين دنيا جا جيو پنهنجي پنهنجي عقل موجب اُن
پرماتما جي ڀڳتي ڪرڻ جي ڪوشش برابر ڪريون ٿا ۽ چاڪاڻ
ته اسانجي آتما جو لاڙو پنهنجي اصل يعني پرماتما طرف زور
لڳائي ٿو. اُن اثر هيٺ اچي اسين پرماتما کي ڳولهيون ٿا
ليڪن من جي چوڻ موجب ڀڳتي ڪريون ٿا. اها ڀڳتي
اسانکي ڪڏهن پنهنجي ٺڪاڻي تي نه پهچائيندي. اسانجو
ٺڪاڻو سچکنڊ آهي ۽ من جي حد برهم ديس تائين پوري
ٿي وڃي ٿي. شبد يا نام جي ڪمائي ڪرڻ سان ئي اسانجو
من نرمل ٿئي ٿو ۽ اها نام جي ڪمائي ئي اسانکي پنهنجي
اصلي ٺڪاڻي يعني اصلي گهر سچکنڊ ۾ پهچائي ٿي. هرڪا
ڀڳتي اسانکي پرماتما سان نه ٿي ملائي صرف نام جي ڪمائي
ئي مالڪ تائين پهچائي ٿي. سوامي جي مهاراج جن فرمائين ٿا:

"اب يهه ديهه ملي ڪرپا سي، ڪرو ڀڳتي جو ڪرم دها."

يعني هيءَ منش ديهه مالڪ جي وڏي بخشش سان ملي
آهي. اُن انساني جامي ۾ ويهي اها ڀڳتي ڪريون جا صرف
شبد يا نام جي ڪمائي آهي ۽ جنهن سان ڪرمن جو سلسلو
ختم ٿئي ٿو. گورو نانڪ صاحب سمجهائين ٿا:

"پوڄا ڪري پر ٻڌ نهين جاني، دوجي ڀائي مل لائي."

يعني اسانکي اصلي ڀڳتي ڪرڻ جي طريقي جي خبر ئي

ڪرڻ لئي ٻري ۽ غلط رسمي لئي هلي پنهنجا پاپ ۽ ڪرم
وڌائي رهيا آهيون. اهڙي ڳالهه حضرت عيسىٰ بائيبل ۾
چئي آهي:

"Ye Worship ye know not what."

لوڪ انهيءَ جي پوڄا ڪري رهيو آهي جنهن کي لوڪ
سڃاڻي نٿو.

سوامي جي مهاراج جن ۾ اهڙيءَ طرح سمجهائين ٿا:

"قدرت ڌرم ٻڪڙ ڪر جوڙيو، پرڄيو نه شبد جڳت پارا،
پاڻي مٽي هاڻ ڪي ناهين، ڪير مٿن آلس پارا.
جيو اپاڪ ڪڍون مٿن ڪيا ڪيا، باهر پرمي پر جارا،
انتر مک جو شبد ڪمائي، تا مين من ڪو ڪوهين گارا."

جيڪو مالڪ جي ڀڳتيءَ جو اصلي طريقو آهي يعني شبد
جي ڪمائي، اُنکي ڀڪڙا جي ۾ اسين ڪوشش ئي ڪونه
ٿا ڪريون. سدائين ٻاهر لئي ٻاهر رسمن ۽ رواجن ۾ ئي قائل
رهون ٿا ۽ ڪرم ڪانڊ ۾ ئي اڳتيل رهون ٿا. انهيءَ ڪرم
ڪانڊ کي سوامي جي مهاراج جن قدرت ڌرم ڪري سمجهائين
ٿا. اسين جلدي کي ٻڪڙي وڃا آهيون ۾ سار وستوءَ کي
ڳولها لئي ڪونه ٿا ڪريون. مثال ڏيئي سمجهائين ٿا ته انسان
سڄي عمر پاڻي ئي ولوڙيندا رهون ٿا جنهن مان ڪجهه به
حاصل نه ٿيندو. پر جڏهن کير کي ولوڙينداسين ته اُن مان مکڻ
ملندو. تنهنڪري سمجهائين ٿا ته پنهنجي من کي اُن شبد
سان جوڙڻ گهرجي. اُن سان ملي ئي اسانجو من نرمل ۽ پوتر
ٿي سگهي ٿو. گرو نانڪ صاحب سمجهائين ٿا:

"شبد وسار تنا لوڪ نه ٿاءِ،
پرمي پرلي جڻ سنجي گهر ڪان.
هلت پلت تني دووي گوائي،
دکي دک وهاڻيان."

يعني تہ جيڪي شخص شبد يا نام جي ڪرچ نتا ڪن انهن کي نہ هن دنيا ۾ ڪٿي ٺڪاڻو آهي ۽ نہ ٻيءَ دنيا ۾ ڪو ٺڪاڻو ملي سگهندو. جهڙي طرح ڪنهن خالي گهر ۾ ڪو ڪانءُ ڪٿي سڄو ڏينهن پيو ٺهي ٺهي پر اُنکي کاڌي لاءِ ڪجهہ بہ نہ ملندو. اهڙيءَ طرح اسين هن چوراسيءَ جي جيلخاني ۾ پيا ڦرون. اهڙا شخص جي شبد يا نام جي ڪرچ نتا ڪن سي پنهنجو دين ۽ دنيا ٻئي گنوائين ٿا. حضرت عيسيٰ بہ شبد يا نام جي مهما بنسبت ٻڌائين ٿا:

"Whosoever speaketh against the Holy Ghost, it shall not be forgiven him, neither in this world, neither in the world to come." (Matthew 12:32)

يعني جي شخص اُن ڪان مک موڙين ٿا ۽ شبد جي نندا ڪن ٿا انهنجو گناهہ نہ هن دنيا ۾ معاف ٿي سگهندو ۽ نہ ٻيءَ دنيا ۾. چاڪاڻ تہ نام جي ڪمائي ڪري ئي اسين جنم جنمانترن جي ديهہ جي ٻندنن ڪان ڇوٽڪارو پائي واپس وڃي پرماتما سان ملي سگهون ٿا. تنهنڪري مهاتما سمجهائين ٿا تہ اُن نام جي بخشيش کي پنهنجي اندر ئي هضم ڪرڻ گهرجي. ڪوڏين وانگر ڪڙڪائڻ نہ گهرجي. اسانکي نام جي ڪمائي مان وڏائي حاصل ڪرڻ لاءِ نہ ڪرڻي آهي. رڌي سڌي، جپ تپ، پوجا پاٺ، دان پڃ وغيره انهن سڀني جو جيڪو ڦل آهي سو سڀ شبد يا نام جي ڪمائيءَ ۾ اچي وڃي ٿو. جئن تہ چوندا آهن تہ "هاٿيءَ جي پير ۾ سڀ جو پير." جنهن وقت اسان جي زبان تي رات ڏينهن ان پرماتما جو نام چڙهيل آهي يعني اسين ان مالڪ جي نام جي سمرن ۾ لڳل آهيون تہ ان ڪان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو جپ ٿيندو؟ جنهن وقت اسين پنهنجو پاڻکي ان مالڪ جي حوالي ڪريون ٿا ۽ اُن جي رضا ۾ راضي آهيون تہ اُن ڪان

وڏي ۾ ڪوڙي تپسيا ليندي؟ وري جنهن وقت پنهنجي
اندر رام ڏسون انحد باڻي ٻڌون ٿا ته اُن کان وڌيڪ ٻيو
ڪوڙو پاسو ليندو؟ جڏهن ستگورن جي سروپ جو ڌيان
رام ڏسون پيار سان ڪريون ٿا ته اُن کان وڌي ۾ ڪوڙي
پوڄا ٿي سگهي ٿي؟ جنهن وقت اُن نام روپي امرت کي
پي اسان جو من دنيا کان اداس ٿي پوي ٿو ته ان کان وڌيڪ
ٻيو ڪوڙو وئراڳ ٿي سگهي ٿو؟ نه گهر ٻار ڇڏڻ جي ضرورت
آهي ۽ نه ٻارن ٻچن کي تياڳڻ جي ضرورت آهي بلڪ پنهنجي
اندر ئي گورمکن جي ڏسيل شبد يا نام جي لذت حاصل
ڪرڻي آهي. نام جي ڪمائي مالڪ جي بخشش حاصل
ڪرڻ لاءِ ڪرڻي آهي. جيترو به اسين ان مالڪ جي بخشش
کي پنهنجي اندر هضم ڪنداسين اوترو ئي اهو مالڪ اسان
تي وڌيڪ بخشش ۽ مهر ڪندو. ڪبير صاحب فرمائين ٿا:

"نام رتن ڌن پاءِ ڪر، گانٺي باند نه کول،
نهين پٽن نهين پارکي، نهين گاهڪ نهين مول."

يعني ته اها نام روپي دولت حاصل ڪري انکي اندر
اندر ئي لڪائي رکو جو اُنجي باهر خوشبوءِ به نه اچي ڇاڪاڻ
ته نه دنيا ۾ اُنجو ڪوئي اڌڪاري آهي نه ڪنهن کي
ڪوڙي جي پهچان ٿي آهي ۽ نه وري ڪو اُنجو خريدار
ئي آهي. (دنيا جا ماڻهو ته ڌن پتن جا گراهڪ آهن، ڌن
دولت جا خواهشمند آهن) ۽ نه وري ڪو اُنجي قيمت ڏيڻ لاءِ
تيار آهي. اُنجي قيمت ڪوڙي ڏئي ٻڌندي آهي؟ پنهنجو
پاڻ مالڪ جي حوالي ڪرڻ. يعني ته جنهن به حالت ۾ اهو
مالڪ رکي اُن حالت ۾ ئي راضي رهي نام جي ڪمائي
ڪرڻي آهي. ڪبير صاحب ٻئي هنڌ به سمجهائين ٿا:

"سڀي رسائن هم ڪري، نهين نام سم ڪوءِ
رنچڪ گهٽ ۾ سنچري، سڪل ٿن ڪنچن هوءِ."

فرمائين ٿا ته اسان دنيا جي هر قسم جي رسائن کي آزمايو آهي، پر نام جي برابر ڪا به رسائڻ ڪانه آهي. اُن جي هڪ رتي به جيڪڏهن شرير ۾ پرگهٽ ٿي پوي ته اسانجو شرير سونو ٿي پوي، يعني ته هن مانش جنم وٺڻ جو مقصد پورو ٿي وڃي. اهڙيءَ طرح گورو نانڪ صاحب سمجهائين ٿا:—

”پارکيا وٿ سمهال لئي گرو سوجهي هوئي،
نام پدارٿ اَمل سا گورومک پاوي ڪوئي“

جن کي هن چيز جي پرک ۽ قدر آهي اُهي اُنکي ڏاڍو سنڀالي سنڀالي رکندا آهن ۽ اُهو قدر به گورمکن جي صحبت ۽ سنگت ڪرڻ سان ايندو آهي. جيڪڏهين اسانکي ڪو قيمتي هيرو هٿ لڳندو آهي ته اسان اُن کي ڪهڙيءَ ريت سنڀالي سنڀالي لڪائي رکندا آهيون. ڪپهه ۾ ويڙهي مضبوط پيٽين ۾ بند ڪري رکندا آهيون. اُنجي چابي هميشه ڇاتيءَ سان لڳائي رکندا آهيون. پنهنجي زال ۽ ٻارن کي به خبر نه ڏيندا آهيون ته متان اُهي گم نه ڪري ڇڏين. اِهو هيرو ته هڪ معمولي دنيا جي چيز آهي جنهنجي قيمت وري به ڪٿي سگهون ٿا. پر اُهو نام جنهن جي اسان قيمت ڪٿي ئي نه ٿا سگهون، جنهنکي مهاتما اَملهه ۽ اَمولڪ سڏين ٿا، جنهنکي پائي اسين خود مالڪ بڻجي پئون ٿا، اُنجي ڪيتري سنڀال ڪرڻ گهرجي اُنجو اندازو خود اوهين لڳائي سگهو ٿا.

حضرت عيسيٰ به بائيبل ۾ فرمائين ٿا ته انهيءَ دولت جا گراهڪ عام ڪونهن. اُهي وڏي قيمت وارا يعني بي بها موتي ڪتن ۽ سوئرن اڳيان نه اُڇليو. اُهي اُن جو قدر نه ڄاڻي سگهندا.

سوامي جي مهاراج جن فرمائين ٿا:—

”پريت پرتيت گورو کي ڪرنا نام رسائن گهٽ ۾ ڌرنا.“

جهڙيءَ طرح رسائن اسانجي جسم ۾ وڃي جسم جي

سڀني بيمارين کي دور ڪري ٿي ۽ اهڙيءَ طرح اسانکي
نام پنهنجي اندر ساڳي رکڻو آهي ۽ هضم ڪرڻو
آهي. اسانکي نام جي ڪمائي هميشه مالڪ جو گراهڪ ٿيڻي
ڪرڻي آهي، مالڪ جي ملڻ واسطي ڪرڻي آهي نه ڪ ٻارن
ٻچن جي پيار حاصل ڪرڻ لاءِ يا دنيا جي حڪومت ڪرڻ لاءِ
ڪرڻي آهي. جيترو مالڪ جو سچو عشق ۽ پيار دل ۾ ڌاري
ان مالڪ کي چاهينداسين اوترو ئي هو پنهنجي ديا ۽
بخشش اسان تي ڪندو. جهڙيءَ طرح ٻيهر سرائتي برونڊ
يعني برسات جي پاڻيءَ لاءِ تڙڦندو آهي. ڏينهن رات انجي
لي رٽ لڳل هوندي آهي، اهڙيءَ طرح اسانجي اندر ۾
مالڪ جي ملڻ جي ۽ درشن ڪرڻ جي تڙف هئڻ گهرجي.
اسانکي اِن خيال سان مالڪ جي ڀڳتي نه ڪرڻ گهرجي ته
جي اهين نه ڪنداسين ته اسانجي ڪاروبار ۾ گهاٽو پئجي ويندو
يا ڌن دولت گهٽجي ويندي يا دنيا ۾ عزت مان هليو ويندو
يا ٻي ڪنهن قسم جو دنيوي نقصان ٿيندو. اهو مالڪ
جي ڀڳتي ڪرڻ جو ڪو اُلٽو طريقو آهي. اسين مالڪ
جي ڀڳتي انڪري ڪيون ٿا ته جيئن اسانجي اندر
مالڪ سان ملڻ جو سچو عشق ۽ سچو پيار پيدا ٿئي. دنيوي
ڳالهين لاءِ مالڪ جي ڀڳتي ڪرڻ الهن آهي جئن ماڻهو اڪثر
نانگ جي پوڄا ڪندا آهن. اُهي نانگ جي ڀڳتي ان ڪري
ڪرڻ ڪندا آهن ته ڪو اُنهن جو نانگن سان پيار هوندو آهي
پر اُهي ته نانگ جي ڏنگ ۽ زهر کان بچڻ لاءِ ئي نانگ
جي ڀڳتي ڪندا آهن. حقيقت ۾ ته ڌرم يا مذهب جو بنياد
پيار آهي ۽ نه ڪ ڊپ. تنهنڪري پنهنجي اندر مالڪ
جو سچو عشق ۽ سچو پيار پيدا ڪرڻو آهي